# ڪلام

## ريجھ علي شاھ

سھيڙيندڙ
پروفيسر منظور حسين کھڙو

ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ

# ڪلام ريجھ علي شاھ


تحقيق ۽ ترتيب

**پروفيسر منظور حسين کهڙو**



**ثقافت کاتو حڪومت سنڌ**

ڪراچي. 2011ع

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | ڪلام ريجهه علي شاهه |
| شاعري: | ريجهه علي شاهه |
| تحقيق ۽ ترتيب: | پروفيسر منظور حسين کهڙو |
| ڇاپو پهريون: | 2011ع |
| ڪمپيوٽر لي آئوٽ: | امتياز علي انصاري |
| ڇپيندڙ: | سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي |
| ڇپائيندڙ: | عبدالعزيز عقيلي |
| | سيڪريٽري ثقافت کاتو حڪومت سنڌ |
| قيمت: | 250.00 روپيا |


ڪتاب حاصل ڪرڻ لاءِ

**ثقافت کاتو ڪتاب گهر**

سامهون ايم پي اي هاسٽل

سر غلام حسين هدايت الله روڊ

ڪراچي 74400، سنڌ

فون: 99206073_021

# فهرست


اداري پاران 13

مهاڳ:---------- پروفيسر منظور حسين کهڙو 15

## سنڌي ڪلام - ڪافيون

1. اڄ درد دل ۾........... 41
2. اُٿي آتڻ هَلُ.......... (سر آسا) 41
3. اُٿي بندا ٿيءُ هوشيار....... (پيروي) 42
4. اُٿي پهرين سجاڻج پاڻ........... (سر سارنگ) 42
5. اُٿي عشق دي نال گذار......... •سر سارنگ) 43
6. اُٿي ڪاهه تون ڏينهان رات..... (سار سارنگ) 43
7. اُٿي ڳولهه ڏاها...... 44
8. اُٿيَ ور ڪي ووڙ...... (سر ڪوهياري) 44
9. اَڄ پنهنجي پاڻ ڪي...... (سر جوڳ) 45
10. اڄ سياٽي پائيندين الفي........... 45
11. اڄ عشق اسان وٽ آيو اڄ رمزن رنگ لايو..... 46
12. اڄ عشق اسان وٽ آيو آيو ديرو لايو........ 46
13. اڄ عشق عقل جو نبيريو قصو.......... (سر پيروي) 47
14. اڄ ڪُلي ويو سارو مطلب................ 47
15. اجوڪي حالت جي....... 48
16. اجهو آيو اسان جو امام............... (سر گجري) 48
17. اڇي پاءِ الفي تون........ 49

46. بيشڪ مرشد اسان جو حيدر علي علي آ........... 64
47. ٻُڏُ ٻوڙا ڇڏ موڙا........... 65
48. بيڙا ڪنڌيءَ لائين........... 65
49. پلي آئين عشق مون وٽ........... 66
50. پينر ياڱي منهنجي........... 66
51. تنهنجو همسر ناهي ڪو........... 67
52. تنهنجي قدرت تان قربان........... 68
53. تنهنجي ملڻ لاءِ اي پنهل........... 68
54. توبهہ زاري آ خواري........... 69
55. تانءِ تيڳر مئون ڇا ٿيندو........... 69
56. پار لڌي ويا وطن ڇڏي ويا........... 70
57. پاڪ فقير جو نام........... 71
58. پڇي ڏس لوڪ ساري ڪان........... 72
59. پون پُور مون کي اباڻن جا هر هر........... 73
60. پهرين ڏک ڏي پاڻ کي........... 73
61. پنهنجي سر حڪم ڪري........... 74
62. پنهنجي صحيح سڄڻ کي سڃاتم........... (سر آسا) 74
63. جتي عشق اچي لائي ڏم ڏڙيون........... 75
64. جتي عشق وڃي پنهنجو ديرو لائي........... 76
65. جوڳي جڳ ۾ جيئڙا........... 77
66. جي بار برهہ جو کڻين........... (سر آسا) 77
67. جيڪا سمجهو اها مون ساري........... (سر پيلو) 78
68. جاتو اسان کي جاڻ وارن........... (سر سورٺ) 78
69. جاڻ آيو هادي پاڪ اسان جو........... 79
70. چرين ڪرين گنهگارن جو........... 79
71. ڇڏي ڏي هيءَ فاني دنيا........... 80
72. چوٿو وڃائين عمر اجائي........... 81
73. حسين جي ارمان ۾........... 82

| | |
|---|---|
| 74. خواب اندر خواب ............ | 82 |
| 75. خوش وسو اي وطن وارئو............ | 83 |
| 76. دل اندر دلدار ڏنوسي ............ (سر سارنگ) | 84 |
| 77. دل ريجهائي راز انهيءَ ۾............ | 84 |
| 78. دم ديدار يار لاءِ............ | 85 |
| 79. دم يار لڌم ڳولهي ............ | 86 |
| 80. دنيا دو رنگي، چل پل چٽڪو............ | 86 |
| 81. ڏار ڪري ويا وندر وٺي ويا ............ | 87 |
| 82. ڏاڍو عشق عجب رنگ لايو آ............ | 88 |
| 83. ڏس تون ساري قرآن اندر............ | 88 |
| 84. ڏس هي قدرت جو سامان............ | 89 |
| 85. ڏئي ويا اباڻا، مون کي ڏاج ڏک جو............ | 89 |
| 86. رحم ڪر حال تي منهنجي يا رسول الله ﷺ............ | 90 |
| 87. روئي روئي ڏينهان رات ............ | 90 |
| 88. رهيو ڪو نہ گمان............ | 91 |
| 89. ساٿ ڪٽي ويا ............ | 92 |
| 90. سڀ ملي مؤمن ڪيو............ | 93 |
| 91. سخي حسين شهنشاهہ............ | 94 |
| 92. سنجهي جاڳ سهٽا ............ | 94 |
| 93. سواءِ عشق حقيءَ جي ............ | 95 |
| 94. سيّد سردار تون ............ | 96 |
| 95. شاهي شان ۽ شوق چڏياسي............ (سر لوڙائو) | 97 |
| 96. ظاهر مؤمن مرد سڏائين ............ (سر ڪاريهر) | 98 |
| 97. عشق اندر ۾ آڳ اٿاري............ (سر پيلو) | 98 |
| 98. عشق اندر آگ لائي............ | 99 |
| 99. عشق بنا ناهي ڳلي ............ (سر آسا) | 99 |
| 100. عشق جو مون در سجاتو............ | 100 |
| 101. عشق جي ابتي چال ............ | 100 |

| | |
|---|---|
| 102. عشق جي آتش التي آهي........... (سر لوڙائو) | 101 |
| 103. عشق سدائين جوان........... | 102 |
| 104. عشق ڦٽايو آرام........... | 103 |
| 105. عشق گهمايا ڍير ڍير........... (سر مانجهہ) | 104 |
| 106. عاشق سڏائي پاڻ کي........... | 105 |
| 107. عاشق جا الٽا خيال........... (سر لوڙائو) | 106 |
| 108. علم جو شهر محمّد ﷺ........... | 107 |
| 109. علي المرتضيٰ منهنجو پهريون امام........... | 107 |
| 110. عمر ساري ايڏانهن گذاريئي........... | 108 |
| 111. قبر جو کُڻُ ٿهري آ........... | 109 |
| 112. ڪاڏي وجان ڪيئن ڪيان........... | 110 |
| 113. ڪٿي ڪٿي آهن اجا تائين........... | 111 |
| 114. ڪڏهن ڪڏهن ڪڪر روئي ٿو........... | 111 |
| 115. ڪو ڪيئن چوي، ڪو ڪيئن چوي........... | 112 |
| 116. ڪونهي حال پائي........... | 113 |
| 117. ڪونهي عليءَ جو ثاني........... | 113 |
| 118. ڪهڙو اسان جو حال........... | 114 |
| 119. ڪير سڄاڻي ڪير ٿو ڄاڻي........... | 114 |
| 120. کُلي برهہ بازار........... | 115 |
| 121. گلا غيبت ڪئون........... (سر لوڙائو) | 115 |
| 122. ڳُجهي ڪيائون ڳول........... | 116 |
| 123. گهر ويٺي ڪجهہ ناهي ٿيٽو........... | 116 |
| 124. مارن بنا هتڙي........... | 117 |
| 125. ماڻهن ليکي ملنگ........... | 117 |
| 126. مرد بڻين تہ چڙ زمانو........... | 118 |
| 127. مسلم ڪي هاءِ! موذن........... | 118 |
| 128. مسلمان پائرو ارمان آهي........... | 119 |

129. منهنجي سيني هر هر ........... 119

130. منهنجي مارن جا ........... 120

131. مولا جي در جو سوالي ........... 120

132. مون سارو مطلب پايو........... (سر آسا) 121

133. مون صحيح سڄڻ کي سڃاتم ........... 121

134. مون کي عشق ڪيو اظهار ........... (سر سارنگ) 122

135. مون کي ياد ڪربلا جو ميدان آهي ........... 123

136. ميڏي بات ايماني ........... (سر پيلو) 124

137. نڌا سمجهو راز اسان جو........... (سر ڏناسري) 124

138. نڪري ٿي نروار........... (سر بلاولي) 125

139. نڊي ٿي اباٽا........... 125

140. وٺي هيڏو حال ........... (سر آسا) 126

141. وٺيو هل پاڻ سان........... 126

142. وهہ واهہ عشق جو اعليٰ شان ........... (سر پيروي) 127

143. يا علي مرتضيٰ افضل آهين ايمان ۾........... 128

144. حرمِ عزيز جي، جيڪو........... (اڻ پوري) 128

## سنڌي بيت 130_157

## متفرقہ ڪلام

**منقبت:** 159

1_ پهريون ثنا ڪر تون ادا، واحد القهار جي ...........

**مولود:** 162

1_ مدني مير مرسل پنهنجو روضو ڏيکار...........

2_ سچو تون سيّد آن ........... 163

**مرثيو:** 164

1_ زندگيءَ جو راز آهي داستانِ ڪربلا ...........

**قصيدا:** 165

1_ اسان جو رهنما هادي آهي اچڻ وارو...........

2_ حيدر اسان جو رهبر........... 166

# سرائكي كلام

## كافيون:


| | |
|---|---|
| 1. انت بحر دي كل نهين پوندي............ | 169 |
| 2. آجا آجا، آجا ميڈا همدرد............ | 170 |
| 3. آيا بنكي اساڈا رهنما............ | 170 |
| 4. آيا حيدر پير جرار............ | 171 |
| 5. بعد نبي رهبر ساڈا............ | 171 |
| 6. بيان نون كجهہ مين نہ آكان............ (سر لوڙائو) | 172 |
| 7. تون دردان دا دارون............ | 172 |
| 8. پير اساڈا اعليٰ اعليٰ............ | 173 |
| 9. جو كجهہ سمجهو............ | 174 |
| 10. حسين علي دا، نبي دا دلارا............ | 175 |
| 11. حيدر دين مبين............ | 175 |
| 12. حيدر شير ببر نر، حق دا والي............ | 176 |
| 13. رب ڈتيان علي كون............ | 176 |
| 14. ريجهہ انهين وچ رمز رلاكي............ | 177 |
| 15. زماني وچ نهين كوئي............ | 177 |
| 16. ساڈا حيدر پير كرار............ | 178 |
| 17. ساڈي پير دي در تون سوالي............ | 179 |
| 18. ساڈي ريت تي رمز نرالي............ | 180 |
| 19. سانون عشق لڳا اڄ كلهہ دانهين............ | 180 |
| 20. سانون عشقان رمزان لايان............ (سر كلياڻ) | 181 |
| 21. سانون عشقان سبق سكايا............ (سر پيروي) | 182 |
| 22. صدقا صدقا ميڈا مرشد............ | 183 |
| 23. عشق اندر ۾ آتش لاكي............ | 183 |
| 24. عشق دي بات سنو مل پائي............ | 184 |
| 25. عشق دي وچ اسرار ڈنوسي............ (سر بلاولي) | 184 |
| 26. عشق شاهہ امر بسم الله پڑهہ كي............ | 185 |

27. عشق منجهئون سپ سور نظر دي........... (سر ڪاريهر) 185
28. علي دي شان دا هر دم............ 186
29. علي عادل عدالت دا ............ 186
30. عمر ڳئي ساڏي رُلدي............ 187
31. ڪربل وچ مولا آيا............ 187
32. ڪيڙي پيڙي نون گهول گهتان ............ 188
33. گهن تون پاسا پنجان دا ............ 188
34. محبوب محمّد مصطفيٰ ﷺ............ 189
35. مستان مست قلندر لعل ............ 189
36. مڪي المدني............ 190
37. مولا علي دي سرداري............ 190
38. نہ جنگي هون نہ فرنگي هون ............ 191
39. نہ حالي هون نہ حوالي هون ............ 192
40. نئين سر سانون عشق لڳا هي ............ 193
41. وهہ واهہ رفتار عشاقان دي............ (سر پيلو) 193
42. هي تحقيق مرشد ميڏا ............ 194
43. يا امير المؤمنين ............ 194
44. يادگار زماني ۾............ 195

## متفرقہ ڪلام

**مولود:** 197
1. دنيا ۾ عجب سهڻا دلدار محمّد هي............
2. مولود شريف پڙهيڪي سڻاوان ............ 198

**فقرنامہ:** 200
1. پهلي سجاڻ فقير ڪون............

**بحر:** 202
1. اج او مضمون پڙهڪي ساڻا وان............
2. مين ملنگ موالي مولا دا............ 203

## دعائون


1. پارهن چوڏهن، هن ميڏا ........... 205
2. پارهن چوڏهن، هن ميڏا ........... 205
3. پارهن چوڏهن، هن ميڏا ........... 206
4. پارهن چوڏهن، هن ميڏا ........... 206
5. پارهن چوڏهن، هن ميڏا ........... 207
6. پارهن چوڏهن، هن ميڏا ........... 207


## سرائڪي بيت


1. يا سردار شهيدان دا، .................. 208
2. يا امام ابن امام.................. 208
3. قيدي شام امام بچڙا 208


## سرائڪي قصيده


1. اج قصيدا پڙهہ ساڻا وان ........... 210
2. آ سهڻا حيدر سفدر........... 211
3. آ مؤمن نعرا ڪرو........... 212
4. برحق علي اعليٰ ........... 213
5. تون پڙهہ درود........... 214
6. پڙهہ درود آواز بُلند ڪر ........... 215
7. حيدر بدر منير سهڻا ........... 216
8. رهبر ساڏا پيران دا پير اي........... 217
9. رهبر ساڏا شيرِ يزدان........... 218
10. ساڏا پير حيدر وڏي شان والا ........... 219
11. ساڏا پير علي امام........... 221
12. ساڏا پير علي ولي جن بشر دا ........... 222
13. ساڏا پير علي ولي الله........... 223
14. ساڏا پير علي مرتضيٰ........... 224
15. ساڏا پير دا شان نرالا........... 225
16. ساڏا مرشد ڪامل ........... 226
17. ساڏا مرشد مشڪل ڪشا........... 227

18. ساڏا مرشد هي دستگير........... 228
19. سبحان الله: عجب دربار.............. 230
20. سڻ تون اي مؤمن ........... 231
21. سڻو قصيدا پير ميڏي دا ............ 232
22. علي دا دين برحق .......... 233
23. علي شيرِ خدا ........... 234
24. علي هي علي هي .......... 235
25. مرشد ساڏا هادي رهبر.......... 236
26. ميڏا مرشد زور زور.......... 237
27. ميڏا هادي ميڏا رهبر........... 238
28. وهہ واهہ ڪربلا واليا........... 239
29. يا علي مدد آڪن........... 240

## اردو ڪلام

قصیدے:

1. چھوڑ کے در حیدر کا، نہ دیگر پاس جاؤنگا، 243
2. علی کی گفتگو کو خاص کلام اللہ کہتے ہیں، 244
3. یا شاہِ نجف سیّد سردار تم ہی ہو، 245
4. یا مولا علی دلدل ہسوار تم ہی ہو، 246

بحر:

1. نام علی کا نعرہ مجلس میں گر نہ ہوگا، 247

اردو ڪافي (ادهوري):

1. سو کھن دیکھوں سرکار دیکھوں، 248

## بلوچي ڪلام:

1. فاذِ تَيزِ روَغُ، گِندِ جُتائين جيزا. 251
2. رُنَبُ" ريجهل شاهہ" گُشي، اِنگو آنگو نہ گِندِ. 251

ڪافي:

1. تلهہ: شفي روش راءِ بي، همانگو همانگو. 252

# اداري پاران

ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، سنڌ جي ثقافت، تاريخ، قديم آثار، ادب، ڪلاسيڪل شاعري ۽ لطيفيات تي لڳاتار ڪتاب ڇپائيندو رهيو آهي. گذريل سادين ٽن سالن ۾ ثقافتي سرگرمين سان گڏ علمي، ادبي، تحقيقي، تاريخي ۽ ثقافتي موضوعن تي ڪتابن جي ڇپائي جي سلسلي ۾ نہ رڳو تعداد پر معيار سان گڏ موضوعاتي دائري کي بہ وڌايو ويو آهي. خاص ڪري شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي گذريل ٽن عرسن جي ادبي ڪانفرنسن جي موقعي تي ڇهہ ڇهہ شاهڪار ڪتاب آڻي هڪ ئي وقت انهن جي مهورت ڪري هڪ رڪارڊ قائم ڪيو ويو آهي. اُن کان سواءِ پهريون ڀيرو کاتي پاران قلندر لال شهباز، لاکو لطف الله، سچل ۽ ٻين صوفي شاعرن ۽ بزرگن جا ڪلام ۽ مٿن تحقيقي ڪتاب آندا ويا.

هيءُ خطو دنيا ۾ پنهنجي صوفياء اڪرام ۽ انهن جي فڪر جي ڪري گهڻن کان نرالو رهيو آهي. هن خطي جي صوفي بزرگن جي فڪر ۽ شاعرن جي شاعريءَ ۾ عالمي ڀلائي، انسان دوستي، روّاداري ۽ سهپ جو پيغام آهي. پيار ۽ امن جو درس موجود آهي. ثقافت کاتي پاران سندن ڪلام ۽ فڪر کي ڦهلائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي پئي وڃي.

ثقافت جي وزير محترمہ سسئي پليجو صاحبہ ثقافتي سرگرمين سان گڏوگڏ سنڌ جي تاريخ، ادب، فن ۽ تحقيق تي مشتمل ڪتابن ۾ تمام گهڻي دلچسپي ونندي رهي آهي. هن دور ۾ ثقافت کاتي پاران معياري ۽ گهڻا ڪتاب شايع ٿيڻ سندس ئي دلچسپيءَ جو نتيجو آهي. هيءَ بہ هڪ حقيقت آهي تہ ثقافت کاتي جي ڊائريڪٽر محمد علي مانجهي جون ڪاوشون ساراهہ

جوڳيون آهن. جيڪو هن ڪتاب جي ڇپائيءَ ۾ دلچسپي وٺي سيني مرحلن سان گڏ ۽ وقت سر آڻڻ ۾ ڪوششون ڪندو رهيو.

هيءَ ڪتاب ريجهه علي شاهه جو ڪلام به انهيءَ اشاعت سلسلي جي ڪڙي آهي. هيءَ فني ۽ فڪري حوالي سان هڪ سگهارو شاعر آهي. خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته سندس ڪلام پهريون ڀيرو ثقافت کاتي پاران ڇپجي پڌرو ٿي رهيو آهي. اُميد ته پڙهندڙ هيءَ ڪوشش ضرور مان ماڻيندي.

**عبدالعزيز عقيلي**
سيڪريٽري
ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

# مهاڳ

سيد ريجهہ علي شاهہ لڪياري (عرف ريجهل شاهہ) 14 جمادي الاول سن 1319هجري مطابق سن 1901ع ڏاري سيد ڇتن شاهہ جي گهر، کهڙا شهر ۾ پيدا ٿيا. ريجهل شاهہ جي حسب نسب جو سلسلو ستين امام حضرت موسيٰ ڪاظم عليہ السلام سان ملي ٿو. جنهن ڪري ڪاظمي سيد پڻ سڏجن ٿا. هن گهراڻي جو وڏو سيد علي مڪي هتي آيو. (جنهن لاءِ چوڻ ۾ اچي ٿو تہ هو مڪي شريف کان 512هہ مطابق 1118ع ڏاري لڏي سنڌ ۾ آيو. سندس اولاد لڪيءَ ۾ سڪونت اختيار ڪرڻ سبب لڪياريءَ سڏجڻ لڳو.) [1] لڪي جيڪو هاڻ لڪي شاهہ صدر سڏجي ٿو. (پراڻو ضلعو دادو، هاڻوڪو ضلعو ڄامشورو).

لڪيءَ جي مشهور ۽ معروف ولي الله شاهہ صدرالدين عليہ الرحمت جو نسب سيد علي مڪيءَ سان هن طرح سان ملي ٿو:" سيد صدر الدين بن شاهہ محمود بن شاهہ حسين بن شاهہ ڇڪتن بن سيد علي مڪي."

"شاهہ صدرالدين کي بہ پٽ هئا، هڪ راشد شاهہ ۽ ٻيو شاهہ حسين. ريجهل شاهہ جي خاندان جو سلسلو شاهہ حسين مان آهي." [2]

هن درگاهہ جو باني سيد ريجهہ علي شاهہ (اول) لڪياري آهي. "جيڪو ڪلهوڙن جي آخري دؤر ۾ سيوهڻ مان لڏي اچي گمبٽ تعلقي جي ڳوٺ ٻيلهاڙي ۾ وينو. ڪجهہ وقت کان پوءِ ٻيلهاڙي مان لڏي کهڙن جي شهر ۾ آيو ۽ دين جي تبلغ شروع ڪيائين." [3]

ريجهہ علي شاهہ پهرين جي وفات کان پوءِ ان جو فرزند سيد ٻڍل شاهہ گادي تي وينو. هي بہ هڪ وڏو ڪامل شخص ٿي گذريو آهي. هن جي آخري

---

[1] جي ايم سيد (جنب گذاريم جن سين) صفحہ 324 جي ايم سيد اڪيڊمي 2004ع.
[2] ساڳيو ڪتاب، ليکڪ ۽ صحفہ
[3] سيد سرڪار حسين شاهہ (ريجهل شاهہ چوٿون) موجوده سجاده نشين، ڪتابي سلسلو "لڪياري لال" شمارو ٽيون، جون 2006ع

آرام گاهه مشهور قبرستان پير ڪٽپر ۾ آهي.

هن بزرگ کي ٽي پٽ هئا: ريجهه علي شاهه (پهريون)، دين محمد شاهه ۽ سيد علي اڪبر شاهه هي ٽئي بزرگ پنهنجي وقت جا عارف ٿي گذريا آهن. علي اڪبر شاهه الله لوڪ ۽ درويش صفت ماڻهو هو ۽ شادي به ڪونه ڪيائين. پنهنجي وقت جو وڏو حڪيم هو ۽ ڪيمياگريءَ جي خفت ۾ لڳل هو.

سيد بيدل شاهه جي وفات کانپوءِ فقيريءَ جي مسند تي سندس پٽ سيد ريجهه علي شاهه پهريون ويٺو. جيئن ته هن کي ڪوبه اولاد ڪونه هو، تنهن ڪري سندس وفات کان پوءِ سندس ڀاءُ سيد دين محمد شاهه جو پٽ سيد چتن شاهه (اول) فقيرائي گاديءَ جو ڌڻي ٿيو. هيءُ بزرگ به پنهنجن وڏڙن وانگر وڏي فيض جو درياهه هو تنهن دور جا حڪمران مير سهراب خان ٽالپر ۽ مير رستم خان سندس تمام گهڻو قدر ڪندا هئا. راڻيپور توڙي گمبٽ جا پير پڻ کيس عزت جي نگاهه سان ڏسندا هئا.

سيد چتن شاهه (اول) جي وفات کانپوءِ سندس پٽ دين محمد شاهه (پهريون) مسند نشين ٿيو. جيڪو درياهه دل ۽ وڏو سخي مرد هو. هن جو ڏينهن رات پيو لنگر هلندو هو ۽ آيو ويو پيو کائيندو هو. سندس لاءِ مشهور آهي ته سندس دروازي تان ڪڏهن به ڪو سائل خالي ڪونه ورندو هو.

دين محمد شاهه (پهريون) جي برقعي متائڻ کانپوءِ درگاهه جو متولي سيد چتن شاهه (پهريون) ٿيو. کهڙا شهر ۾ هيءُ پهريون شخص هو جنهن ماتم داري ۽ مجلسن جي شروعات ڪري علم نسب ڪيو. جنهن تي مخدومن اعتراض ڪيو. جنهن ڪري هن سادات کي ڪوٽڏيجي واري قلعي ۾ ٻه سال قيد ڪاٽڻو پيو. آخرڪار شاهه صاحب جي سچي حب، اهل بيت مير فيض محمد کي مجبور ڪيو هو جو هو ڪوٽ تي آيو ۽ شاهه صاحب کي آزاد ڪري کهڙا شهر ۾ ساڳيو علم هٽي ڏنو اهو عَلم اڄ ڏينهن تائين قائم آهي، جنهن کي هر سال ڇهين محرم الحرام تي سينگاريو ويندو آهي.

سيد چتن شاهه کي ٽي فرزند هئا. هڪ سيد سچي ڏنو شاهه، ٻيو بيدل شاهه (ثاني)، ٽيون ريجهه علي شاهه (ثالث) جنهن جو ڪلام اسان جي مطالعي هيٺ آهي ۽ ان جو ئي ذڪر مقصود آهي.

سيد سچي ڏنو شاهه پنهنجي والد جي زندگيءَ ۾ ئي وفات ڪري چڪو هو. تنهن ڪري چتن شاهه جي وفات کانپوءِ بيدل شاهه (ٻيو) گادي

نشين ٿيو.

جيئن ته اسان جي شاعر ريجهل شاهه جي ولادت هڪ خوشحال گهراڻي ۾ ٿي، تنهن ڪري ننڍي هوندي ئي سندن پالنا ۽ پرورش وڏي لاڏ ڪوڏ سان ٿي. تڏهوڪي مروج اصول موجب ريجهه علي شاهه جڏهن ڇهن سالن جي ڄمار کي پهتو ته کيس مروج تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ اسڪول ۾ ويهاريو ويو. "پاڻ درسي تعليم صرف ٽن درجن تائين حاصل ڪيائون."[1] پوءِ وري ڪڏهن به اسڪول نه ويا پر پنهنجي منهن لکڻ ۽ پڙهڻ جي مشق جاري رکيائون ۽ مطالعو جاري رکيائون. ٿوري ئي وقت ۾ لکڻ پڙهڻ ۾ مهارت حاصل ڪري ويا. سندن هٿ اکر به ڏاڍا شاندار هئا (جن مان ڪجهه عڪس پڙهندڙن لاءِ هن ڪتاب ۾ شامل ڪيا ويا آهن.)

پاڻ اڃا يارهن ورهين جا ٻالڪ هئا ته سندن مٿان قدرت واري پدرانا شفقت وارو هٿ هٽائي ورتو. پوءِ سندن پرورش ۽ تربيت وڏي ڀاءُ بيدل شاهه ڪئي. اهو ان اعليٰ ترين تربيت جو ئي نتيجو آهي جو ننڍي ڄمار ۾ ئي پاڻ روحانيت ڏانهن قائل ٿيندا ويا.

نوجوانيءَ واري وهي ۾ وڏي ٺاٺ ٻاٺ سان اميريءَ وانگر زندگي گذاريائون. ڀلا گهوڙا رکيائون ۽ پاڻ به سٺا گهوڙي سوار هئا. ڀلن ڪپڙن پائڻ جا ڪوڏيا ۽ خوش پوش رهيا. ڪار هلائڻ ۽ والي بال راند کيڏڻ جا شوق ڪيائون. فوٽوگرافي به سندن مشغلن ۾ شامل هئي. ايتري قدر جو ڪجهه وقت لاءِ آبوپاڻي پڻ ڪندا هئا[2] پر پوءِ ان کي ترت ترڪ ڪيائون.

پوءِ جڏهن سندن وڏي ڀاءُ (سيد بيدل شاهه) گوشي نشيني اختيار ڪئي ۽ گادي سندن حوالي ڪئي ته پاڻ هر شيءِ ترڪ ڪري فقيري اختيار ڪيائون جنهن جو اظهار پنهنجي هڪ سنڌي ڪافيءَ ۾ هن طرح ڪيو اٿن.

ٿلهه: "شاهي شان ۽ شوق ڇڏياسين،

محبت نال ملياسين، رمز رلياسين.

۱. طعنا مهڻا ماڻهن جا،

جهوليءَ سڀ جهلياسين، رمز رلياسين."

---

[1] سيد سرڪار حسين شاهه ڪتابي سلسلو لکياري لاڙ جون 2006ع صفحه 08

[2] ينگ واپرائڻ

توڙي جو فقيري اختيار ڪرڻ کان پهريان ئي پنهنجي وڏي ڀاءُ جي صحبت مان رڱجي چڪا هئا ۽ مذهبي ڪتابن جو خوب مطالعو ڪندا رهندا هئا. ان مذهبي علم جي مطالعي سندن زندگيءَ ۾ ڦيرو آندو. پاڻ ويهن ورهين جي ننڍي ڄمار ۾ ئي اهل بيت جي حب ۾ عراق، ايران ۽ شام جو سفر ڪري مقدس زيارتگاهن جي زيارت ڪري نروار ٿيا. پنج سال بعد ۾ يعني پنجويهن سالن جي ڦوهه جواني ۾ حج بيت الله جي سعادت حاصل ڪيائون. اهڙيءَ ريت سندن زندگيءَ ۾ انقلاب ايندو ويو ۽ ويراڳ وٺي اميري ڇڏي فقيري اختيار ڪيائون:

"ڇڏي مال محل، وڃي رس "ريجهل شاهه" چوي،
دنيا جي دور جا ترڪ ڪر طبل،
چڙهي چوٽ جبل، بانگ ڏي برهه جي

جيتوڻيڪ علمي اڀياس، پاڪ جائين جي زيارت ۽ سچن جي صحبت هن جي مزاج جو لاڙو اڳئي فقيري طرف ڪري ڇڏيو هو پر سندن زندگيءَ ۾ پيش آيل هڪ واقعي کين مڪمل فقيري اختيار ڪرائي ڪانئس دنيا ترڪ ڪرائي ڇڏي.

ان واقعي جو ذڪر سيد سرڪار حسين شاهه (ريجهل شاهه جي درگاهه جا موجوده سجاده نشين) ڪتابي سلسلي "لڪياري لال" شمارو چوٿون جون 2006ع ۾ هن طرح ڪن ٿا. "سائين ريجهل شاهه جي شادي پير عيسيٰ مان ٿيل هئي. (پير عيسو يوسي ڪمال ديرو تعلقي گمبٽ جو هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي) منهنجي (سرڪار شاهه) والد صاحب (سائين امام علي شاهه درگاهه حاجي ريجهل شاهه جا پهريان سجاده نشين) جا ماما سيد بچل شاهه جيڪي اڃا حال حيات آهن، ٻڌائين ٿا ته سائين جن پير عيسيٰ ايندا هئا ۽ اتي محفلون مچائيندا هئا. بهترين انداز ۾ ڳائيندا هئا. پاڻ اتي اُن محفل ۾ ٻول چيائون:

"مون کي ياد ڪربل جو ميدان آهي،
ڏينهان رات، تنهن جو سو ارمان آهي."
١. ٻڌي اها مصيبت، تصي ڪربلا جي،
جنهن کي غم نه آهي، سو بي ايمان آهي.

٢. روئڻ ۽ روئارڻ، شريعت جو ڪم آهي،
ڏهاڙي قيامت جو سامان آهي.
٣. رکو غم پنجتن جو روئو سدائين،
اهو خود خدا جو سو فرمان آهي.
۴. رکو لاج منهنجي، اي ڪربلا جا والي
”ريجهل شاهہ“ پِرِتُوَ ، جو قربان آهي.

جڏهن ريجهل شاهہ اهي ٻول چئي بس ڪئي تہ محفل ۾ موجود صوفي فقيرن مان ڪنهن هڪ چيو تہ ”سائين اوهان تہ ٿلها متارا لڳا پيا آهيو ماني بہ نيڪ ناڪ کائو ٿا، رهو بہ ناٺ ٻاٺ ۾ پيا، توهان کي ڏاڍو ارمان آهي!!“

انهيءَ طعني ڪانپوءِ ٻئي صبح جو سائين ريجهل شاهہ چاليهہ ڪارڪون، دلو پاڻيءَ جو کڻي پير ڪٽپر جي جهنگ ۾ هليا ويا. چاليهن ڏينهن ڪانپوءِ سائين جي وڏي ڀاءُ سيد ٻيڏل شاهہ اچي بچل شاهہ کي چيو تہ نئين مان سائين فقير ٿيا آهن. وڃي ڏسو تہ ڇا ٿيو؟! ڪهڙو حال اٿن.

بچل شاهہ پير ڪٽپر ۾ آيا ۽ ڪين ريجهل شاهہ اتي نظر نہ آيو. پڇا ڪرڻ تي ڪنهن ڏورانهن ڪٻڙن ڏانهن اشارو ڪندي چيو تہ اتان ڪجهہ ڏينهن بعد هڪ فقير ايندو هو ۽ پاڻي ڀري هليو ويندو هو پر ڪجهہ ڏينهن کان هت نہ آيو آهي. ان ڏس تي شاهہ صاحب ڳوليندي ڳوليندي وڃي ڏٺو تہ سائين جن هڪ ڪڏ (چر) ۾ پيا آهن. هڏن جو پڃرو ٿي ويا آهن، پوءِ ڪپهہ ۾ وجهرائي ڏاند گاڏيءَ تي سائين جن کي کڻائي آيا پر جڏهن نيڪ ٿيا تہ ساڳين فقيرن کيس چيو: ڪا ٻولي تہ ٻڌايو: تڏهن ريجهل شاهہ کين هي ٻول ٻڌايا:

”جو ڪجهہ سمجهو سو ڪجهہ مين هُون
هر دل دي اندر هون
١. غافل سمجهو غافل هون، جاهل سمجهو جاهل هون،
پڙهيل سمجهو عالم هون، هر لقب دا لنگر هون
هر دل دي اندر هون
٢. سچل بہ مين، بلا بہ مين، بيدل بيڪس بيحد هُون
لاهوت لامڪان اسا ڏا، سارا صاف سمندر هون
هر دل دي اندر هون.

٣. جي سيّد سمجهو سيّد هون، جي اُمتي سمجهو امتي هون،
جي شاهه سمجهو شاهه هون، فخري دارا سڪندر هون
هر دل دي اندر هون

۴. جي حاجي سمجهو حاجي هون چڙو "ريجهل شاهه" سمجهو ته راضي هون
مرد سمجهو ته غازي هون، سمجهو يار ته نينگر هون،
هر دل دي اندر هون.

پاڻ روشن خيال ۽ هر دلعزيز شخصيت جا مالڪ هئا. ويتر فقيري اختيار ڪرڻ کان پوءِ عاجزي ۽ انڪساريءَ جو سراپا مجسمو بڻجي ويا. جنهن جو اندازو سندن هن ڪافي مان بخوبي لڳائي سگهجي ٿو.

## (ڪافي)

ٿلهه: جيڪا سمجهو اها مون ساري،
سڀ کان ڪمتر هٿ ۾ ڀاري

١. ناهيان نانڪ، ناهيان لڇمڻ،
ناهيان پريتم، ناهيان هزاري

٢. ناهيان سچل، ناهيان بلاشاهه
ناهيان پٺائي، ناهيان مٽياري،

٣. ناهيان منصور، ناهيان ان الحق
ناهيان قلندر، ناهيان بخاري

۴. ناهيان بيدل، ناهيان بيڪس
ناهيان "ريجهل شاهه"، ناهيان لڪياري

فقيري اختيار ڪرڻ کان پوءِ گهڻو وقت پير ڪٽپر جي جهنگ ۾ رهڻ لڳا ۽ مجذوب ٿي رهيا. نيٺ جڏهن طبيعت اعتدال ۾ آئي تڏهن مذهبي تبليغ ۾ مشغول ٿي ويا. گهڻو وقت غريبن ۽ مسڪينن سان ڪچهريءَ ۾ گذاريندا هئا. پنهنجن مريدن ۽ ٻين ماڻهن کي تعليم حاصل ڪرڻ جي تلقين ڪندا هئا. پنهنجي زندگيءَ جو خاص مقصد خلق جي خدمت کي سمجهندا هئا.

پاڻ سيلاني مزاج جا ماڻهو هئا. عراق، ايران ۽ شام جي زيارتن توڙي

حج جي سعادتن کان علاوه ڪيترائي دفعا لاهوت لا مڪان سفر پڻ ڪيائون. شاهہ نورانيءَ جي عرس مبارڪ جي موقعي تي پڻ وڃڻ ٿيندو هون. اتي سندن آشيانو اڄ ڏينهن تائين موجود آهي. هينئر بہ شاهہ نوراني جي عرس جي موقعي تي فقير وڃي رهندا آهن. ان کانسواءِ سنڌ جي اڪثر صوفي بزرگن جي درگاهن تي فقراهي ٽولي وڃي حسيني تبليغ ڪندو هو جنهن جون شاهديون سندس ڪلام مان پڻ ملن ٿيون. مثال طور سندس قافلو امام حسين جي فاتحہ کي کٽي ڀٽائي جي درگاهہ تي پهچي ٿو:

"آيو حسيني قافلو فاتح ڀٽائي کي ڏيڻ،
ٻول مؤمن يا حسينؑ، هر هر اها وائي چوڻ.
١. سڀ مؤمن گڏجي چئو هي حسين يا حسينؑ
ويس ڪاري سان سيئي، آيا آهيون ماتم ڪرڻ.

اهڙي طرح سندس قافلو سيوهڻ پهچي ٿو اتي حسيني فاتح قلندر شهباز کي ڏي ٿو:

"آيو حسيني قافلو فاتح ڏيڻ شهباز کي
ٻول مؤمن يا حسين ؑ ڪيو بلند آواز کي
١. توکي ڏي ٿو قافلو پر چانوٽي شبير جي،
ڪر قبول اي شير شهباز قافلي جي نياز کي..."

ريجهل شاهہ سڀ کان پوءِ حسيني تبليغ جو مرڪز دنيا جي عظيم ۽ سنڌ جي قومي شاعر حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي درگاهہ کي بڻايو. پاڻ هر سال صفر مهيني جي 14 ۽ 15 تاريخ تي فقيري قافلو وٺي وڃي ماتمداري ۾ شريڪ ٿيندا هئا.

ايتري قدر جو زندگي جي آخري سال ۾ جڏهن قافلي ۾ ڀٽ شاهہ تي وڃڻ جو وقت آيو سندن طبيعت اوچتو سخت خراب ٿي پئي. انهن ڏينهن ۾ سندن وڏو فرزند سيد امام علي شاهہ پڻ زيارت مقدسہ لاءِ عراق ويل هو. صورتحال جي نزاڪت کي سمجهندي ڪين ڪيترن ئي عقيدتمندن گذارش ڪئي تہ: "قبلا! هن سال کٽي قافلي سان نہ هلو. چاڪاڻ جو اوهان کي تمام گهڻو بخار آهي." پر پاڻ فرمايائون تہ "منهنجو وقت ٻي محرم تي

پورو ٿي چڪو هو پر آقائن مون کي پاڻ هن آخري تبليغ لاءِ مهلت ڏني آهي.“ چيائون تہ ”منهنجو امام علي بہ اچي ٿو ۽ مان بہ هلندس پر جيڪڏهن مان ويهڻ جهڙو نہ هجان تڏهن بہ مون کي تڏي ۾ ويڙهي ضرور کڻي هلجو.!“

جڏهن سندن فرزند سيد امام علي شاهہ جن زيارت تان واپس آيا تہ کين پٽ شاهہ ”حسيني دڙي“ تي (امام بارگاهہ) اها وصيت ڪيائون تہ اوهان کي (پٽ شاهہ تي) هر سال تبليغ خاطر اچڻو پوندو متان ڪنهن وقت اوهان بيمار هجو چئو تہ مان بيمار آهيان، تنهن ڪري نٿو سگهان.

ليڪن ڏسو! مان ڪهڙيءَ حالت ۾ آيو آهيان. بس منهنجي اها وصيت اٿوَ باقي دنيا داري لاءِ مان اوهان کي ٻي ڪا بہ وصيت نٿو ڪريان.[1]

جنهن کان پوءِ سيد امام علي شاهہ جن تاحيات ان سلسلي کي جاري رکيو. هاڻ موجوده سجاده نشين سيد سرڪار حسين شاهہ جن اهو سلسلو قائم رکندا پيا اچن.

پاڻ عمر جو گهڻو حصو احرام امام زين العابدين ۾ گذاريائون. جنهن ۾ لذيذ کاڌو نہ کائڻ، نرم هنڌ تي نہ سمهڻ، کير نہ پيئڻ ۽ گهڻو وقت غمِ حسين ۾ روئي گذاريندا هئا.

پاڻ قدآور مڙس هئا. ڳورو رنگ ۽ سندن چهري جا نقش جاذب نظر ۽ خوبصورت هئا. سندن اکين ۾ چمڪ آخر تائين قائم رهي. زندگيءَ جو وڏو حصو ڪاري لباس (ڪاري الفيءَ) ۾ گذاريائون. ڪنن ۾ ڪولابا زيب تن ڪندا هئا. هٿ ۾ بيرا ڳڻ ۽ ڪلهي ۾ ڪشڪول هوندو هون.

ريجهل شاهہ جن نيڪ سيرت، خوش اخلاق ۽ صلح پسند هئا. ڳالهائڻ مهل گهڻو ڪري شائستہ ۽ ادبي لفظ استعمال ڪندا هئا. ڪڏهن ڪنهن سان منهن نہ گهنجايائون. هر ڪنهن سان مرڪي ملندا هئا. عمر ڀر ڪنهن جي گلا يا شڪايت نہ ڪيائون. پاڻ سخي مرد هئا.سدائين سندن لنگر پيو هلندو هو. پاڻ نهايت ذهين ۽ عقل جا مالڪ هئا. ايتري قدر جو ڪا سني دعا يا ڳالهہ يڪدم ياد ڪري وٺندا هئا. سندن ڪچهري بہ هڪ مفڪر، عابد ۽ زاهد واري ڪچهري هئي. جتي ويهي حق ۽ مغفرت جا سبق

---

[1] سيد سرڪار حسين شاهہ ڪتابي سلسلو ”لڪياري لال“ شمارو ٽيون، جون 2006ع

ڏيندا هئا. وڏا عبادت گذار هئا. سڄي سڄي رات عبادت ۾ مشغول رهندا هئا. حد درجي جا نيڪ، پرهيزگار ۽ مهذب انسان هئا. مريدن کي بہ نيڪي جي تلقين ڪندا هئا.

پاڻ ڪڏهن بہ وڏائي ۽ تڪبر جي ويجهو نہ ويا. نمود و نمائش جي خلاف هئا. فقيرن کي چوندا هئا تہ جيڪڏهن اوهان کان ڪو پڇي تہ ريجهل شاهہ ڪهڙو آهي؟ تہ اوهان مون کي واڪو نہ ڪجو پر ايئن چئو تہ اسين سڀ ريجهل شاهہ آهيون.

اسان جي هن شاعر ويهين صفر 1375هہ مطابق 1955ع ۾ ڇنڇر جي ڏينهن 4:35 منٽن تي شام جو ڇهلم واري ڏهاڙي ڳوٺ فيضل مهر (کهڙا ڇڏي سائين هتي اچي رهائش اختيار ڪئي هئي) تعلقي ڪوٽڏيجي ضلعي خيرپور (ميرس) ۾ وفات ڪئي.

کين سندن وصيت موجب گمبٽ اسٽيشن ۽ گمبٽ شهر جي وچ تي اسٽيشن روڊ وٽ اباڻي زمين ۾ دفن ڪيو ويو. جنهن کي ڪمند وارو کوهہ سڏيندا هئا. پر بعد ۾ ريجهل شاهہ هن علائقي جو نالو ڪاظم آباد تجويز ڪيو هو. جنهن کي اڄ بہ ڪاظم آباد يا درگاهہ ريجهل شاهہ جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو پر پوءِ گمبٽ باءِ پاس قائم ٿين ڪري گمبٽ شهر جي پکيڙ ڪاظم آباد تائين اچي پهتي آهي. هاڻ ڪاظم آباد خود گمبٽ شهر جو هڪ پاڙو ٿي ويو آهي. ريجهل شاهہ جي درگاهہ باءِ پاس جي اولهہ ۽ اسٽيشن روڊ جي ڏکڻ ۾ ٻنهي روڊن جي پير ۾ موجود آهي.

سندن وفات کان پوءِ هن نئين درگاهہ جو پهريون سجاده نشين سندن وڏو فرزند سيد امام علي شاهہ ٿيو. ان جي انتقال کانپوءِ سندن فرزند سيد سرڪار حسين شاهہ (ريجهل شاهہ چوٿون) هن درگاهہ جا سجاده نشين آهن، جيڪي پڻ مشهور سياسي، سماجي، علمي، ادبي ۽ مذهبي شخصيت آهن. اهي پاڻ بہ شاعر آهن.

ريجهل شاهہ جي ولادت واري تاريخ (14 جمادي الاول) کان سترهين جمادي الاول تائين سندن درگاهہ تي ميلو لڳندو آهي. جيڪو ڪجهہ وقت بند رهڻ کان پوءِ موجوده سجاده نشين ٻيهر شروع ڪرايو آهي. جتي ذڪرِ اهلبيت لاءِ وڏا وڏا عالم ايندا آهن، صوفياڻو راڳ پڻ ٿيندو آهي، تنهن کان

علاوه سيد سرڪار حسين شاهه جي سرواڻي ۾ ”ريجهل شاهه لڪياري يادگار ڪاميٽي“ طرفان ادبي ميڙاڪو پڻ ٿيندو آهي. جتي سنڌ جا قلم ڌڻي ريجهل شاهه جي شخصيت توڙي ڪلام جي مختلف رخن تي روشني پڻ وجهندا آهن.

## ريجهل شاهه جي ڪلام گڏ ڪرڻ جا سبب ۽ ذريعا:

آءٌ جڏهن مئٽرڪ ۾ پڙهندو هوس تہ اسان جي سنڌي ڪتاب ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي سر سهڻيءَ جا بيت پڻ شامل هوندا هئا. اسان کي وري جيڪو سنڌي پڙهائيندو هو تنهن کي انهن بيتن جي تشريح تہ چڱي پوريءَ طرح پڙهڻ ۾ بہ نہ ايندا هئا.

تنهن ڪري اهي بيت ۽ انهن جي مفهوم سمجهڻ لاءِ مون پر واري ڳوٺ جي چاچي پنهل حاجاڻي ڏانهن رجوع ڪيو. هو ڪو باقاعده عالم تہ نہ هو پر هن کي ڀٽائي تي ڪافي عبور حاصل هو. هن کي شاهه جا لاتعداد بيت ياد هوندا هئا. ان اچڻ وڃڻ دوران هن وٽ مون ٽن شاعرن جا قلمي نسخا ڏٺا. هڪ مهدي شاهه جو ڪلام، ٻيو صالح شاهه جو ڪلام ۽ ٽيون ريجهل شاهه جو ڪلام.

ڪافي سالن کان پوءِ جڏهن آءٌ ڪراچي رهندو هوس تہ هڪ ڀيري محرم الحرام جي ستين تاريخ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان ريجهل شاهه جو ڪلام سينگار علي سليم جي آواز ۾ ٻڌو تہ مان پنهنجا نير روڪي نہ سگهيس. هڪ تہ سينگار جو پرسوز آواز هو ٻيو تہ ٻولن ۾ بہ وڏو درد سمايل هو. اهي ٻول هئا:

ٿلهہ: ”پار لڏي ويا، وطن ڇڏي ويا،
مارو ڏئي ويا مون کي ماتام.
١. ساري سات کي سات نياڻون
هيڪل اڪيلي مون کي ڇڏياڻون
ڪياڻون اچڻ جو وري نہ انجام
پار لڏي ويا....“

حالانڪ هن کان ٻهريان آءٌ سينگار علي سليم جي آواز ۾ ريجهل

شاهہ جي مشهور ڪافي: ”آيا ڪين اباڻا، وساريئون وطن کي...“ ٻڌي ڇڪو هوس پر مون کي ريجهل شاهہ جي ڪلامن ڏانهن موتجهہ مٿئين ڪلام ڪرايو. ان کان پوءِ مون پڪوپهہ ڪيو تہ اهو ڪلام هٿ ڪجي.

ڪافي وقت کان پوءِ جڏهن مان ڳوٺ آيس تہ خبر پئي تہ چاچو پنهل گذاري ويو آهي. آءُ سندس پٽ مظهر حاجاڻي سان عذرخواهي ڪرڻ ويس. مون ڪانئس مهدي شاهہ ۽ ريجهل شاهہ جي ڪلام بابت پڇيو. باقي صالح شاهہ جو ڪلام ڇپجي چڪو هو. هن جي ڳولا ڦولها مان خبر پئي تہ مهدي شاهہ جو ڪلام غائب هو. باقي هن ريجهل شاهہ جو ڪلام منهنجي حوالي ڪيو پر ان نسخي تي تيل هاريل هو جنهن ڪري ڪافي ڪلام اتارڻ وقت مون کي سمجهہ ۾ نہ آيو. باقي ڪلام لاءِ مان سينگار علي سليم ڏانهن سکر ويس. جنهن پهرين پيري ڏهہ ڪافيون ۽ بہ سرائڪي قصيدا لکرايا، جيڪي کيس ياد هئا. وڏيڪ جي لاءِ هن ٻئي هفتي اچڻ لاءِ چيو. پوءِ ٻئي هفتي جڏهن مان وڃس ويس تہ هن کي عرض ڪيم تہ سائين مان سکر ۾ نہ رهندو آهيان پر ڪراچي کان اچان ٿو پوءِ هن وٽ باقي جيترو ڪلام هو هن مون کي فوٽو ڪاپي ڪرائي ڏنو.

اتفاق سان هن واري مواد ۾ اهو ڪلام هو، جيڪو چاچي پنهل واري نسخي ۾ اتارڻ جي قابل نہ هو. تنهن کان پوءِ مون پنهنجي وڏي ڀاءُ کي خط لکيو تہ ريجهل شاهہ جي درگاهہ تي وڃي اتان مون کي سائين جو ڪلام هٿ ڪري ڏي. درگاهہ تان بہ هن کي ڪجهہ ڪلام فوٽو ڪاپي تي مليو. جنهن مان اڪثر ڪلام اهو ساڳيو هو. جيڪو مون چاچي پنهل واري نسخي تان اتاريو هو پر ان ڪلام مان بہ مون کي ڪجهہ بيت ۽ ڏهہ ڪافيون اهڙيون مليون، جيڪي اڳ مون وٽ موجود نہ هيون.

تنهن ڪانپوءِ مون زين سولنگي (وڪيل) کي چيو تہ هن ڪم ۾ منهنجي مدد ڪريو جنهن شاهہ شيخ صاحب جي معرفت سائين سرڪار حسين شاهہ لڪياري کان ”لڪياري لال“ جا ٽي شمارا وقت سر وٺي موڪليا، جن مان شاعريءَ جي حوالي سان بہ اٺيوريون ڪافيون (هڪ اردو ۽ ٻي سنڌيءَ) مون کي اضافي مليون. جن جو ذڪر اڳتي ايندو پر ڪو نئون مواد ملي نہ سگهيو پر هنن شمارن ۾ ريجهل شاهہ جي زندگيءَ جو احوال

ڪافي مليو.

ان گڏ ٿيل مواد کي ڇپرائڻ لاءِ آءٌ ءِ يارمحمد ناريجو ثقافت کاتي جي سيڪريٽري محترم احمد بخش ناريجو صاحب وٽ وياسين. جنهن فراخدليءَ سان ڇپرائڻ جو واعدو ڪيو. ياد رهي تہ اها ساڳي گذارش مون ثقافت کاتي جي ڊائريڪٽر محمد علي مانجهي صاحب کي بہ ڪئي هئي. جنهن پڻ مثبت موٽ ڏني هئي، تنهن ڪري آءٌ هنن ٻنهي صاحبن جو دلي طور شڪرگذار آهيان.

ان کان پوءِ اخلاقي طور مون اهو لازمي سمجهيو تہ اهڙي ڪم لاءِ درگاهہ ريجهل شاهہ جي موجوده گادي نشين سيد سرڪار حسين شاهہ کان اجازت نامو وٺجي. ان لاءِ مون پروفيسر محمد ابراهيم سولنگي جي معرفت پروفيسر برڪت علي قل صاحب جي ذريعي سائينءَ سان رابطو ڪيو. جنهن نہ صرف وڏي دل ڪري اهڙي ڪم جي اجازت ڏني پر هن پنهنجو خانداني مسودو پڻ منهنجي حوالي ڪيو جنهن ڪري آءٌ سندن زندگي ڀر ٿورائتو رهندس.

خانداني مسودي مان ڪجهہ نيون ڪافيون مليون پر ان ۾ بہ مڪمل ڪلام موجود نہ هو. چو تہ جيڪي قصيدا چاچي پنهل واري مسودي ۽ سينگار علي سليم وٽان مليا هئا، اهي بہ ان ۾ شامل نہ هئا، تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ هيءُ ڪلام مڪمل نہ آهي. اهو تہ ٺيڪ هو چاڪاڻ تہ اڌ صديءَ کان بہ وڌيڪ عرصي گذرڻ کان پوءِ وڃي مون ڪلام سهيڙيو آهي.

اڻپوري ڪلام هئڻ جو ٻيو دليل مون وٽ هيءُ بہ آهي تہ پروفيسر سيد علي رضا شاهہ جيلاني پنهنجي مقالي (جيڪو "لڪياري لال" شمارو چوٿون 2007ع ۾ ڇپيو آهي) ۾ لکي ٿو تہ: "سندن والد صاحب الحاج پير سيد شاهہ مردان شاهہ کان روايت آهي تہ 1940 ڌاري پنهنجي زمين جي ديهہ واڳهہ (تعلقونڙي ميرواهہ) تي اوطاق اڳيان ويٺا هئاسون جو سائين ريجهہ علي شاهہ فقيرن سميت لانگهائو ٿيو. دعا سلام ٿيو لنگر جي مهل هئي، گڏجي لنگر ڪيو. سرائي سهراب خان سائين کي تازي ڪلام ٻڌائڻ لاءِ عرض ڪيو جيڪو ڪلام موقعي تي شاهہ مردان شاهہ جي چوڻ تي لکي ورتو."

اهو ڪلام ستهٺ سالن کان پوءِ (سن 2007ع) ڀر جڏهن پروفيسر سيد علي رضا شاهہ جيلاني پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ڪاغذ جي زبون حاليءَ ڪري هڪ سنڌي ڪافيءَ جي ٻن بندن ۽ اردو ڪافي جي ٻن شعرن کان سواءِ ٻيو ڪلام پڙهڻ جي قابل نہ هو.

بهرحال گهڻي محنت ۽ ڳولا ڦولها جي باوجود مون کي جيڪو ريجهل شاهہ جو ڪلام هٿ اچي سگهيو آهي، ان جو وچور هن ريت آهي.

1. سنڌي ڪافيون (١۴۵)
2. سنڌي بيت (١٢٦)
3. سنڌي منقبت (هڪ عدد)
4. سنڌي مولود (٢ عدد)
5. سنڌي قصيدا (٢ عدد)
6. سنڌي مرثيو هڪ عدد)
7. سرائيڪي ڪلام
8. سرائيڪي ڪافيون (۴۵)
9. سرائيڪي مولود(٢ عدد)
10. سرائيڪي فقرنامہ (٢ عدد)
11. سرائيڪي بحر (هڪ عدد)
12. سرائيڪي قصيدا (٢٩)
13. سرائيڪي منظوم دعائون (٠۵)
14. سرائيڪي بيت (٣)

**(اردو ڪلام)**

1. اردو قصيده (٠۴)
2. اردو بحر (هڪ عدد)
3. اردو ڪافي (اڻپوري) (هڪ عدد)

**(بلوچي ڪلام)**

1. بلوچي بيت (٢ عدد)
2. بلوچي ڪافي (هڪ عدد)

اهڙيءَ طرح ريجهل شاهہ جي بلوچي ڪلام (خاص طور بيتن) مان لڳي ٿو تہ اهي پورا نہ آهن، ڇو تہ سندن بيتن جو هڪ خاص انداز آهي جو هڪ بيت جتي ختم ٿئي ٿو ٻيو بيت اتان شروع ٿئي ٿو. مثال طور سندس هڪ سنڌي بيت آهي:

"ٿئين سرهو سنگت سان اُهو قول ڪماءِ،
قُل افلح المومنون، انهن جو ڳڻ ڳاءِ،
لنئون لاهوتين سان لاءِ، رمز ۾ "ريجهل شاهہ" چوي"

ڏٺو وڃي تہ هيءَ بيت اتان شروع ٿيو آهي، جتي هن کان پهرين وارو بيت ختم ٿيو آهي، اهڙيءَ طرح هيءَ بيت جتي ختم ٿيو آهي اتان بيت شروع ٿئي ٿو:

"رمز ۾ ريجهل شاهہ چوي، پنهنجو پاڻ مار........"

ايئن ئي هيءَ بيت جتي ختم ٿئي ٿو، انهيءَ پرسان ايندڙ بيت شروع ٿئي ٿو. اهو هڪ ڊگهو سلسلو آهي. بلڪل اهڙي طرح بلوچيءَ جي ٻن بيتن جو سٽاءُ آهي. هڪ بيت جي آخري سٽ آهي:

"نہ ٽِيزَ دَوغ، رُنب ريجهل شاهہ چو گُشي"

اتان ئي سندس ٻيو بيت شروع ٿئي ٿو:

"رنب ريجهل شاهہ" گُشي، اِنگو نہ آنگو گِندَ...."

ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هنن بيتن جو هڪ ڊگهو سلسلو هوندو. جيڪي وقت سر سهيڙجي نہ سگهڻ ڪري وقت جي ويرن ۾ لڙهي ويا آهن، تنهن ڪري ضروري آهي تہ سندس محفوظ رهجي ويل ڪلام ضرور ڇپجي نہ تہ ادبي تاريخ جو هيءَ شاندار باب هميشہ هميشہ لاءِ ادبي تاريخ کان ٻاهر رهجي ويندو.

ريجهل شاهہ جو ڪلام سندس عالم هئڻ جي ساک ڀري ٿو. توڙي جو هن باقاعده رسمي تعليم حاصل نہ ڪئي هئي، هن ٽن طريقن سان علميت پيدا ڪئي، هڪ پنهنجي مُنهن وسيع مطالعي ذريعي، ٻيو سير سفر (مشاهدي) جي ذريعي، جڏهن تہ هن جي علم حاصل ڪرڻ جو ٽيون ذريعو

ضروري علم هو جيڪو اهل علم سان رهاڻين ذريعي حاصل ٿئي ٿو. سائين ريجهل شاهہ جو خيرپور رياست جي والي مير علي نواز "ناز"سان ياراڻو هو. مير صاحب رياست جي واليءَ سان گڏ اهلِ علم، شاعر ۽ فقيراڻي مزاج جو ماڻهو هو. تنهن ڪري سندس مجلس ۾ بہ اهل علم، اهلِ دل ۽ روحانيت جا راز ڄاڻيندڙ هر وقت موجود رهندا هئا. ظاهر آهي تہ اتي اچڻ وڃڻ سان اسان جي هن شاعر بہ ڪو علمي فيض ڏنو ۽ ورتو ضرور هوندو. شاهہ نوراني ۽ لعل شهباز تي حاضريون ڀريندي ان وقت جي اهل علم ۽ اهلِ دل کان بہ ڪجهہ پرايو هوندائون. اهڙيءَ طرح ڀٽ شاهہ تي اچڻ وڃڻ ڪري اتان جي علمي ميڙاڪن، سجاده نشين جي رهاڻين ۽ تنبوريُ جي تارن تي هر وقت هلندڙ لطيفي لات مان بہ فيض پرايو اٿن.

اهڙي ثابتي سندس شاعريءَ جي صنف بيت مان پڻ ملي ٿي، جنهن ۾ هن لاڪيڏي لطيف جيان قرآني آيتن جو استعمال ڏاڍي ماهراڻي انداز ۾ ڪيو آهي.

مثال طور: ڀٽائي رحہ هڪ قرآني آيت پنهنجي بيت ۾ نهڪندڙ معنيٰ مفهوم سان استعمال ڪري ٿو:

آڳي ڪيا اڳهين، نسورو ئي نور
" لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَ لَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ " سچن ڪونهي سور
مولي ڪيو معمور انگ ازل ۾ اُنَ جو
(سُر ڪليان)

اها ساڳي آيت ريجهل شاهہ پڻ پنهنجي هڪ بيت ۾ مناسب ترين مفهوم ۾ استعمال ڪري ٿو.

آهن اظهار عام ۾، سائين وينو چئُ
لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَ لَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ. تن کي ڪهڙو پئُ
هلي پيش تن جي پئُ تہ ٿئين سرهو سنگ ۾

هڪ ٻي آيت پاڪ جو مثال وٺو جيڪا شاهہ سائين بہ پنهنجي بيت ۾ استعمال ڪئي آهي، تہ اسان جي شاعر ريجهل شاهہ پڻ پنهجي هڪ بيت ۾ ڪتب آندي آهي.

"تو جنين جي تات، تن پڻ آهي تنهنجي،
فَاذْكُرُوْنِيٓ اَذْكُرْكُمْ اي پروڙج بات،
هٿ ڪاتي ڳڙوات، پيچڻ پر پرين جي،
*شاهہ صاحب (سر ڪلياڻ)*

"چنائون چوهہ مان ڏنڏا ۽ ڏڳا،
فَاذْكُرُوْنِيٓ اَذْكُرْكُمْ ڪيائون اوجاڳا،
تيا پاڻ ساڳيا، انهيءَ رمز ۾ ريجهل شاهہ چوي
*(ريجهل شاهہ)*

اهڙي طرح هڪ ٻي قرآني آيت هي آهي، جنهن کي لطيف سرڪار توڙي ريجهل شاهہ پنهنجن پنهنجن بيتن ۾ استعمال ڪيو آهي.

"گهڙو ڀڳو تہ گهوريو آسرو مَ لاهيج
لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللهِ، تُرهي ان تريج
حبيباڻي هيج، پسين منهن ميهار جو.
*شاهہ صاحب (سُر سهڻي)*

"سي پسندا پرکي، انهن ڪاڻ عيد،
لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللهِ، رکيائون در ۾ ديد
رک تون اها بہ اميد، ٿي راهي ريجهل شاهہ چوي."
*(ريجهل شاهہ)*

اهڙي طرح ڪيترين ئي ساڳين قرآني آيتن جي استعمال جا مثال ملندا جيڪي شاهہ صاحب ۽ ريجهل شاهہ پنهنجي پنهنجي ڪلام ۾ استعمال ڪيون آهن. ان استعمال جي طريقي لاءِ منهنجو خيال آهي تہ يڻائي جي ڪلام جو مطالعو ڪندي ريجهل شاهہ کي اهڙو خيال آيو هوندو.

اسان جي هن شاعر ڇهن بيتن ۾ سڄي "سورة الفاتحہ" جي آيتن کي خوبصورت انداز سان استعمال ڪيو آهي. "سورة الاخلاص" کي ٽن بيتن اندر استعمال ڪيو آهي.

ان کان علاوه هن پنهنجي ڪلام ۾ ڪيترين ئي قرآني آيتن ۽ عربي مقولن کي لساني لوازمات سان استعمال ڪيو آهي، جيڪو خود ثابت ٿو ڪري تہ کيس ٻنهي ٻولين تي عبور حاصل آهي.

ريجهل شاهہ جا بيت قرآني آيتن جي استعمال کانسواءِ بہ شاعراڻي فن جو ڪمال آهن، جيئن مان مٿي لکي آيو آهيان تہ سندس هڪ بيت جتي ڪٿي ٿو اتان ٻيو بيت ڦٽي ٿو. آءٌ ان مثال کي ورجايان نہ ٿو. هن جي سنڌي بيتن جي ٻي خوبي اها آهي تہ جنهن عنوان سان شروع ٿين ٿا تہ انهيءَ تسلسل سان ڪيترائي بيت اچن ٿا. مثال طور:

## بيت

جي سندرو ٻڌين سڪ جو تہ گهم نہ پروا گهير،
ڪڍي چڏ قلب مان، مدين سندا مير
ڪاهہ اٿي قرب سان، جاڏي رانجهن سندا پير
ساهہ اندر سيد چوي، رک ثابوتي وارو سير
هٿڻ واري هير، رک نہ "ريجهل شاهہ" چوي.

"جي سندرو ٻڌين سڪ جو"جي عنوان وار لڳاتار ٢٩ بيت آهن، هر هڪ بيت پنجن سٽن تي مشتمل آهي، ڪٿي بہ ڪنهن بيت ۾ قافئي جو ڪو عيب ڪونهي پرمڙئي بيت تجنيس حرفي جو اعليٰ مظهر آهن!

## بيت

جي سندرو ٻڌين سڪ جو تہ اٿي آتڻ هَلُ
چڏي ماڙيون بنگلا، هلي پکن هيٺ پَلُ
رستو وٺي راهي تي، وڃي رانجهن سان رَلُ
اڳيون عوشاقن جي، هلي سور سيئي سل
ٻڌي پنهنجو ٻَلُ، وڃي رس "ريجهل شاهہ" چوي.

اهڙيءَ طرح سندس "عشق جي عام کي".... يا "جي چوين عاشق ٿيان" جا بيت بہ ان طرح تسلسل سان اچن ٿا، نہ صرف اهي مسلسل بيت آهن پر انهن ۾ هڪ پيغام بہ آهي:

### بيت

عشق جي عام کي، ناهي خبر ڪري
نہ ماڙيائون محلات کي، نہ ڪولياڻون دري
سي ڳهلا ويا ڳري، انهيءَ ريت "ريجهل شاهہ" چوي.

### بيت

جي چوين عاشق ٿيان، سچن سان رک سنگت
رهبر جي رنگ سان، ساري رنگ رنگت
اها منگ منگت، جنهن سان رسين "ريجهل شاهہ چوي"
ريجهل شاهہ بيت کان علاوه ڪافيءَ جو تمام وڏو شاعر هو.

ڪافي جي نالي جي حوالي سان ڪوڙ ساريون تاويلون ٿيون آهن پر سڀ کان وزندار ڳالهہ اها آهي تہ هيءَ صنف راڳداريءَ سان تعلق رکي ٿي. اڄ بہ موسيقيءَ جي دنيا ۾ "ڪافي ٺاٽ" راڳڻي موجود آهي. اسان جو شاعر راڳداريءَ جي دنيا جو ڄاڻو هو. ان جي شاهدي سندس سنڌي توڙي سرائيڪي ڪافيون ڏين ٿيون. جن مان اڪثر راڳ ۽ راڳڻين تي آڌاريل آهن. هونئن تہ ريجهل شاهہ خود بہ سُريلو هو ۽ راڳ ويراڳ ڪندو هو هتي سندس ڪافين کان هڪ سنڌي ڪافي (سر آسا) ۽ هڪ سرائيڪي ڪافي (سر پيرويءَ) مان مثال طور ڏجن ٿيون.

### سنڌي ڪافي (سُر آسا)

ٿلهہ: اتي آڻ هل، جتي ڪنڌ پاجهئون ڪار نہ ڪائيِ،
١. پڌي سندرو سور جو محبن سان هلي مل،
جتي تون هي تون جي وات آ وائي.
٢. ويهہ نہ وساري واٽ انهيءَ کي، متان چوئي ڪو چَلُ،
جتي هستي هوڏ کي جوان ويا ڪائي.
٣. ريجهل شاهہ" پنهنجي رهبر سان، اچي سورڙا سل،
جتي سورن جي آ سڀ سڻائي.

هن ڪافيءَ جي سريلي هئڻ سان گڏوگڏ هيءَ بہ خوبي آهي تہ هن ۾

تجنيس حرفيءَ جو خوبصورت استعمال ٿيل آهي، ٻيو تہ هن ڪافي جي ٿلهہ ۽ هر هڪ بند ۾ شاندار نموني ٻن قافين جو استعمال ٿيل آهي. ريجهل شاهہ جي ڪلام جي اها خوبي ڪڏهن ڪڏهن نہ پر اڪثر ڪلام ۾ موجود آهي جيڪا سندس قادرالڪلام شاعر هئڻ جي دلالت آهي.

## سرائڪي ڪافي (سرپيروي)

ٿلهہ: وهہ واهہ عشق دا اعليٰ شان ڏٿم،
خود عشق تي عاشق رحمان ڏٿم

١. هن عشق تي عاشق هزار آيا،
هڪ يوسف مصر بازار آيا،
پر سپ کان وڏيڪ بيمار آيا،
اهو عابد شام، زندان ڏٿم.

٢. عشق جي محبت مورئون مهانگي،
عام جي ليکي آهي سهانگي،
پر عشق جي منزل اوکي اٽانگي،
ڪيئي سوليءَ تي مستان ڏٿم

٣. ”ريجهل شاهہ“ راضي عشق ڪيو
اوهين توڙي نمازون نفل پڙهو
جنهن سين کان سوايو سجدو ڪيو
اهو توڙئون تڙيل شيطان ڏٿم.

سنڌ جي ڪافي گو شاعرن ۾ ريجهل شاهہ کي هڪ ٻي انفراديت پڻ حاصل آهي، اها هيءَ تہ اسان جي هن شاعر مارئي جو روپ ڌاري سانئڻ صغريٰ جي درد کي غمناڪ لفظن جي بندش ۾ بيان ڪيو آهي. امام عالي مقام حضرت حسين عليہ السلام پنهنجي هيءَ نياڻي هاشمي خاندان جي چاليهن گهرن جي ويڙهي ۾ اڪيلو ٽڪائي ڪربلا کهي ويا هئا، ساڻن واعدو ڪيو هئائون تہ ڪيس شهزادي اڪبر جي شادي ۾ ضرور شامل ڪندا.

پوءِ جڏهن هن پاڪ بيبي کي ڪربلا جي شهيدن ۽ شام جي شهيدن جي ياد ستائيندي هئي تہ ڪربلا ڏانهن رُخ ڪري پنهنجي پيارن کي ميارون بہ ڏيندي هئي.

"بيماريءَ ۾ بيماري، ويتر ويا وڌائي،
روئان روز "ريجهل شاهه" ڏسي خالي گهرن کي..."

۽ پنهنجي قسمت تي روئندي روئندي اڪثر سائڻ بيهوش ٿي ويندي هئي سندس اهڙي قسمت کي ريجهل شاهه بيان ڪندي چوي ٿو:

"هجي ها جي قسمت ولر سان ويجان ها،
پلئه بڌان ها، پنهنجي ادن کي..."

سائڻ صغريٰ جي غم سان ريجهل شاهه پنهنجي ماتمداري ۽ ڪاري ويس ڪرڻ کي بيان ڪندي چوي ٿو:

"ڏئي من ۾ ماتم، سڄڻ سي هليا ويا،
تنهان پوءِ ڏنو مون ڪارو رنگ لٽن کي"

اهڙيءَ طرح ساڳئي پس منظر ۾ سندس هڪ ٻي ڪافي آهي:

ٿلهه: پار لڏي ويا، وطن ڇڏي ويا،
مارو ڏئي ويا، مون کي ماتام.
١. ساري سات کي سات نيائون،
هيڪل اڪيلي مون کي ڇڏيائون،
ڪيئون اچڻ جو وري نه انجام.
پار لڏي ويا....
٢. وڇوڙي وڏو آهي مون کي ماري،
جان جگر ڇڏيو سورن ڳاري،
ناهي نيڻن کي ننڊ آرام.
پار لڏي ويا....

ريجهل شاهه جي اهڙي ڪلام کي فقير وڇوڙي وارو ڪلام چوندا آهن. سندس اهڙيون ڪيتريون ئي ڪافيون آهن. خيرپور توڙي سنڌ جي امام بارگاهن ۾ عاشوري وارن ڏهاڙن ۾ پڙهيون وينديون آهن. سچ پچ ته سندس شاعريءَ ۾ شامل "ويڻ"پٿر دل به پسائي وجهندا آهن. هزارين ماڻهن جي مجموعي کي زاروقطار روئڻ تي مجبور ڪري وجهندا آهن.

## (ڪافي)

ٿلهہ: ”آيا ڪين اباڻا، وساريئون وطن ڪي،
الائي! ڇو اباڻن پاڙيو نہ سخن ڪي.“

## (ڪافي)

ٿلهہ: ”پون پور مون ڪي اباڻن جا هر هر،
ويئي قارون پايان، ڏسان جيئڙي هيڪر.
١. سونهن ساري گهر جي ڇنائون زوري،
جنهن سان ونڊر منهنجي هئي اهو ملاءِ هيڪر.“

هن ڪافيءَ ۾ ريجهل شاهہ سائڻ صغريٰ جي واتان علي اڪبر جي وڇوڙي کي دردناڪ انداز ۾ بيان ڪيو آهي. سندس اهڙي انداز جون ڪيتريون ئي ڪافيون آهن.

ريجهل شاهہ پنهنجي عهد جو هڪ پلوڙ شاعر هو. سندس في البديع چيل ڪلام بہ اعليٰ درجي جو آهي. سائين هميشہ ريل جي فرسٽ ڪلاس ۾ سفر ڪندو هو. هڪ ڀيري هو جيئن ئي گاڏيءَ ۾ سوار ٿيا تہ اتي ويٺل ماڻهن فقيري لباس جي ڪري سائين کي چيو تہ فقير هُن گاڏي ۾ وڃ! ان وقت اسان جي شاعر موقعي تي هيءَ ڪافي چئي.

ٿلهہ: پاڪ فقير جو نام
بدنام ڪيو آ پنڻ وارن
١. فقير اهي جيڪي اميري ڪمائن،
نہ گهرن ڪنهن کؤن دام
شهنشاهي رعب ڏيکارن....

ريجهل شاهہ جي هيءَ ڪافي، شاهہ صاحب جي سر رامڪليءَ جي هن بيت جو جڻ تفسير آهي. ”پنن ڪونہ پٽ ڪٽي، گهرن ڪين گهران...“

ريجهل شاهہ ڪافيءَ جي وڏي شاعر هئڻ باوجود بہ ان علائقي ۾ پيدا ٿيو جنهن علائقي ۾ سچل سائين جنم ورتو ۽ هن (سچل) جڏهن الاهي اسرارن تان پردو هٽايو تہ ڪوتاهہ نظر ماڻهن ڪيس قبولڻ کان انڪار ڪيو.

اهڙيءَ طرح اهي ساڳيون ڏريون سنڌي شاعري جي هن هيري (ريجهل شاهہ) کي قبولڻ کان انڪاري ٿي بيٺيون. هن خلاف عجيب قسم جا افواهہ پکيڙيا ويا. ايتري قدر جو جڏهن مون هن جي ڪلام تي ڪم شروع ڪيو تہ هڪ پڙهيل لکيل دوست مون کي چيو تہ "مهرباني ڪري ريجهل شاهہ جي تعصب واري ڪلام کي نہ آڻجو" مون ڪيس سائين جو سمورو ڪلام ڏيکاريو جنهن ۾ ڪوبہ اهڙو ڪلام نہ هو.

سچ تہ اهو آهي تہ ريجهل شاهہ جي ڪلام ۾ اهل بيت جي حب کان اڳتي ٻي ڪابہ تعصب واري ڳالهہ ڪونهي. هو تہ هڪ سچو صوفي هو ۽ صوفين لاءِ نفرت حرام آهي. صوفيءَ وٽ تہ ڏيڻ ۽ ڪرڻ لاءِ صرف ۽ صرف محبت هوندي آهي. سو اسان جو هيءُ شاعر ٻين مامرن کان گهڻو مٿاهون هو. تڏهن تہ هو هڪ ڪافيءَ جي اندر ان سڄي بحث کي واضح ڪري ڇڏي ٿو.

ٿلهہ: نہ جنگي هون نہ فرنگي هون،
هر دل دي اندر دنگي هون.
١. نہ سني هون، نہ شيعا هون،
هر رنگ دي وچ رنگي هون.

پوءِ عقل کان پيادن ريجهل شاهہ کي سچل سائين جيان تسليم ڪرڻ کان نابري واري ڇڏي، ڇو تہ سچل سائين واريون ساڳيون لاتيون هن جوءِ ۾ وري ريجهل شاهہ ٻولي رهيو هو. جهڙيءَ طرح سچل سائين فرمائي ٿو:

## (ڪافي)

ٿلهہ: ڪو ڪيئن چوي ڪوي ڪيئن چوي،
آءٌ جو ئي آهيان، سوئي آهيان.

١. ڪو مومن چوي، ڪو ڪافر چوي،
ڪو جاهل نالو ظاهر چوي،
ڪو ساحر چوي، ڪو شاعر چوي
آءٌ جوئي آهيان، سوئي آهيان.....

اهڙي طرح ريجهل شاهہ چوي ٿو:

## ڪافي

ٿلهہ: جو ڪجهہ سمجهو سو ڪجهہ مين هون،
هر دل دي اندر هون

۱. غافل سمجهو عاقل هون، جاهل سمجهو جاهل هون
پڙهيل سمجهو تہ عالم هون،هر لقب دا لنگر هون.
هر دل دي اندر هون....

اهڙي طرح سچل سائين چوي ٿو:

"اول عشق الله تون هو يا، جنهن رسول بڻايا..."

بلڪل ساڳئي انداز ۾ ريجهل شاهہ چوي ٿو:

"اول عشق الله خود ڪمايو،
تنهن ڪان پوءِ آدم جي سيني سمايو."

اهڙي طرح ريجهل شاهہ جي ڪلام ۾ اهڙا مثال ملن ٿا، جن جو ذڪر سچل جي ڪلام ۾ ٿيل آهي.
اسان جي هن شاعر پنهنجي عهد ۾ بدليل سماجي قدرن تي پڻ خوب خيال آرائي ڪئي آهي. هو هڪ سنڌي ڪافي ۾ پنهنجي دور جي بگڙيل ماحول کي بيان ڪندي چوي ٿو:

## (ڪافي)

ٿلهہ: اجوڪي حالت جي ٻڌو هيءَ ڪمائي،
ڏسي وائسي عمر جن پنهنجي وڃائي.
۱. بدمعاش چٽي ويا، اڙجن ٿا اشراف،
سڙيا هٿ انهن جا، جن ڪئي چڱائي.
۲. حرامي ٿيا پيدا، ايمان ويو ڇڏائي
ڪري ڪم بڇڙا، پوءِ ڪونن ٿا مائي
۳. ڪي ڏسڻ ۾ اشراف باطن ۾ بڇڙا،
سي چڪلن ۾ چوري ڪن ٿا برائي.

ريجهل شاهہ جي ڪلام جو لهجو اترادي آهي پر هن بامحاورا ٻولي استعمال ڪري هڪ پاسي ڪلام کي سينگاريو آهي تہ ٻئي پاسي ٻولي جي

قدر لائق خدمت ڪئي آهي. هونئن تہ سندس ڪلام ۾ اهڙا اڪيچار مثال ملن ٿا، پر هت چند مثال پيش ڪجن ٿا.

(١) "اڪ مان ماڪي لاهڻ"

"تيز تي تڪڙ ڪر، ناهي اڪئون ماڪي لاهڻي....."

(٢) "ڪاڪ ڪاري ڪرڻ"

"ڪيئون ڪاڪ ڪاري، انهي ريت 'ريجهل شاهہ' چوي"

(٣) "ترئون گُسڻ" ۽ چوٽ لڳڻ

"چوٽ لڳي تنهن کي، جيڪا ترئون گُٿي...."

(۴) چڱائيءَ مان هٿ سڙڻ.

"سڙيا هٿ انهن جا، جن ڪئي چڱائي."

(۵) سور سلڻ.

"ريجهل شاهہ" پنهنجي رهبر سان سورڙا سَل

ان ڪان علاوه ريجهل شاهہ جي شاعراڻي گنج ۾ مولود، قصيدا، مرثيا، بحر ۽ منظوم دعائون پڻ شامل آهن. اسان جو هي شاعر هڪ ئي وقت سنڌي، سرائيڪي، اردو ۽ بلوچي ٻولين جو شاعر هو. جيڪڏهن سندس ڪلام وقت سر سهيڙجي وڃي ها تہ سنڌي ادب جو هڪ وڏو خزانو ضايع ٿيڻ ڪان بچي وڃي ها.

**پروفيسر منظور حسين کهڙو**
شاهہ عنايت جو گهر
سچل ڳوٺ ڪراچي



صاحبِ کتاب حاجي ريجهه علي شاهه

ظاهر مومن مرد سڏائين، دل ۾ اوهر خيال

١ لباس ڏيکي تو خلق نوائين، وڏ ۾ سر جنجال

٢ ظاهر ۾ تو الفي پائين، جوڙي ميڙين مال

٣ اٽڪل سان ڪڍ ٿا هنڊين، اهو لاهوتي لال

٤ حاجي ريجهل شاهه سو سچ جو ڏنو آهي حال

راقم الحروف حاجي ريجهه علي شاه

**هٿ اکر حاجي ريجهه علي شاه**

# سنڌي ڪلام

# کافیون

## ١

ٿلهہ: اتم درد دل ۾، مون نال نہ نيائون،
سجڻ سپ هليا ويا، هيڪل مون ڇڏيائون!

١.ماري اهو ٿو اباڻن جو افسوس
پائر منهنجا مون کئون، جيئري چو ڇنائون!

٢. مارن جي اچڻ جو ويو گذري واعدو
نڪو قاصد آيو نڪو خطڙو لکيائون!

٣. ڏسان شال جيئري، اباڻيا مان پنهنجا
اهي روز "ريجهل شاهہ" گهران ويٺي دعائون.

## ٢

## سر آسا

ٿلهہ: اٿي آتڻ هل، جتي ڪتڻ پاجهؤن ڪار نہ ڪائي.

١. ٻڌي سندرو سور جو محبن سان هلي مِل،
جتي تون هي تون جي وات آ وائي.

٢. ويهہ نہ وساري وات انهيءَ کي، متان چوئي ڪو ڇَلُ
جتي هستيءَ هوڏ کي جوان ويا ڪائي.

٣. ريجهل شاهہ پنهنجي رهبر سان، اچي سورڙا سَلِ،
جتي سورن جي آ سپ سڻائي.

٣

## سُر پيروي

تلهہ: اتي بندا ٿيءُ هوشيار
اتئي ڏينهن دنيا ۾ چار!

١. انهيءَ دنيا ۾ ائي پھر رڳو آ تڪرار
اتئي ڏينهن دنيا ۾ چار!

٢. تولي حسيني دا گهن پاسا تون لڳ سيّد جي لار
اتئي ڏينهن دنيا ۾ چار!

٣. ”ريجهل شاهہ“ توکي سچ چيو آهي، اچڻ تنهنجو اختيار
اتئي ڏينهن دنيا ۾ چار!

٤

## سُر سارنگ

تلهہ: اتي پھريون سجاڻج پاڻ،
صورت ساڳي صحيح سڃاڻ.

١. فَذكُرُوني اَذكُركُم، ڳول اهو اهڃاڻ،
صورت ساڳي صحيح سڃاڻ

٢. وَنَحنُ اَقرَب واعدو ويجهو آهي توساڻ،
صورت ساڳي صحيح سڃاڻ،

٣. تاراها رک ”ريجهل شاهہ“ پوندئي پوءِ سنباڻ،
صورت ساڳي صحيح سڃاڻ

## ۵
## سُر سارنگ

تلهہ: اُتي عشق دي نال گذار،
هي سڀ ڪوڙيون ڳالهيون وسار.

١. انهيءَ عشق بازيءَ ڪان ٿجي ٿي بيزار،
هي سڀ ڪوڙيون ڳالهيون وسار.

٢. ترڪ ڪري ڇڏ تخت تماشا، ڇڏ تون شوق شڪار،
هي سڀ ڪوڙيون ڳالهيون وسار.

٣. طعنا مهڻا سر تي سهائي، نڪري ٿي نروار،
هي سڀ ڪوڙيون ڳالهايون وسار.

۴. "ريجهل شاهہ" محبت جو ڏيئو اندر ۾ ٻار،
هي سڀ ڪوڙيون ڳالهيون وسار.

## ٦
## سُر سارنگ

تلهہ: اٿي ڪاهہ تون ڏينهان رات، هر دم وائي رک تون وات

١. ناهي ڪوئي ننڍي وڏي تي، هي ڪُلئي آهي ذات
هر دم وائي رک تون وات.

٢. محڪم رهہ تون ڪثرت سان، جن جي توکي تات
هر دم وائي رک تون وات

٣. "ريجهل شاهہ" تون رمز انهيءَ ۾، حاصل ڪر درجات،
هر دم وائي رک تون وات.

٧

تلھ: اتي ڳول ڏاها، آدم جي اندر ۾،
اچي ٽيو اتي ظاهر ساڳيو پنهنجي گهر ۾.

١. هِتِ هُتِ آ اهو متان ٻئي هنڌ ڳولين
ٻين جي چوڻ تي متان ڀول ڀُلين
هيڏي هوڏي نہ رلين، اها صورت بشر ۾.

٢. الا انسان سري سِر آ سارو
پنهنجو پاڻ نہ ڀانئج، متان ٿئين ڪارو
اهو سمجهہ اشارو عين جي اکر ۾.

٣. ٻڌي هن ڪلام کي متان ٿئي ڪو نابر
نابر کي ٻڌايان "ريجهل شاهہ" ظاهر
آ بيشڪ برابر اهو شاهي شهر ۾.

٨

## سر ڪوهياري

تلھ: اتي ور کي ووڙ ڪاڏنهن منهن نہ موڙ
اور اتي هڪ انگ سان

١. چو تو وقت وڃائين، اجايو نہ لوڙ
ڪر نڪاح نرنگ سان

٢. ياد ڪر اقرار کي، نينهن نڀائج توڙ
هلي دوڙ انهيءَ دنگ سان

٣. "ريجهل شاهہ" انهي راهہ ۾ رت رڱن تئون روڙ
رهہ سدا انهيءَ رنگ سان.

٩

## سر جوڳ

ٽلهہ: اڄ پنهنجي پاڻ کي، تو پاڻ آ سڃاتو
پاڻ آ سڃاتو نئون نينهن آ لاتو.

١. پهريون قول ياد ڪر، ”قالو بليٰ“ تو چيو
وري اچي زمين تي تو ڪهڙو قول ڄاتو.

٢. الستبر ”بَڪُمُ“ صحيح ڪر آواز ڪي،
اڄان نٿو ڄاڻين، ٻيو ڄاتو آ ڇا تو؟!

٣. مَن عرف نَفسَہٗ فَقَد عَرَف ربہ،
اهو آواز ”حاجي ريجهل شاهہ“ ڪعبي منجهئون آ پاتو.

١٠

ٽلهہ: اڄ سياڻي پائيندين الفي،
تون رڳو ڇڙو مرتہ سهي.

١. الفي پائڻ ڪان عار نہ ڪر تون،
ٻيو انهيءَ ڪئون ٻيُر تہ سهي.

٢. جيئري الفي پائي خبر رک
جُوءِ جوڙِس تون جر تہ سهي.

٣. اڻ تارو توکي ٻوڙيندا،
تارِ تارُنِ سان تر تہ سهي.

٤. ڳولي لڌو آ درد ”ريجهل شاهہ“
تون ٻي اچي ڏس در تہ سهي.

## ١١

ٿلهه: اڄ عشق اسان وٽ آيو اڄ رمزن رنگ لايو
اڄ محبت مچ مچايو اڄ دردن دونهون دکايو

١. بي مرشد چلي نہ چارو، بي پير جو قلب آهي ڪارو
بي درد جو ناهي نعرو، بي همٿ ماڳ منجهايو

٢. بي رهبرَ ربُ نہ راضي، بي برهہ جي اوکي بازي
بي عشق اتي ڪئي آزي، بي قرب ڪجهہ نہ ڪمايو.

٣. بي يار "ريجهل شاهہ" ناهي، بي ڪار ڪيئن ٿو ڪاهي.
بيزار سپ ڪم ڏاهي، بي تار ڏگ وڃايو.

## ١٢

ٿلهه: اڄ عشق اسان وٽ آيو
آيو ديرو لايو لايو لايو.

١. عشق جي آئي خوش ٿياسين،
مولا محب ملايو ملايو ملايو.

٢. ياڳ اسان جا سپ يلا ٿيا،
وارث ويڙهو وسايو وسايو ويو.

٣. سُرها ٿيا ميدان اسان جا،
رهبر قدم گهمايو، گهمايو گهمايو.

٤. راهہ انهيءَ ۾ "ريجهل شاهہ"
محبت مچ مچايو مچايو مچايو.

## ١٣

## سر پيروي

ٿلهه: اڄ عشق عقل جو نبيريو قصو
زور عقل ڪيو يا عشق ڪيو.

١. عقل چوي گهمر صدر بازار،
جتي بغل باجا ۽ فونا چوڏار،
عشق چوي هلي جهنگ ۾ جهونگار،
جتي ڪونہ هجي سوا تنهنجي پيو.

٢. عقل چوي گهمر باغن ۾،
چڙهي سير ڪر تون جهازن ۾،
عشق چوي چا هي باغن ۾
اهو گهڙي سوا جو آ کيل کليو.

٣. ڏسيو تہ هاڻي ڪيئن ڪجي،
هوڏي عقل سڏي، هيڏي عشق سڏي،
اصل چڏي عقل کي چو نہ ڏجي.
رهبر "ريجهل شاهہ" جو عشق ٿيو.

## ١٤

ٿلهه: اڄ کلي ويو سارو مطلب، جو هو منهنجي دل جو راز،
عمر ساري ٿي وڃايم، ساز سپ مون بي آواز.

١. بي رهبر هر بات بيشڪ، بي اثر برباد وئي
اڄ اچي سمجهايو مرشد، سارو عاشقي جو آغاز.

٢. جي چوين عاشق ٿيان، تہ تان ڳول رهبر جي ڳلي
پوءِ ٿئي توسان "ريجهل شاهہ" ساري ڪم ۾ ڪارساز.

١٥

ٿلهه: اجوڪي حالت جي بڌو هيءَ ڪمائي،
ڏسي وائسي عمر جنهن پنهنجي وڃائي.

١. بدمعاش چٽي ويا، اڙجن ٿا اشراف،
سڙيا هٿ انهن جا، جن ڪئي چڱائي.

٢. ڪي ڏسڻ ۾ اشراف باطن ۾ بڇڙا،
سي چڪلن ۾ چوري ڪن ٿا برائي

٣. حرامي ٿيا پيدا ايمان ويو ڇڏائي،
ڪري ڪم بڇڙا، پوءِ ڪوٺن ٿا مائي.

۴. چوڏهينءَ صديءَ ۾ بچايو ذلت ڪان،
اهو سوال گهري ٿو ريجهل شاهه ڪهڙائي.

١٦

ٿلهه: اجهو آيو اسان جو امام مهدي هادي،
اچي ونندو سڀ ڪان سنيالي مرادي

١. گهڻو وقت ڪئي آ، منافقن منادي،
هاڻي ظاهر ٿيندا، سچا بنيادي

٢. وڏو جن دين ۾ فرقو فسادي،
ترت ٿيندي تن سان اڄ سياٽي تعدي

٣. ٿيندي گم گهڙيءَ ۾ گبرن جي گادي،
ٿيندا خوش "ريجهل شاهه" عليءَ جا اولادي

## ١٧

ٿلهہ: اچي پاءِ الفي تون، پوءِ توکي پوندي سڌ ساري،

١. سواءِ مطلوب جي مطلب، ملي هرگز نہ طالب کي.
جيئن برسات بنا بادل، وسائي ڏوڙ واري،

٢. رنگي روپي ڪاغذ جو ٺاٺائي گل ڪرين تو تيار.
سواءِ خوشبوءِ بيڪار جيئن آ، هر بنا هاري،

٣. جنهن تي ٿئي راز "ريجهل شاهہ" رهبر جو سدا هر دم،
تنهن جي دل ٿيو ٿئي غمناڪ، جنهن جي ويڙهي ۾ گلزاري

## ١٨

ٿلهہ: ازل کئون وڇوڙو منهنجي سر تي آيم،
ڇڏي ڪين وينداء مون ايئن تي پانئيم.

١. پهريون دلاسو هلڻ جو ڏنائون،
کلي خوش تي ميندي هٿن تي لايم.

٢. وري اوچتي ويا، ڇڏي هيءَ ويچاري،
اها ساڳي ميندي هٿن تئون لاهيم

٣. دعا ڪيو وي جيڏيون، هجي ساٿ سلامت،
جن لاءِ "ريجهل شاهہ" گهر گهر تي ڳائيم.

١٩

ٽلهہ: اسان اڳئي لنگ ٻڏا هن، ڪيئن ڪندا هاڻ جنٽلمين

١. جن ڪئي ٽي ستڻ ست هٿ، تن کي هاڻي گوڏ ٻڏين،

٢. ڪوٽ ڪالر جن ڪيا ٽي، تن جي اڳيون ڳوڻ رکين.

٣ جن کي هئا طول وهاڻا، هاڻي شل ڪارلهي ملين

٤. ٽان جا ٽي پٽڪا ٻڏائون، ٻڏ وهاڻي توڙ چوين

٥."ريجهل شاهہ " اشرافن جو مرشد شل تون ڏک ڏڪين.

٢٠

ٽلهہ: اسان جو رهنما هادي، هاڻي آهي اچڻ وارو
متائي غيب جو پردو آهي ظاهر ٿيڻ وارو

١. ڏينهون ڏينهن وڃي ٿو پيو زمانو ظلم ٿيندو
نہ ٿيو دلگير اجهو آيو عدل قائم ڪرڻ وارو.

٢. خانا جنگي خوني جهڳڙا، وڌي وئي زور بدامني
. فسادن جي بنيادي پاڙ اجهو آيو پٽڻ وارو.

٣. ڪيا ٿي ظلم جن شخصن، ٿيندا ذليل زماني ۾،
اڳيون مظلوم جي، ظالم آهي هاڻي جهڪڻ وارو.

٤. جيئن جيئن وقت ويجهو ٿو ٿئي ظهوريءَ جو
ٿيئن ٿيئن تختئون، هر هڪ ٿيو پاڻهي لهڻ وارو.

٥. اهو انسان خوش ٿيندو جنهن جو مرشد هادي مهدي،
ٿيندو حقدار حڪومت ۾ امامت کي مڃڻ وارو.

٦. جيڪو چوندو ناهي ناهي، هن ڪلام کي هر هر،
انهيءَ جي لاءِ آ "ريجهل شاهہ" هميشہ دعا گهرڻ وارو.

## ٢١

ٽلھہ: اسان رهبر لڌو ڳولي،
لڌو ڳولي پنهنجو خيال ڪولي.

١. انا احمد بلا ميم،
ڀل نہ تون ڪنهن ٻئي جي ڀولي

٢. فاذڪروني اذڪرڪم،
ٻول اهو ڏس تون ٻولي

٣. ونحن اقرب واري
آهي ريجهل شاهہ اندر چولي.

## ٢٢

ٽلھہ: اسان ريڏا وتئون رنگ رنگ سان، الا!
رنگ سان، الا! هر رنگ سان الا!

١. عين ۽ ميم کي جوڙي ڪيو سين، الف واري انگ سان الا!
رنگ سان، الا! هر رنگ سان الا!

٢. هيڏي هوڏي ڪين وياسين، ٻڌاسين وحدت واري ورنگ سان، الا!
رنگ سان، الا! هر رنگ سان، الا!

٣. چڏ "ريجهل شاهہ" عشق کي، وچي گذار جهنگ سان، الا!
رنگ سان، الا! هر رنگ سان، الا!

٢٣

ٿلهہ: اسان سدا رهون مستانا الا!
مستانا سو ديوانا الا الا!

١. سڏو سئون آ راڳ اسان جو
نہ ڄاڻون تانا ترانا الا!

٢. گڙٻڙ سرگرم مول نہ سکيا سين،
سکيا سين عشق جا پيمانا الا!

٣. راز نياز ۾ ”ريجهل شاهہ“ سائين،
اسان لايا آستانا الا!

٢٤

ٿلهہ: اسان عشق اعظم رهبر ڪيو آ،
دلبند دلدار دلبر ڪيو آ.

١. جنهن جي صفت سهڻي آ سپ ڪان،
جنهن کي خود خدا بهتر ڪيو آ.

٢. دو جڳ ۾ جنهن جو نالو آ نروار،
هر هڪ عاشق اڪبر ڪيو آ.

٣. ڪيان ڇا مان تنهنجو بيان دهر ۾،
عوشاقن اڳ ۾ اظهار ڪيو آ.

٤. رهہ تون ”ريجهہ علي شاهہ“ ڏينهان رات ثناگر،
تنهنجي شعر ۾ مولا اثر ڪيو آ.

٢٥

ٿلهہ: الاهي معاف ڪر، منهنجون خطائون ۽ گناهہ سارا،
لاهيو مون تان ڏٺي پرور، گناهن جا وڏا بارا.

١. ڇاٽي واٽي خطا مون ڪئي، ٿيس ذليل ساري جڳ ۾،
شيطاني شر ۾ ڦاٿس، ڪيم ڪاغذ ڪيئي ڪارا.

٢. حڪم جيڪي تنهنجا آهن، ڪيم سي ڪينڪي هرگز،
ٿيس مغرور دنيا ۾، وساريم وحدت جا وارا.

٣. تنهنجي اڳيون آهي هر دم، مولا سوال هي ”ريجهل“ جو
پيارن پاڪن جو صدقو ٿين مون پاڳ پلارا.

٢٦

ٿلهہ: الائي ڇو اباڻن، گهڻي دير لاتي،
نہ آيو ڪو قاصد، نہ موٽيو ڪو پاتي!

١. ڪبوتر ادا ڏي، خبر خير جي تون،
ڇاڪئون ڪين آيا، هجن شل حياتي!

٢. اڳيئون منهنجي آٽي، رکيو خط ڪبوتر،
پڙهڻ سان منهنجي ڏکي ساري ڇاتي.

٣. تنهن ڪان پوءِ وسايم، واري پنهنجي سر تي،
روئڻ سان ”ريجهل شاهہ“ رکيم ذوق ذاتي.

٢٧

ٿلهه: اول عشق الله، خود آ ڪمايو
تنهن کان پوءِ آدم جي سيني سمايو.

١. اتيو پاڻ عاشق ساجهر سويلو
سگهيو ڪين ويهي، عاشق اڪيلو
پنهنجي پاڻ هٿن سان، هي بتڙو بنايو.

٢. هزارين ڪيائين حيلا نهيو ڪين نهيو
ڏنائين پنهنجي روح سان آدم کي ريهو
پوءِ ڪيو سيني سجدو جان آدم ۾ آيو.

٣. جن پائين ڪوڙي اها برهه بازي،
عزازيل وانگي توڙي هجن نمازي،
ٿي تن سان تعدي، جن پاڻ پڏايو.

٤. اها سچي آ نڪا ڪوڙ ڪچي آ،
اها بات ڪٿ باقي وڃي بچي آ،
انهي ريجهه "ريجهل شاهه" پنهنجو روح ريجهايو.

٢٨

ٿلهه: اها رسم جيڪا تو رکي آ، عاشقي ناهي ايئن،
جتي ڪٿي جيئن تون چوين ٿو ايئن ناهي تيئن.

١. ناهيان ۾ ڪر پاڻ پڌرو آهيان ۾ تون پيچ پري،
پوءِ سڃاڻج پاڻ پنهنجوچو تو تون ماندو ٿئين.

٢. اثبات کي چؤ الوداع، نفيءَ سان تون نينهن لاءِ،
من گهڙت سگهيون صلاحون، ان ملڪ ۾ چو وئين.

٣. حق جي صدا حاجي "ريجهل شاهه" تو اڳيان مان پيش ڪئي،
هن سير ۾ سرڙو پنهنجو چو نه تو ڏاها ڏئين.

٢٩

ٿلهہ: اهو عشق حقيقي محال آهي،
اج هر ڪو چاسن ڪي ٿو چاهي.

١. ڪو نر تي چريو ڪو زر تي چريو ڪو ماديءَ مُنو
اج هر ڪو شاعر ٻڻجي پيو پڃي لٽ لئي مٺون پيا ڪاهي.

٢. عقلي نقلي ڪلام ٽا ناهن، خلق اجائي پيا ٽا پلاٽن،
وري پاڻ جهڙو ڪنهن کي ڪين ٽا پائين، چوا سان جهڙو ڪو ڪلام ناهي.

٣. عقل هوندو تہ عشق نہ هوندو جي سور هوندو تہ سک نہ هوندو
ڪوڙ هرگز ڪوڙ تي ويندو اهي سچ جا پيرا ڪير ٿو ڊاهي.

۴. سواءِ عشق جي "حاجي ريجهل شاهہ" اهي شاعر سنها سڀ ٻيهجي ويندا،
وجي قائم ڪلام توحيدي ٿيندا، اهو سيني کي منهجو سوال آهي.

٣٠

ٿلهہ: اي صباءَ بحرِ خدا، وڃي مصطفيٰ کي ڏي پيغام،
چئج ساري هي سنيهو درد مٺون منهنجو ڪلام.

١. مديني جي منارن جي، سڪ اٿم دل ۾ مدام،
جلدي گهرايو منجهہ مديني، اَيَّوَ سندو تهہ دل غلام.

٢. روز شب آهون ڪريان، واٺون نهاريان صبح شام،
پيج قاصد يا نبي، مون کي ناهي طاقت تن تمام.

٣. "ريجهل شاهہ" جو سوال آهي، تو اڳيان اي نيڪ نام،
ٿئي قبول منهنجي وصيعت ڪربلا منهنجو مقام.

٣١

ٿلهه: آدم پيءُ پوءِ عبد ٿي آيو
پهرين هئاسين اسي اسي.

١. چو آدم کي سجدو ڪيائون
مام اها ڪو ڏسي ڏسي.

٢. مام انهيءَ کي ڳولي جيڪو
سو دوئيءَ کي دسي دسي

٣. پڌر پئي آ بازي برهه جي،
جيڪو ”ريجهل شاهه“ رسي رسي.

٣٢

ٿلهه: آ صحيح ڪر سارو سير،
علي نبي قرآن آ ايمان آ.

١. ڏهاڙي منجهه قيامت جي،
پنجتن پاڪ ضمان آ فرمان آ.

٢. جنهن ڇڏيو پاسو سيّد جو
ڪيئن اهو مسلمان آ ارمان آ.

٣. جيڪو ڦريو سيّد ڏانهن،
سو وڏو ملوان آهي، مروان آ.

٤. ”ريجهل شاهه“ جو هي سر سارو
سيّد تئون قربان آ نيشان آ.

٣٣

ٿلهہ: آهن عيب هزار، نڪا ڳڻ نہ شمار،
سڀ مدايون مان ۾.

١. مون ۾ خار خوديءَ جا، ڪيڍيا ڏنگائي ڏار،
سڀ ڏنگايون مان ۾.

٢. قرب سڄاڻ پنهنجو، سونهن پريا سردار،
لڪين لڄايون مان ۾.

٣. دير نہ تو وٽ دم جي، دَم دَم ۾ ديدار،
ديريون ڍرايون مان ۾.

٤. ڪيئن رسان ”ريجهل شاهہ“ مٿئون بَدين جا بار،
سڀ برايون مان ۾.

٣٤

ٿلهہ: آهي جڳ يار فاني، اڪين ڏسندين وڃي سارو،
اُڏي وئي تن سندي لالي، چليو ڪنهن جو نہ چارو.

١. ڪاڏي سڪندر ويو دارا، رستم سهراب سوپارا،
ويا سيئي وڃائي وارا، ايندو هڪ ڏينهن پنهنجو وارو.

٢. ويو جيڪو نہ وري آيو نہ اچي ڪنهن حال ٻڌايو
سمجهي سوچي پير پايو آتوَ ڪنهنبي چٽڪارو.

٣. چوي ”ريجهل شاهہ“ کهڙائي، تون بہ توبہ ڪر ياٺي،
اها رک وات تون وائي، نہ ڇڏ سيّد جو لارو.

٣٥

ٿلهه: آهيون خودمختيار
دائم قائم در اسان جو.

١. نبي نانو اسان جو بابو علي سردار،
مڪو مدينو گهر اسان جو.

٢. جنت دوزخ هٿ اسان جي ارض سما سينگار،
بر بحر سڀ تر اسان جو

٣. اڻ لکيو لکيو ڪيوسين، سڀ اسان جي اختيار،
اهو هلايل آ هر اسان جو

٤. "ريجهل شاهه" ذات اسان جي، عالم ۾ آ شڪار،
مٿي سڀ ڪان ڪر اسان جو.

٣٦

ٿلهه: آيا ڪين اباڻا، وساريئون وطن کي،
الائي ڇو اباڻن پاڙيو نه سخن کي

١. ڏئي من ۾ ماتم، سڄڻ سي هليا ويا،
تنهان پوءِ ڏنو مون، ڪارو رنگ لڻن ـ کي.

٢. هجي ها جي قسمت، ولر سان وچان ها،
پلئه مان پڌان ها، پنهنجي ادن کي.

٣. بيماريءَ ۾ بيماري، ويتر ويا وڌائي،
روئان روز "ريجهل شاهه"، ڏسي خالي گهرن کي.

٣٧

ٿلهہ: آيو پنهنجي گهر ۾ پيهي،
ڪيڏا ڪوهہ ڪشالا ڪري الا!

١. پتو پيو جڏهين پردو ڪنيوسين،
وات اها وٺڙي ويهي.
ڪيڏا ڪوهہ ڪشالا ڪري الا!

٢. هيڪل وينو ويهڻ نہ آيس،
هاڻي اچي ٿيو ديس ۾ ديهي،
ڪيڏا ڪوهہ ڪشالا ڪري الا!

٣. ريجهہ علي منجهۆ ڄاتو "ريجهل شاهہ"
جنهن منهنجي دل رمز ۾ ريهي.
ڪيڏا ڪوهہ ڪشالا ڪري الا!

٣٨

ٿلهہ: آيو حسيني قافلو فاتح يتائي کي ڏيڻ،
ٻول مؤمن يا حسينؑ، هر هر اها ئي وائي چوڻ.

١. سڀ مؤمن گڏجي چئو هي حسينؑ يا حسينؑ
ويس ڪاري سان، سيئي آيا آهيون ماتم ڪرڻ.

٢. جنهن جي توکي سوءَ آهي، تنهن جي فاتح ڏيون،
فاتح اسان جي ڪر قبول، توسان آيا آهيون سور سلڻ

٣. تون سخي تنهنجي جَدَ سخي، تنهنجو ڏاڏو سخي
شان موافق ڪر سخا، آيا آهيون مدد وٺڻ.

٤. ويس ڪاري سان "ريجهل شاهہ" سڀ حسيني گڏ ٿيا،
تون بہ اڄ هن قافلي ۾، جلدي آ داخل ٿيڻ.

٣٩

ٿلهہ: آيو حسيني قافلو ، فاتح ڏيڻ شهباز کي،
ٻول مؤمن يا حسين، ڪيو بلند آواز کي.

١. توکي ڏي ٿو قافلو پرچانوٽي شبير جي،
ڪر قبول اي شير شهباز قافلي جي نياز کي.

٢. ويس ڪاري سان ماتامي، گڏ ٿيا آهيون اچي،
تو بنا ٻيو ڪير ڄاڻي هن حسيني راز کي.

٣. تو در سدا سوالي آيا هون، ڏاڏي وانگر ڪر سخا،
شان موافق داد ڏي، هن شعر جي انداز کي.

۴. ”ريجهل شاهہ“ تي راز ڪري قلندر لعل تون
جيئن ڪيو ٿي پيار پڻ، محمود خود اياز کي.

۴٠

ٿلهہ: آيو در حسينؑ جي جيڪو اهو حبدار بڻجي ويو.
اهو روزِ حشر ۾ جنت جو حقدار بڻجي ويو.

١. جند جان قربان، مٿئون حسينؑ جي مؤمن،
پوءِ تنهنجو نالو جنت ۾ زوار بڻجي ويو.

٢. يقين ڪر هن ڳالهہ منهنجي تي ادا انسان،
جو ڦريو سيد کان، اهو مردار بڻجي ويو.

٣. جتان ملن پئسا، رکن ٿا اچ اهو مذهب،
اڄ مذهب ڪن ڪن جو ڪلدار بڻجي ويو.

۴. ڄاڻي واڻي جن ڪاڙهو، حق سردار سيّد جو
سچ پچ انهن ڏنهہ ”ريجهل شاهہ“ بيزار بڻجي ويو.

## ٤١

## سر پيروي

ٿلهه: آيو عشق اڱڻ منهنجي پيهي،
تنهنجي ڳالهه ڪريان مان ڪيهي.

١. ميدان ۾ آيا ڪاهي ڪاهي،
سانگو سر جو لاهي لاهي،
ٻئي جي مجال ناهي ناهي،
لڪين لوڪ يجي ويا ڪيئي.

٢. هيءَ ستيل بازي آهي آهي،
مرد ايندا ڪي گاهي گاهي،
سرڙو ڏنو جن ٿاهي ٿاهي،
اها راند کٽي ويا سيئي.

٣. ”ريجهل شاهه“ هت چاهي چاهي،
موت مٿي تي باهي باهي،
ڪُل - نفساً ٿو ساهي ساهي،
اها خبر قرآن مئون پيئي.

## ٤٢

## سر بردو

ٽلهه: آيو عشق امام
جنهن اڃي سارو سبق سيکاريو.

١. اڳ نه اهڙي ڪل ڪاهيڙي،
اها پلائي مون سان برهه ڪيڙي،
ڪثرت وارو ڪلام،
پرت مئون مون کي پرين پڙهايو.

٢. گوءِ ڪٽي ويا گوهر غازي،
سورهه ٽيا وڃي هٿ ڪري آزي،
نئڊي پيتئون جام،
ساقيءَ تن کي پر ڪري پياريو.

٣. ”ريجهل شاهه“ جن ڏکايا ڏونهان،
ايندا اهي جيڪي هوندا سونهان،
ڇا ڄاڻن ماڻهو عام،
عشق مئون جن ڪجهه نه پرايو.

۴۳

## سر لوڙائو

ٿلهه: آيو عشق جڏهن، تڏهن ٿو سياڻا،
نہ ڄاتم ٿي اڳهين، هينئر سمجهه سياڻا.

١. سچو عشق انهيءَ جو، جنهن جو سر آ اڏيءَ تي
آدم جي دم ڪئون، اُهي اڳيئي وڪاڻا.

٢. ڏکيو ڏاڍو پنڌ آ، غازي هجين تہ هلي آ،
هتي سر عاشقن جا، پيرڻن گهاٽا.

٣. ”ريجهل شاهہ“ کي رهبر، سارو سير سمجهايو
ويهان ڪيئن هاٽي سچر سور ساماٽا.

۴۴

ٿلهه: آيو ڪونہ مون وٽ، ڪوسڪ جو سڪايل،
نہ آيو ڪو هڪ ڏينهن سوري سچ جو سائل.

١. شيءِ وٺي ڪان پوءِ، ٽيندو قدر آ شيءِ جو
گهر جو پير چلهہ جو مارنگ مشهور مثائل.

٢.هڪ پيري هيڪر آيا ڇٽا بہ سوالي،
هڪڙي گهٽي جي گهر ڪئي پيو ڪرٽب جو قائل.

٣. تنهن ڪان پوءِ وري بہ آيا ڇٽا بہ پيهر،
هڪ چورو چڙواڳ پيو مادي‍ءَ جو ماريل.

۴. افسوس آ دل ۾ ريجهل شاهہ کي هر هر،
هاڻي ناهي ڪجهہ پيي اهو ويرو هو واٽيل.

۴۵

ٺلهہ: بار ڏئي ويا، هيئن ڇئي ويا،
ويئي غمن ۾ اڪيلي گذار.

١. اها خبر مون ڪانہ هيڙي،
قسمت منهنجي ايئن لکڙي،
منهنجي مارن ڏي ناهي ڪا ميار.

٢. اهو ڏينهن ضرور ٿيندو
مارو مون سان رب مليندو
لهندا مون تان غمن جا غبار.

٣. آهي رڳو مون کي اهو جياپو
من اچي ڪو مون ڏي نياپو
منهنجي سدائين اها پڪار.

۴. "حاجي ريجهل شاهہ" رڙ۽ روءِ پيو
اهي ڪلام سدائين چئو پيو
هجيئي هميشہ اها ئي پچار.

۴٦

ٺلهہ: بيشڪ مرشد اسان جو حيدر علي علي آ،
هِتِ هُتِ اسان جو هادي رهبر عليؔ علي آ.

١. معلوم اسان کي نصيريءَ وارو معجزو
ماري توڙي جيان پرور علي علي آ.

٢. ڪهڙي ڪريان مان ثنا علي وليءَ جي،
اهڙو ٻيو نہ ٿيندو بهتر علي علي آ.

٣. بس ڪر حاجي "ريجهل شاهہ" هي مصرع آهي ڪافي
دن رات منهنجي من ۾ هر هر علي علي آ.

## ۴۷

ٿلهہ: ٻڌ ٻوڙا ڇڏ موڙا، اتي لاءِ جيءَ جوڳين سان،
اتي لاءِ جيءَ جوڳين سان، هلي رس تون هوتن سان.

١. پرت پيالو هلي پيءُ، هڪ پير پوئتي نہ ٿيءُ،
جيءَ سان ملاءِ پنهنجو جيءُ، هو هو هوڪن سان.

٢. دور دنيا جا ترڪ ڪري، هل پنهنجو پاڻ پير پري،
جت تنهنجو ياڳ وري، چا هي يار تنهنجو ڪوٽن سان.

٣. "ريجهل شاهہ" ڪيئن اچن، ٻڌي ڪڙڪا پوئتي پڇن،
سي ڪيئن دل جهلن، جن جو چاهہ آ روڪن سان.

## ۴۸

ٿلهہ: ٻيڙا ڪنڌيءَ لائين، تو در دانهين، توڙي رسائين،

١. جيڪي تنهنجي در سوالي،
تن جي آس پڄائين، دير نہ لائين.

٢. ڏاڍي پيڙ پٽن جي اوکي،
قبر عذاب ڇڏائين، توڙ نڀائين.

٣. "ريجهل شاهہ" جو رهبر تون،
هلندي شل هلائين، پار پڄائين.

۴۹

ٿلهہ: پلي آئين عشق مون وٽ تون،
تنهنجي آئي بهاري آ.

١. تنهنجا لک قرب مون پاتيان، ڪئي تو پاجهہ پانهيءَ تي،
وساريل واٽ اسان کي تو وري اچي ياد ڏياري آ.

٢. تنهنجا لائق کهڙا لاهيان، بيڪار بي ثمرو آهيان،
سچاڻي قرب پنهنجي کي، ڪئي اچي تو سرداري آ.

٣. جنهن سان ڪرين قرب تون پنهنجو تنهن کي رهبر رڱي رنگ ۾،
جنهن سان راضي "ريجهل شاهہ" ٿئي، تنهنجي هٽ هٽ ساري آ.

۵۰

ٿلهہ: پينر پاڱي منهنجي، ڇڏي ويا وڇوڙو
ولر مئون ڇنائون، ڏئي ويا ڏک ڏوڙو.

١. ڳوليان پئي ڏينهن رات پيرڙا،
خدا خير سان آڻي، منهنجي پائن جو جوڙو.

٢. خدايا ملائج سارو ساٿ مون کي،
ٿئي گڏ انهن سان منهنجي متيءَ پنوڙو

٣. روئڻ راتيان ڏينهان، مليو ڏاج مون کي،
"ريجهل شاهہ" انهن ريءَ سچ اوڙو پاڙو

## ٥١

ٿلهه: تنهنجو همسر ناهي، ڳولي ڏٺم جهان ۾
اتر اولهه اوڀر ڏکڻ، زمين ۽ آسمان ۾.

١. ڪشمير، قلات، قنڌار ڪابل، ڪوئيٽا، بلوچستان ۾
دهلي دکن، مدراس، پونا، ساري هندوستان ۾.

٢. عراق، عرب، ايران، مصر، تبريز، ترڪستان ۾
بغداد ڪوفي شام، لبيا، ساري ڪوهستان ۾.

٣. برما، لبنان، برلن، رشيا، چين ۽ جپان ۾
اڪنڊ پورب ساري ايشيا، پنهنجي پاڪستان ۾.

٤. گنگا جمنا راوي جهلم بڪراٽڪ مردان ۾
روهڙي پنٽي، سنڌ سکر، کهڙا، گمٽ لقمان ۾.

٥. ”حاجي ريجهل شاهه“ سچ چيو آ شعر پنهنجي ڏيان ۾
ڪوڙ ثابت جيڪو ڪندو سو ويندو ڪفران ۾.

## ٥٢

ٿلهہ: تنهنجي قدرت تان قربان،
آهيون حيرت ۾ حيران.

١. هڪڙا ڪک پُلائن مان،
ٻيا سڪن ڳيڙن ڪاڻ.

٢. هڪڙا ويهن بنگلن ۾،
ٻيا وِلَهہَ ۾ ڪن گذران.

٣. هڪڙا مير وزير ٻڻيا،
ٻيا قيدن ۾ بنديوان.

٤. هڪڙا جج، وڪيل ٿيا،
ٻيا ڄٽ چريا، ديوان.

٥. هڪڙا ”ريجهل“ شاهہ ٻڻيا،
ٻيا پنڻ ۾ پريشان.

## ٥٣

ٿلهہ: تنهنجي ملڻ لاءِ اي پنهل، گهر گهر ڪئي مون آهي الله!

١: ڪارڻ تنهنجي مون ڪنيون، لوڪ ساري جون بديون،
سي بديون ڇا ڪنديون، جي تون هجين موسان رلملا.

٢. هر ڳوٺ ۾ هر بر ۾، دانهون ڪيان تو لاءِ سدا،
ملج مون سان اي مٺا، تو لاءِ ڪاتيم ڏک ۽ ڏولا.

٣. جتي ”ريجهل شاهہ“ کي ڏينهن رات، تنهنجي سدائين تات
تنهنجي حسن جي هاڪ هر ڪوئي چوي سبحان الله.

## ۵۴

ٿلهہ: توبہ زاري آ خواري، عشق منجهہ شيطان جي،
اهو چارو وصل وارو عشق منجهہ سبحان جي.

١. جن جي خدمت اجان اها ئي تن کي ڏيندو رب وڏائي،
اندر سارو قلب ڪائي، عشق منجهہ ايمان جي.

٢. ڪيترا پڙهندين ڪتاب، يارو عشق بنا ناهي چارو
سمجهي ڏس تون قصو سارو عشق منجهہ سلطان جي.

٣. ”ريجهل شاهہ “ آهي سائل، عشق تنهنجي جو آهي قائل،
جان ساري جا وڪاٽل، عشق منجهہ قربان جي .

## ۵۵

ٿلهہ: ٿانءَ ٺيڳر مٿون ڇا ٺيندو،
عمر اجائي وڃائين تو.

١. تيل سرمو ڦٽي ڦوڪارو
پنهنجو پاڻ پڏائين تو.

٢. دنيا فنا جا چار ڏهاڙا
جهيڙن منجهہ گذارين تو.

٣. ”ريجهہ علي ساهہ“ رهبر سان،
رمزان چو نہ رلائين تو.

٥٦

ٿلهه: پار لڏي ويا، وطن ڇڏي ويا،
مارو ڏئي ويا مون کي ماتام.

١. ساري ساٿ کي ساڻ نيائون،
هيڪل اڪيلي مون کي ڇڏيائون،
ڪيئون اچڻ جو وري نه انجام.

٢. وڇوڙي مون کي وڌو آ ماري،
جان جگر ڇڏيو سورن ڳاري،
ناهي نيڻن کي ننڊ آرام .

٣. واٽون تن جون ويٺي نهاريان،
اڱڻ اُجاريان، روز ٻهاريان،
من اچي ڪو مون ڏي پيغام.

٤. حال وڇوڙي جو ڪهڙو ڪيان مان،
حاجي ”ريجهل شاهه“ جو شعر چوان مان
درد منجهؤن جنهن ناهيو ڪلام.

٥٧

ٿلهہ: پاڪ فقير جو نامہ
بدنامہ ڪيو آ پنڻ وارن.

١. فقير اهي جيڪي اميري ڪمائن،
نہ گهرن ڪنهن ڪئون دامہ
شهنشاهي رعب ڏيکارن.

٢. امير اهي جيڪي فقيري ڪمائن،
هلن مزدوري مامہ
غريبن وانگر عمر گذارن.

٣. اڄ امير ٿا اميري ڏيکارن،
طرحين طرحين کائن طعامہ
ٿانءِ ٽيڳر ۾ ملڪيت ڳارن.

٤. سچ چيو آ ”حاجي ريجهل شاهہ“
ڇا ڄاڻن ماڻهو عامہ
سمجهہ اها ئي ڪي ڄاڻن.

۵۸

ٿلهہ: پڇي ڏس لوڪ ساري ڪان، سچو سادات جو در آ،
ڏاڏي آدم جي پوٽن ۾، مٿي سيد جو ڪرُ آ.

۱. دل جان سان ٿي قربان تون، مُحَمّدُ ﷺ جي گهراڻي تان،
قيام جي ڏهاڙي، شفاعت جو اهو گهر آ.

۲. ڄاڻي واڻي جيڪو ڦريو سخي سيّد جي صحبت ڪان،
اهو سمجهيو ناهي مؤمن، نسورو ناري ڪافر آ.

۳. لکين شاعر گذريا، پوري ڪئي ڪانہ ڪا تعريف،
ناهي لڌو ڪنهن شاعر، ان جي تعريف جو ترَ آ.

۴. ”ريجهل شاهہ“ نہ ڪر بانور دنيا دورنگي تي،
ڏهاڙن چئن جي واسطي، دنيا هٿن جو مرُ آ.

٥٩

تلهه: پون پور مون ڪي، اباڻن جا هر هر،
وينءِ قارون پايان، ڏسان جيئري هيڪر.

١. سونهن ساري گهر جي، چنائون چو زوري،
جنهن سان وندر منهنجي هئي، اُها ملاءِ پرور.

٢. سورن منجهه سورڙا، اباڻا ڏئي ويا،
وڃي پاڻ سڪيا ٿيا، وسايائون وڃي ٽر.

٣. هجن شال! راضي، ريجهل شاهه اباڻا
سهايا مون سر تي، اهي سور ثمر.

٦٠

تلهه: پهرين ڏک ڏي پاڻ کي، ٿيئي اڳيئن سڪيو سفر،
سڪيو رکيئي جي جان کي، تہ ڪونہ ٿيندئي ڪو قدر.

١. خواب کيل دنيا ساري، قسم مون کي ذات غفاري،
جن ڪئي آ جان پياري، تن اڳيان ڏکيو ڏمر.

٢. ڏک بنا ذات ناهي، اها ڪوڙي بات ناهي،
ڏينهن بنا رات ناهي، جي سڃاڻين اهو اثر.

٣. ” ريجهه علي“ جو سر سڃاڻ، حسد غير ڪم نہ آڻ،
پر تون پاڻ ڄاڻ، ڪير چوي توکي تہ مَرُ.

٦١

ٿلهه: پنهنجي سر حڪم ڪري، آيو عشق چڙهي،
آيو عشق چڙهي، جنهن سان جان جڙي.

١. لک ٿورا پلايون پال، جنهن منهنجي لڌڙي سنڀال.
سوا ان جي هيٺا حال، ماني پيي نِڙي اڙي.

٢. سڀ ڪم ۾ عشق عامر سوا ان جي ڪوڙو ڪلامر
جنهنجو هو اصل انجامر گهارن سي ڪيئن گهڙي.

٣. "ريجهل شاهه" ڪيئن ڪري، اچي ويو عشق اري،
جنهن بنا ڪين سري، جنهن سان نه نهي تنهن کي تڙي.

٦٢

ٿلهه: پنهنجي صحيح سڄڻ کي سڃاتمر
يار ڄاتمر يار ڄاتمر

١. پريئون نهاريمر ڪين مليو
جڏهن ويجهي وڃي لاتمر
يار ڄاتمر يار ڄاتمر..

٢. لڌمر ڳولي يار پنهنجي کي،
جڏهن در اندر ليئو پاتمر
يار ڄاتمر يار ڄاتمر

٣. "ريجهل شاهه" پڪ تڏهن هئي،
جڏهن تيج کي پيي ڏاتمر
يار ڄاتمر يار ڄاتمر

٦٣

تلهہ: جتي عشق اچي لائي ڏم ڏڙيون،
اتي عقل ويچارو وينو ڪائي ٻڙيون.

١. عشق ڪي جن ڪيو راضي،
اهي گوءِ ڪٽي ويا غازي،
ڪٽي ويا سي برهہ جي بازي،
جن ڪي عشق هنيون پنهنجون قرب ڪڙيون

٢. اڳ پوءِ جاچي، سر ڏي ٿاهي،
تڪڙي ڪري متان پوين ڪاهي.
سر ڏيڻ ڪو سهنجو ناهي،
اڳيون عاشقن جون اٿئي ابتيون اڙيون.

٣. ”ريجهل شاهہ“ جيڪي عاشق هوندا،
مرڻ جيئڻ جي اهي ڪونہ ڪِندا،
سي تہ عاشق آڙاهہ ۾ ڪاهي پوندا،
ويندا جوش انهيءَ ۾ جان جڙيون.

٦۴

تلهه: جتي عشق وڃي پنهنجو ديرو لائي،
اتي اڪر عقل جي ڪا بات ناهي.

١. هٿ ڪر پنهنجي ”لا“ سندي ڪاتي،
موت ناهي اتي سدائين حياتي،
عشق وڃي اتي منزل لاتي،
جتي صبح سانجهي رات ناهي.

٢. رهه هميشه راز ۾ محڪم،
حال انهيءَ ۾ هلاءِ پنهنجو دم،
جيڪو وس لڳئي رک اوڏنهن رم،
جتي پوئتي ٿيڻ وائي وات ناهي.

٣. ”ريجهل شاهه“ ڪي هيٺا ڪي موٽا،
مالڪ جا آهيون ڪرا ۽ ڪوٽا،
سڀ آهيون آدم جا پوٽا،
اها ذات پنهنجيءَ تي ذات ناهي.

٦٥

تلهہ: جوڳي جڳ ۾ جيئڙا، اجا يي ڪي آهين،
ڪل جڳ ۾ جيءَ ڪي، ٿا لوڪئون لڪائين.

١. لاهي لٽا لڱن تئون چرين جيئن چونگارين،
ويساهہ ويهي نہ جنهن ۾، اها بات ٻتائين.

٢. هُو هُو جي جُوءِ ۾ ٿا پونگڙي بنائين،
حق سان هڪ ٿين، نہ ٻئي کي ٻُڌائين،
آديسي انهيءَ سان، ساهہ کي سينگارين.

٣. مٽائي ويس واري ٿا، نفس کي نوائين،
اوتيو پيئن اڄ کي، ٿا بک کي ٻُلائين،
انهيءَ ريت "ريجهل شاهہ" روحرو ريجهائين.

٦٦

## سُر آسا

تلهہ: جي بار برهہ جو ڪٽين،
اها عشق جي اظهاري ٿي.

١. مٽان چوين مان موٺي ايندس،
پر ڏڏي پوي ڪيئن ٽٽين.
سرت اها چو ساري ٿي.

٢. هونئن چوين مان ڪين ايندس،
هاڻ تو ڳوٺان ڳٽين،
چال اها چوڏاري ٿي.

٣. "ريجهل شاهہ" وڃ واٽ انهيءَ سان
مٽان پوءِ وينو هٿ هٽين.
نہ تہ اصل ڪئون انڪاري ٿي.

٦٧

## سُر پيلو

ٿلهه: جيڪا سمجهو اها مون ساري،
سڀ کان ڪمتر هٿ ۾ ٻهاري

١. ناهيان نانڪ، ناهيان لڇمڻ،
ناهيان پريتم، ناهيان هزاري

٢. ناهيان سچل، ناهيان بلها شاهه،
ناهيان ڀٽائي، ناهيان مٽياري

٣. ناهيان منصور، ناهيان ان الحق،
ناهيان قلندر، ناهيان بخاري

٤. ناهيان بيدل، ناهيان بيڪس،
ناهيان "ريجهل شاهه" ناهيان لڪياري

٦٨

## سُر سورٺ

ٿلهه: ڄاتو اسان ڪي ڄاڻ وارن
اڻ ڄاڻ سڀ رهجي ويا.

١. لائي نينهن نروار اسان سان، پوءِ وري گهٽجي ويا،
جنهن لار جا پورڙا هئا، تنهن لار رَلجي ويا.

٢. ڏسي ابتي چال اسان جي، بيزار سڀ ٻڌجي ويا،
صدقي ڪيان اڇي سر سچن، ڪوڙا مڙئي ڪٽجي ويا.

٣. حقي راهه ۾ "ريجهل شاهه" قرب وارا ڪڙجي ويا،
جن جي روح لبيڪ چئي سي غازين سان گڏجي ويا.

٦٩

ٺلهہ: ڄاڻ آيو هادي پاڪ اسان جو
سارو ٿيو پاڪستان، ڄاڻ سڃاڻ.

١. پاڪ معنيٰ پاڪ جي جاءِ،
اهو پاڪ امام آخر زمان، ڄاڻ سڃاڻ.

٢. اول آيو جنهن جو جهنڊو سج ۾،
اهو ڏنو اوهان پاڻ نشان، ڄاڻ سڃاڻ.

٣. لاف زباني سمجهہ نہ پائي،
”ريجهہ علي شاهہ“ سچي زبان ڄاڻ سڃاڻ.

٧٠

ٺلهہ: چرين ڪرين گنهگارن جو
حيدر آ همراهہ،

١. ٻؤ ناهي ان ٻيڙي کي،
جنهن جو حيدر آ ملاح

٢. محڪم ٿي اسان ورتي آهي،
حسيني ٽولي جي راهہ.

٣. صحيح سيّد جو در وٺو
اوهين چو ٿا ٿيو گمراهہ.

۴. صحيح سيّد ٺئون صدقي آهي،
”حاجي ريجهل شاهہ“

٧١

ٿلهہ: ڇڏي ڏي هيءَ فاني دنيا،
اٿي نانگن سان ڳنڍ ناتو.

١. هِن سان وڙهين تو هُن سان وڙهين،
چاڙهي عشق جي چو نہ چڙهين،
اجايو تو ڪوڙ مڙهين،
اهو ڪنهن ڏنو ٿئي پاراتو.

٢.عقل اڪر ۾ جيڪي اڙيا،
اهي عشق جي ملڪ مان ٽڙيا،
انهيءَ چڪڻ مان ڪي ڪي چڙهيا،
جن عشق سان سر وڃي لاتو.

٣. اها جواني سدائين نہ رهندي،
نہ ڪا وري توسان ساڻ هلندي،
مال مڏيون سڀ خاڪ ٿي ويندي،
ڇڙو عشق جو ڪٽو آ ڪاتو.

۴. "ريجهل شاهہ" مان تو چوان،
اها خواب ۾ ڪيل آ دنيا،
جنهن جو ڇئو تنهن جو قسم ڪٽان،
مون سارو ڍنگ آ سڃاتو.

٧٢

ٿلهه:چو ٿو وڃائين عمر اجائي، ڇڏ تون سيٺ وڏائي،
ناهي ڪوڙ ڀائي

١. جيئري الفي چو نہ ٿو پائين،
اجايو چو ٿو خيال ڪمائين،
ٻوڙ اها تون ٻيائي
ناهي ڪوڙ ڀائي.

٢. ٿانءَ ٺيڳر سڀ جيئري ٽائين،
مئي ڪان پوءِ تون پاڻ ٿو ڄاڻين،
رڳو ڏوڙ ٻُڪ ڇائي،
ناهي ڪوڙ ڀائي.

٣. ڪوڙيون صلاحون نہ ٻيهنديون،
اهي سڀ هت رهجي وينديون،
هلندي ساڻ سچائي،
ناهي ڪوڙ ڀائي.

٤. "ريجهل شاهه" ڇڏي ٺيڳر غيني،
ٺولي حسيني سان ٻڻ حسيني،
هلندي ساڻ سچائي
ناهي ڪوڙ ڀائي.

٧٣

ٽلهه: حسين جي ارمان ۾ خود مصطفيٰ روئيندو ڏٺم
هي هي پئي ارض و سما ۾ مرتضيٰ روئيندو ڏٺم

١. زين العابدين بيمار هو شام ڏي تيار هو
سنبري سيّد هڪ هليو مهار هٿ پيادو ڏٺم

٢. لاش اصغر جي هلي، ڪيو مؤمنن ماتم ملي،
جهوليءَ ۾ پنهنجي پيءُ جهلي، عباس علي روئيندو ڏٺم

٣. ديدار جو سيّد جو ڪيم سڀ غم "ريجهل شاهه" ويم
روز شب صلوات چيم قرآن ۾ لکيو ڏٺم

٧٤

ٽلهه: خواب اندر خواب، مون کي اچ ڏسڻ ۾ آيو
اچ ڏسڻ ۾ آيو سارو سير سمايو

١. هُن کي آهي هر دم بقا، فقط ٽيندو هي فنا،
اهو حساب ڪتاب مون کي ڏسڻ ۾ آيو

٢. سچو ڪيم سارو صحيح، هتان ويندا سين هليا پئي،
اچ جواب مون کي ڏسڻ ۾ آيو. اهو سوال

٣. "حاجي ريجهل شاهه" هرگز هلبو هي ڏبو اُهو ونبو
حشر ڏوهه ثواب اچ مون کي ڏسڻ ۾ آيو

٧٥

ٿلهہ: خوش وسو اي وطن وارث مان ٿو وڃان ڪربلا،
دعا ڪيو اي وطن وارث وڃي ڏسان مان ڪربلا.

١. جنهن جو بہ مون تي رنج هجي، بخشي اهو نامِ خدا،
رنج ڪٿي ڪنهن جو وڃڻ، اهو هرگز ناهي روا.

٢. ادب سان هٿڙا ٻڌي، هر هڪ کئون ٿو رخصت وٺان،
وري اچي ملندس اوهان سان، جي، هوندي قسمت ادا.

٣. اوهان کي زيارت نصيب ڪندو خدا وندپاڪ ڏٽي شل،
ڏسو ميدان ڪربل جو هلي هر دم سدا.

٤. ڏس هلي پنهنجي اکين سان، شان پنهنجي پير جو
ڪئي ڪروڙين ٿا اچن، نار وانگي ٻڄي گدا.

٥. جنهن جي زيارت جو ثواب ستر هزار حج اڪبري،
فرمايو ايئن آهي اسان کي خود مصطفيٰ.

٦. جنهن اسان جي ڪاڻ، پنهنجو سر قربان ڪيو،
تنهن سان هلي تون بہ ڪر، حاجي ريجهل شاهہ سر فدا.

٧٦

ٿلهہ: دل اندر دلدار ڏٺوسين،
ڪاڏي مون واجهايان.

١. اندر ڪعبو اندر قبلو
اندر اونهيان جائيان.

٢. پنهنجو پاڻ نروار ٿي آيو
ڳُڻ لک ٿورا پائيان.

٣. "ريجهل شاهہ" رهبر لڌم ڳولي
در ٻئي چو ٻاڏايان.

٧٧

ٿلهہ: دل ريجهائي راز انهيءَ ۾،
رهبر کي ريجهائيون ٿا، رنگ لائيون ٿا.

١. ڪائو پيئو شڪارين سان،
هر هر حرام ڪائون ٿا، رنگ لائيون ٿا.

٢. دين ڪفر ڪان پاسي ٿياسين،
حق حق، حق ڳائيون رنگ لائيون ٿا.

٣. ابتڙ سبتڙ سچ چيو سين،
سمجهي ٻول ٻڌائيون ٿا، رنگ لائيون ٿا.

٤. رمز انهيءَ ۾ ريجهہ علي شاهہ
رنگ رنگ رَلائيون ٿا، رنگ لائيون ٿا.

٧٨

تلهه:   دم   ديدار   يار   لاءِ
مون   الفي   ڳچيءَ   ۾   پاتي.

١.   آءَ   اچي   ڏس   الفي   پائي،
پوءِ   اُتي   ڏس   قرب   ڪمائي،
جيئري پنهنجي جوت جڳائي،
ڏس   پائي   اندر   ۾   جهاتي.

٢.   مرڻ   ويلي   لتا   لاهيندين،
الفي   ضرور   نيٺ   پائيندين،
پوءِ هيڪل ڪيئن نيائيندين،
جتي   هڪ   ٻه   نه   هوندو   ياتي.

٣.   عاشقن   سيني   ايئن   چيو
ڪن منجهان ڪنهن ڪنهن ايئن ڪيو
اهو   "ريجهل   شاهه"   ماڻ   ميو
چو تي چرڪي اوهان جي چاتي

٧٩

ٿلهہ: دم يار لڌم پنهنجو ڳولي ڳولي
گوناگون بي چون مئون الله!

١. بي مثل تي آيو
گهر پنهنجي ويٺو ٻولي.
گوناگون بي چون مئون الله!

٢. احد، احمد، عين هڪو ئي
پل نہ ڪنهن ٻئي پولي،
گوناگون بي چون مئون الله!

٣. راز "ريجهل شاهہ" رهبر رندي،
حال ڏنو دل ڪولي
گونا گون بي چون سئون الله!

٨٠

ٿلهہ: دنيا دو رنگي، چل پل چٽڪو
چار ڏهاڙا خواب مثال.

١. دنيا دنيا ڪري جيڪي مري ويا،
تن جا ڏٺاسين بچڙ ا حال.

٢. جن دنيا کي ميڙي ڪٺو ڪيو
تن جا چور ڦري ويا مال.

٣. ڪيئي ڪيسن ۾ ڪيئي جهيڙن ۾،
ڪن کي جيلن ۾ ٽيا سال.

٤. "ريجهہ علي شاهہ چڏ" دنيا کي
ڳول اُتي تون سچو لال.

٨١

تلهہ: ڏار ڪري ويا، وندر وٺي ويا،
سارو ڪري ويا ويڙهو ويران.

١. ناز جي پاليل جن جي آهيان،
سوا تن جي ڪيئن گذاريان،
جن بنا منهنجو تنگ گذران،
ڏار ڪري ويا، وندر وٺي ويا.

٢. منهنجا ساٿي سڀ لڏي ويا،
الائي ڇو مون کي هت ڇڏي ويا،
ڏينهان راتيان اهو ارمان آهي،
ڏار ڪري ويا، وندر وٺي ويا.

٣. شال ملن مون سان اهي اباڻا،
جن جا مون کي سور ساماڻا،
تن مٿان ڪيان جند قربان،
ڏار ڪري ويا،وندر وٺي ويا.

۴. گهرو دعائون سرتيون سهيليون،
شال وسن اهي پاڪ حويليون،
ٿئي "ريجهل شاهہ" راضي رحمان،
ڏار ڪري ويا،وندر وٺي ويا.

٨٢

ٿلهہ: ڏاڍو عشق عجب رنگ لايو آ،
لايو توڙ نڀايو نڀايو نڀايو.

١. اوندهہ مٿون اچي عشق ڪڍيو آ،
جنهن پولن ڪنئون بچايو بچايو بچايو.

٢. شڪر ٿيو جو عشق اسان کي،
حق راهہ ٻڌايو ٻڌايو ٻڌايو.

٣. عشق جا لک احسان اسان تي،
جنهن پيڳل پاڳ ورايو – ورايو ورايو.

٤. رهبر عشق کي "ريجهہ علي شاهہ"
ريجهہ انهيءَ ۾ ريجهايو ريجهايو ريجهايو.

٨٣

ٿلهہ: ڏس تون ساري قرآن اندر
علي ولي سردار آ، مختيار آ.

١. علي مالڪ حوضِ ڪوثر جو
دلدل جو هسوار آ، مختيار آ.

٢. پنجتن کي جنهن مڃيو آ،
اهو جنت جو حقدار آ، مختيار آ.

٣. "ريجهل شاهہ" لڳ لاري سيد جي،
ٻئي سڀ ڪنهن جو اختيار آ، مختيار آ.

٨٤

ٿلهہ: ڏس هي قدرت جو سامان،
هڪڙا جن پيا انسان.

١. هڪڙا يورپ آفريڪا،
پيا ايشيا منجهہ ايران.

٢. هڪ چون هندوستان،
پيا چون پاڪستان.

٣. هڪڙا عادل انصافي،
پيا شرڙي نج شيطان.

٤. هڪڙا ”ريجهل شاهہ“ سخي،
پيا قاروني ڪفران.

٨٥

ٿلهہ: ڏئي ويا اباڻا، مون کي ڏاج ڏک جو
روئي عمر گذاريم، ڪنيم ساهہ نہ سک جو.

١. ڪنهن سان حال اوريان، سنگت سڀ ڇڏي وئي،
نہ ٿيو ڪوئي مون سان پائيوار بک جو.

٢. اهو هنڌ سڙي جاتي باهہ پري،
کهڙو خيال ٿيندو ڏارين کي ڏُک جو

٣. کهڙو سيڪ سرتيون، ايندو سک وارن کي،
لڳو واءُ نہ جن کي ”ريجهل شاهہ“ لُکَ جو.

٨٦

ٿلهہ: رحم ڪر حال تي منهنجي، محمّد يا رسول الله،
گهرايو جلد در پنهنجي، محمّد يا رسول الله.

١. قيامت جو ڏينهن ٿيندو محمّد ميرشافعي ٿيندو
غلام سان نيئي گڏيندو محمد يا رسول الله.

٢. قبر جو وقت آ مشڪل، شاهہِ نجف چڙهي دلدل،
مرشد منهنجو آهي ڪامل، محمد يارسول الله.

٣. خداوند ڪئي آ ثنا تنهنجي، قرآن ۾ ثابت آ،
"يطهر ڪم تطهيرا"، محمد يا رسول الله.

٤.ريجهل شاهہ چڏ لاهي، اُتي شبير شبر آهي،
حامي ٿيندو مون بي واهي، محمّد يارسول الله.

٨٧

ٿلهہ: روئي روئي ڏينهان رات ڪيا، مون ويس ڪارا،
پائن ريءَ پٽن ۾، اوريان پئي اوسارا.

١. هيس مان نہ هڪڙي، ساري ولر ۾ پياري،
وٺي ساڻ اهي ويا، جيڪي هين پارا،

٢. هلڻ لاءِ هيلا، ڏاڍا ڪيا مون،
ڪنهن ڪونہ ليکيو سيئي بند ٿيا چارا.

٣. ريجهائج "ريجهل شاهہ" اباڻن کي روئي،
وٺي وجن ويچاري، ٿين پاڳ پلارا.

٨٨

ٿلهہ: رهيو ڪونہ گمان،
سيئي مون مطلب پايو.

١. متي چاڪي خمير ڪيائين،
تنهن ۾ پنهنجي رمز رکيائين،
صورت بڻ انسان.
ڏسڻ پنهنجي ملڪ آيو.

٢. تنهن کان پوءِ ٽيس اهو رايو
پنهنجي گهر ۾ پاڻ سمايو
ساڳيو سر سبحان.
پيو ڪُل آهي وهم اجايو.

٣. "حاجي ريجهل شاهہ" ڏني گواهي
جنهن نفي اثبات سڻائي،
اهو نام نشان.
اچي جنهن کي عشق سيکاريو.

٨٩

ٿلهہ: ساٿ ڪٺي ويا، سنگت ڇني ويا،
وينٽي اڏايان ڏهاڙي ڪانگ

١. اڄان مون کي آسرو آهي،
من مارو مون سان رب ملائي،
ٻاهرئون ٻڌان ٿي تن جي ٻانگ،

٢. صبح سويري ساٿ ڪنيائون،
منهنجي سنيال ڪا نہ لڌائون،
ويا نماڻيءَ ڪنئون ڇني سانگ،

٣. وڃي بر ۾ لڏو لاٿائون،
ديس ڇڏي پرديس وسايائون،
لاهي ڇڏيائون مئي جي تانگهہ

٤. شال اباڻو وسي ويڙهو
منهنجو سدائين جيءَ جهيڙو
ڪٺي ”ريجهل شاهہ“ ڏکن جي ڏانگ

## ٩٠

ٽلهہ: سڀ ملي مؤمن ڪيو ماتم سخي شبير جو.
مصطفيٰ جي لاڏلي ۽ عراق جي امير جو

١. هن در تان بي اولاديٰ اولاد وارا ٿي ويا.
اڄ لکيا پٽڙا ڏيڻ آ ڪم اسان جي پير جو.

٢. حد کانِ زياده ٿيو ظلم آ حسين سان،
کير پياڪ کي تير هينئون، کهڙو ڏوهہ هو صغير جو.

٣. ڪربلا ۾ حافظن ۽ مسلمانن قهر ڪيو
قرآن پڙهي جن ڪٽو فرزند حقي دستگير جو.

۴. اِفسوس جو آقا حسين سان امتي وڙهيا،
قيد ڪري پوءِ گهر لٽيون خاتون تطهير جو.

۵. لااله الاالله محمدٌ رسول چئي،
پڙهي ڪلمون لٽيائون گهر بشيرٌ نذير جو.

٦. اجا نہ ڪيون ماتم اسان اهڙو پڏي،
انڏير ادا! امت سڏائي خون ڪيئون اسلام جي سفير جو.

٧. ان غم ۾ "ريجهل شاهہ" ڪارو ويس ڪيو.
تون لاهي اجا لٽا ڪر ويس ڪاري نير جو.

٩١

ٿلهه: سخي حسين شهنشاهه ٻيڙا ڪنڌيءَ لائين،
تو در دانهين.

١. جيڪي تنهنجي در سوالي تن جي آس پڄائين،
دير نه لائين.

٢. ڏاڍي پيڙ پٽن جي اوکي، قبر عذاب ڇڏائين.
توڙ نڀاوين.

٣. ريجهل شاهه جو رهبر تون، هلندي شل هلائين،
پار پهچائين.

٩٢

ٿلهه: سنجهي جاڳ سهڻا، برابر ٿئين سون،
پوئين رات تنهنجو قدر ٿيندو ڪونه.

١. سمهي سمهي ساري رات، اجائي لنگهي وئي.
جيڪو وقت جاڳڻ جو سنڀاليو تڏهن تو نه.

٢. دل لوڙهه نه دلبر، اجا وقت پيو ٿئي،
اهڙو وقت جاڳڻ جو ايندءِ وري پو نه.

٣. جاڳي جاڳي ساري رات سمهيا سي ڪٿي ويا،
تون اُٿي ريجهل شاهه اها ريت رکين چو نه.

٩٣

ٿلهہ: سواءِ عشق حقيءَ جي دنيا ۾ رهڻ،
اهو ڦندو ناهي نہ تہ چاهي ٻيو.
هِنَ هُنَ سان وڙهڻ، زر مال ميڙڻ،
اهو ڦندو ناهي نہ تہ چاهي ٻيو.

١. در تي ويهڻ، گهٽيون سير گهمڻ،
ٽڪو پائي پنڻ، چنڊو چرس پيئڻ
ڪونڊو ڀنگ پيئڻ، اکيون ڳاڙهون ڪرڻ،
اهو ڦندو ناهي نہ تہ چاهي ٻيو.

٢. ڇپي اندر رهڻ، لڪي لاس چکڻ،
مٽين مکڻ کائڻ، چوريءَ کير پيئڻ،
پنهنجو پيٽ ڀرڻ، منهن ويڙهي هلڻ.
اهو ڦندو ناهي نہ تہ چاهي ٻيو.

٣. لٽا ڪارا ڪرڻ، سينو پيٽ ڪٽڻ،
ڇڙو هيٺ سمهڻ، رڱو رتڙي ڪيڏڻ،
سچو ذڪِر پڙهڻ، وري پئسا ونڊڻ.
اهو ڦندو ناهي نہ تہ چاهي ٻيو.

٤. حقي حق کسڻ، ڇپي ڇائي پائڻ،
هڪ غريب ڦرڻ، ٻيو مريد ڪرڻ،
هٿ هاسا ڪٽڻ، ڏِگهي ڏاڙهي ڇڏڻ،
اهو ڦندو ناهي نہ تہ چاهي ٻيو.

٩٤

ٽلهه: سيّد سردار تون، حيدرِ ڪرّار تون، صاحب تلوار تون،
تون قاتل ڪفار

١. تنهنجو رعب جتي ڪٿي، هتي توڙي عرش مٿي، ايي توڙي لمي،
تون مالڪ مختيار.

٢. يا علي شير خدا، تنهنجي سخا جا بجا، سڻ سواليءَ جي صدا،
دنيوي غمن کي ٽار.

٣. جهڙا تهڙا تنهنجا آهيون توکي ڇڏي ڪاڏي وڃون ٻين جا ڇو محتاج ٿيون
آهيون اميدوار.

۴. عرض سڻ عرضدار جو عاصر گنهگار جو "ريجهل شاهه" بيڪار جو
ٻڏل ٻيڙو تار.

۹۵

## سُر لوڙائو

ٿلهہ: شاهي شان ۾ شوق چڏياسين.
محبت نال ملياسين، رمز رلياسي.

١. وسري ويا سڀ وصلا سارا،
گوهر نال گڏياسين، رمز رلياسين.

٢. ٺپي رکياسين ڪتاب سارا،
برهہ جا باب پڙهياسين، رمز رلياسي

٣. توڙي جهليو اوڙي پاڙي،
تہ بہ ڪين رهياسين، رمز رلياسين.

۴. طعنا مهٽا ماٺهن جا،
جهوليءَ سڀ جهلياسين، رمز رلياسين

۵. "ريجهل شاهہ" سائين بار برهہ جا،
جمي سر کنياسين، رمز رلياسين.

٩٦

## سُر ڪاريهر

تلهہ: ظاهر مؤمن مرد سڏائين،
دل ۾ اور خيال.

١. لباس ڏئي تو خلق نوائين،
وڏئي سرجنجال.

٢. ظاهر ۾ تو الفي پائين،
چوريءَ ميڙين مال.

٣. اٽڪل ساڻ ڪڏهن نہ لهندين،
اهو لاهوتي لال.

۴. "حاجي ريجهل شاهہ" پاسو سچ جو،
وٺ آهي محال.

٩٧

## سُر پيلو

تلهہ: عشق اندر ۾ آگ اٿاري،
باهہ برهہ جي ڀڙڪڻ ڀاري.

١. ڳالهہ انهيءَ جا واقف نہ هياسين
هاٽي ڪئي مون سان سڄڻ ستاري.

٢. عشق جي چاڙهي اوکي اٽانگي،
بار برهہ جي بيشڪ باري

٣. عشق آري ۾ قابو ٿياسين،
ڪاڏي وڃي "ريجهل شاهہ" لڪياري.

٩٨

ٿلهہ: عشق اندر آگ لائي، برهہ جا ڀڙڪيا اُلا،
سي وسامن ڪين وري، توڙي پون پاڻيءَ دلا.

١. الفي پائي الف ٿياسين، رمز انهيءَ ۾ رلملا،
راهہ رهندا ڪيترو توڙي ٿئي تن جي گلا.

٢. مدي جن جي من ۾، مور نہ لهندا اهي ڳلا
جن نہ ڄاتو ڄاڻ ڪي، اهي ياڙيا ڀُلا.

٣. جن ڏٺو سارو سير سمجهي، ساوا ٿيا تن جا سلا،
"ريجهل شاهہ" سائين روز قيامت، قائم ٿين تن جا قلعا

٩٩

(سر آسا)

ٿلهہ: عشق بنا ناهي ڳلي،
ڪولي ڏس تون قرآن ۾.

١. حقي حقيقت حال انهيءَ جي،
سور بنا ڪنهن نہ سلي.
ڳوليم ساري جهان ۾.

٢. پورو پتو پنڌ انهيءَ جو
پاند ڳچيءَ پائي هلي،
ڏس لاهوت لامڪان ۾.

٣. رندي رمز "حاجي ريجهل شاهہ"
رهبر سان مون رَلي
پهر انئي پُر ڏيان ۾.

١٠٠

ٿلهہ: عشق جو مون ۾ سچاتو ٻئي جي در مان چو وڃان،
هو هميشہ آهي مون هِتِ چوان، توڙي هُتِ چوان.

١. هي وڃائي هن ڪي وٺ، هڻ نينهن جا نيزا نوان،
ڪولي ڏس دل جي دري سڀ سير ٿئي توکي عيان.

٢. عشق جا هي بار سارا، جنهن چمي سر تي ڪنيان،
مست ٿيا مخمور سي، هن راهہ ۾ ٿيا روان.

٣. عشق جي آ چال نرالي، خبر اهڙي ناهہ توهان،
عام ماڻهو نہ مڃيندا، توڙي مان سچ چئي ڏيان.

٤. "ريجهل شاهہ" هن عشق ۾، سڀ ڪو تو چوي مان پيي اڇان،
پرآهو شاهو چا ايندا، جن ياد ڪيا پويان اڳيان.

١٠١

ٿلهہ: عشق جي ابتي چال،
چال اها جيڪا ڏسڻ نہ جهڙي.

١. ڳولي اهو جيڪو ڪافر بڻجي، ڪري قيل مقال،
مقال اها جيڪا ڏسڻ نہ جهڙي.

٢. گوناگون آ عشق عاشق جو ڪنهن ناهي مجال،
مجال اها جيڪا ڏسڻ نہ جهڙي.

٣. "ريجهل شاهہ" ٻڌ سيني سان، ڏاري ڏاري ڏال،
ڏال اها جيڪا ڏسڻ نہ جهڙي.

١٠٢

## سُر لوڙائو

ٿلهہ: عشق جي آتش اُلٽي آهي،
سمجهن مرد موچارا

١. دنيا عقل تي عشق نہ آهي،
توڙي جو هجي سڪندر دارا

٢ـ جهڙي ٿهرڙي جي جاءِ ناهي،
جت وڃن نينهن نقارا.

٣.عشق وارن سان ريجهل شاهہ
وڃي گڏجي هڻ تون نعرا.

۱۰۳

ٿلهہ: عشق سدائين جوان،
چڙو ٿئي تو جسم ڪراڙو.

١. جوان اهو جيڪو ڪمائي ڪراڙپ،
سورهيہ سو سلطان.
رکي هميشہ تن کي تاڙو

٢. ڪراڙو اهو جيڪو جواني ڪمائي
بيشڪ اهو پهلوان.
رکن پيرسن اهڙو لاڙو.

٣. اڄ جوان تا جواني ڏيکارن،
نٿا رکن ڪو ڌيان
ملڪ ٿي ويو گاڙو ماڙو

۴. سچ چيو آ "ريجهل شاهہ"
پانءِ نہ تون بهتان.
پڇي ڏس تون اوڙو پاڙو.

## ١٠۴

تلهہ: عشق قتايو آرام،
آرام اهو جيڪو ڇڏڻ نہ جهڙو.

١. عيش خوشي سڀ ماري ڇڏياسين،
ڏنائين وات لغام.
لغام اهو جيڪو ڇڏڻ نہ جهڙو.

٢. هارسينگار ڏوڙ گڏيائين،
وڃايائين سنو طعام.
طعام اهو جيڪو ڇڏڻ نہ جهڙو.

٣. آهي "ريجهل شاهہ" رمز انهيءَ ۾،
سارو ملڪ انعام.
انعام اهو جيڪو ڇڏڻ نہ جهڙو.

## ١٠٥
## سُر مانجهه

ٿلهه: عشق گهمايا ڍير ڍير،
ڍير منجهارَون ڍير تي آيا،

١ـ ويندڙ قاصد ڏسُ ڪو ڏي،
اتي ڏٺا هئي ڪير ڪير،
ڪير منجهارون ڪير تي آيا.

٢ـ ڪڇُ تون ڪانگا بات برهه جي،
ڪهڙا ڪيا هُئي سير سير.
سير منجهارَون سير تي آيا.

٣ـ "ريجهل شاهه" راضي جن ڪيو ور ڪي،
اهي ٿيا وڃي شير شير.
شير منجهارون شير تي آيا.

١٠٦

ٿلهہ: عاشق سڏائي پاڻ کي، متان پوءِ وينو هٽڙا هٽين،
ڀڄ پري هن گهير کئون، متان پوءِ وينو ڳوٽان ڳٽين.

١ـ هن سير ۾ سوين لڙهيا، ڪي ٻڏا ۽ ڪي تريا،
تيز سان تڪڙو نہ ٿي، پوءِ ڪيئن پوي ڏڏي ٽٽين.

٢ـ سمجهي سمجهي وري بہ سمجهي، ٻيڙيءَ هن ۾ پير پاءِ،
لوڏا لکين ايي لمي، ترڪين متان مٿئون ڪٽين.

٣ـ پڳهہ ڪڻ تون پرت جو مرڪ دامن کي تون جهل،
صلاح رک ملاح سان، جنهن سان تون سپ کي وٽين.

٤ـ جن سان هو حاجي ريجهل شاهہ راز رهبر جو سدا،
پور پهرين سي ويا، رهجي ويا لکين ڇٽين.

## ١٠٧
## سرُ لوڙائو

ٽلھ: عاشق جا الٽا خيال،
ڪائن ماس لڳن ٽئون روڙيون.

١ـ دل درياءَ ۾ جن غوطا ماريا، عشق آڙاھہ ڪاهي پيڙا،
رچي ٿيا اهي لعل، هلي آيو تن وٽ ڪيئي ڪوڙيون.

٢ـ مال خزانا جن ڦٽي ڪيا، ياڳ انهن جا سڀ ڀلا ٿيا،
ترڪ ڪيائون تال، هستي هوڏ ڪي ويا اهي ٻوڙيون.

٣ـ سڀ ڪنهن پنهنجا ساٿ سنياليا، توکي اڃا پنهنجا سانگ سيبايا،
ڪيئي لنگهي ويئي سال، اڃا ڏئين ٿو اجايون اوڙيون.

٤ـ سنبريئي ساٿي واٽ انهي سان اٿي "ريجهل شاهہ" تون بہ تن سان،
ڪڻ پنهنجا پڪا سنيال، هل انهن سان جيءُ پنهنجو جوڙيون.

١٠٨

ٿلهه: علم جو شهر محمّد، تنهن جو در يا عليﷺ.
ڪيو وجي توکي محمّد، بازو برادر يا عليﷺ.

١_ ”اَنَّا مدينة العِلمُ“، جِسمڪَ جِسمِي هڪدم،
ثابت آ غدير خم، وارث ممبر يا عليﷺ.

٢_ تون وحي مصطفيٰ، تنهنجي شان ۾ آئي هل اُتي،
محشر ۾ بهر خدا، ٿجانءِ رهبر يا عليﷺ.

٣_ نام تنهنجو آيو يد الله، اعجاز تنهنجو جاءِ بجاءِ،
ڪر يقين اي ”ريجهل شاهه“ شافعي محشر يا علي ﷺ.

١٠٩

ٿلهه: علي المرتضيٰ منهنجو پهريون امام اڪبر آ،
ٻيو حسن رضا سائين سخي سردار سرور آ.

١. ٽيون امام حسين مظلوم، جنهن جو ديرو آ ڪربل ۾،
نبي نانو علي بابو امان خاتونِ اطهر آ.

٢. چوٿون امام جنهن جو آ نام زين العابدين ساجد،
پنجون امام محّمد باقر، ڇهون امام جعفر آ.

٣. ستون امام موسيٰ ڪاظم، اٺون امام علي رضا،
نائون تقي، ڏهون نقي، يارهون حسن عسڪر آ.

٤_ ٻارهون امام هادي مهدي، جنهن جو طالب آ ”ريجهل شاهه“
پڙهو صلوات سڀ مؤمن اهو اذڪار بهتر آ.

١١٠

ٽلهہ: عمر ساري ايذانهن گذاريئي
هيڏي اسان ڏي اچ تہ سهي.

١_ پوءِ خبر توکي ساري پوندي،
نانگن سان اچي نچ تہ سهي.

٢_ ايذانهن فساد وڏيون ڳٽيون،
هيڏي محبت ۾ مچ تہ سهي.

٣_ مئي الفي مائٽ پائيندئي،
تنهن کئون اڳيئي بچ تہ سهي.

٤_ ايذانهن عام کي ڪين وٽنديں،
چئي ڪنهن کي ڏس تہ سهي.

٥_ حاجي "ريجهل شاهہ" سچ چيو آ،
راز انهيءَ ۾ رچ تہ سهي.

١١١

ٿلهه: قبر جو ڪُن ٿهري آ، وسيلو مصطفيٰ ٿيندو
ڇڏائيندو نہ ڪو مائٽ، نہ پيءُ هوندو نہ ياءُ هوندو.

١ـ جڏهن ايندو مٿي تي موت، تڏهن ڪندين دل ۾ سوچ،
عمر ساري ڪيم ڪوٺ، نصيبن کي سپ ڪو چوندو.

٢ـ توبہ ڪر تون ادا انسان، عدل ٿيندو منجهہ ميدان،
پنهنجو ثمر ڪڻ تون ساڻ، حسابن ۾ هر ڪو ايندو.

٣ـ مگر تون خوف قيامت نہ ڪر، اصلئون ”ريجهل شاهہ“
محمد مصطفيٰ اسان جو شافع روز جزا ٿيندو.

١١٢

تلهہ: ڪاڏي وڃان، ڪيئن ڪيان ڪيان،
تڪي وهي ٿي تار تار.

١ـ انهيءَ عشق گهوٽ گنوايا،
ڪيئي سورهہ سوليءَ چڙهايا،
ڪن جا هلايائين هنيان هنيان.
ڏڙ سسيءَ ڪ'ن ڏار ڏار.

٢ـ انهيءَ عشق جو ملهہ مهانگو
عاشقن چاتو سودو سهانگو
جن چمي سر ڪنيان ڪنيان.
باري برهہ جا بار بار.

٣ـ آهي ريجهل شاهہ وارو تنهنجو
قول الستي بيشڪ منهنجو
ڪيئن مان پوئتي ٿيان ٿيان.
صدقو ٿيان سؤ وار وار.

## ١١٣

تلهہ: ڪتي ڪتي آهن اجا تائين، عشق ۾ عاشق لڪل،
عام کي پئي سڌ نہ تن جي، مام انهيءَ ۾ رمزرکيل.

١۔ آهن سدا لاهوت ۾، مچ مستن جا متل،
ٿيا روان انهيءَ راهہ ۾ جنهن سان هين وعدا ٿيل.

٢۔ انهيءَ جوءِ ۾ وڃي جوان ٿيا، جنهن جوءِ ۾ سورهہ سُتل،
وستي ڇڏي ويران وسايئون، رات ڏينهن حق سان رليل.

٣۔ عاشقن جي هر هميشہ عام ڪئون عادت مٽيل،
روز شب "حاجي ريجهہ علي شاهہ" رنگ انهيءَ ۾ هِن رَتل.

## ١١٤

تلهہ: ڪڏهن ڪڏهن ڪر روئي ٿو، مان روئان ٿو بار بار،
تنهنجي جدائي ۾ سدائين، ٿو روئان مان زاروزار.

١۔ منهنجي سر جو مالڪ تون آ، بيشڪ اوهان کي جيئن وڻي،
ڪوري ڪپي ٻوٽيون ڪري، بيشڪ ورهائي ڪر قار قار.

٢۔ آيس اوهان وٽ تڏهن مون، جڏهن اوهان موجود نہ هئا،
جي اوهان اعتبار نہ ڪريو تہ شاهد ڏيان مان ٻار ٻار.

٣۔ جيڪا اوهان کي پياري شيءِ آ، تنهن جو اوهان کي آهي قسم،
"زوار حاجي ريجهل شاهہ" ڪان هڪ پل نہ ٿي تون ڌار ڌار.

## ١١٥

ٿلهه: ڪو ڪيئن چوي ڪو ڪئين چوي،
اسان حق جي الفي پايون ٿا.
نينهن لايون ٿا.
رنگ لايون ٿا.

١. ٽوڪان ٽنڪا ماٽهن جون،
سپ سر تي سهايون ٿا.
رنگ لايون ٿا..

٢_ ڄاٽي واٽي سير انهيءَ ۾،
سارو سر نوايون ٿا.
رنگ لايون ٿا.

٣_ پُلي پلي جيڪا ياڻ اچي ٿي،
سا بہ پُلي نہ پائيون ٿا.
رنگ لايون ٿا.

٤_ "ريجهل شاهه" ريجهه انهيءَ ۾،
سچي وک وڌايون ٿا.
رنگ لايون ٿا.

١١٦

تلهہ: ڪونهي حال پائي، ڪنهن سان سور اوريان،
پنهنجو پاڻ هيڪل، ويٺو درد توريان.

١ـ ازل ڪئون لکيل هئي، ايئن منهنجي قسمت،
ٽرن ۽ برن ۾، رويون جان جهوريان.

٢ـ الاهي ملائڪ تون، ادا ۽ اباڻا،
تنهنجي نام تئون مان، جند جان گهوريان.

٣ـ ڇڏي ويا اباڻا، مون ڪي ڏئي وڇوڙو،
ڏينهان رات ”ريجهل شاهہ“ پيئي ڏونگر ڏوريان.

١١٧

تلهہ: ڪونهي علي عليه السلام جو ثاني ساري جهان ۾،
نہ تئي خبر تہ ڏس تون، ڪولي قرآن ۾.

١ـ بغير رسول الله ﷺ جي ناهي ٻيو ڪو همسر،
برحق هي اعظم، هِنَ هُن زمان ۾.

٢ـ بروز عيد مباهلہ انفسنا جي بدلي،
ڪير رسول ﷺ سان گڏجي آيو ميدان ۾.

٣ـ نماز ۾ منديِ ڏني، حيدر زڪوات ۾ ،
اهڙي صفت نہ هوندي، ڪنهن انسان ۾.

٤ـ جيڪي چيو ”ريجهل شاهہ“ سو قرآن ۾ لکيل آ،
تنهن جو مون ترجمو ڪيو، سنڌي زبان ۾.

١١٨

ٽلهہ: ڪهڙو اسان جو حال،
اسان ڦاٿاسين الفي پائي.

١_ تڪڙ ڪري اسان پاتي فقيري
رکي سين نہ سنڀال،
اڇي اسان جي ڪو جند ڇڏائي.

٢_ دونهون متي نہ جهاڙو رياضت،
ڪاڻ سان رڳو خيال،
وٺي اسان کئون ڪو الفي موٽائي.

٣_ رڳو ”ريجهل شاهہ“ نانءُ فقيري،
نالي منجهہ نهال.
اسان وڻاسين نانءُ سيڙائي.

١١٩

ٽلهہ: ڪير سڃاڻي ڪير تو ڄاڻي،
عشق جا ابتا ويرا اويڙا.

١_ ڪڏهن واپاري واٽ اسان جي،
ڪڏهن ڪتابي نبيرا نکيڙا

٢_ ڪڏهن هٽ تي دلال ٻڌياسين،
خلق ساري هئي پيڙا پيڙا.

٣_ رکي رکي حاجي ريجهل شاهہ
ساڳيا وسايا اڇي ويڙها ويڙها.

١٢٠

ٿلهہ: ڪُلي برهہ بازار فقط تنهنجي اچڻ جي دير آ.

١۔ متان چوين تہ ڪو سودو ڪونهي، سودا لک هزار
فقط تنهنجي وٺڻ جي دير آ.

٢۔ جيڪي گهرندين سو ئي ملندئي، ڪجاڻ سچو واپار
فقط تنهنجي گهرڻ جي دير آ.

٣۔ حقيقي عشق جي سودي جو "ريجهل شاهہ" خريدار
فقط تنهنجي ڏيڻ جي دير آ.

١٢١

## سُر لوڙائو

ٿلهہ: ڳلا غيبت ڪئون مور نہ ٻجندا،
عاشق اويارا

١. لتا لاهي جن لنگ ٻڌا تن ڪي،
ڇا ڪندا سيءَ پارا.

٢۔ ماڙيون بنگلا سڀ ڇڏيائون،
پسند ڪيائون اوتارا.

٣۔ "ريجهل شاهہ" پنهنجي وس نہ آهي،
جنهن کي ڏنا عشق اشارا.

١٢٢

ٽلهہ: ڳجهي ڪيائون ڳول،
پنهنجي پنهل کي پاڻ ۾ پيهي.

١ـ آجا ٽي ڪري عام ڪئون،
ڀهڳڻ سان ٻڌائون ٻول،
ماڳ انهيءَ جا ٽيا وڃي نيهي.

٢. لڪي لوڪ کان جُوءِ جهنگل ۾،
پاسي ڪمايائون قول
دنگ انهيءَ ٽيا وڃي ديهي.

٣ـ رندي راهہ ۾ "ريجهل شاهہ"
سائن سرڪيو پنهنجو گهول،
آهيان انهيءَ جي جيهي تيهي.

١٢٣

ٽلهہ: گهر ويٺي ڪجهہ ناهي ٽيٽو
ويهي تون نہ وقت وڃاءِ.

١ـ هٿ ڪري پنهنجا حال وصلا،
حقي عشق جي الفي پاءِ.

٢ـ پرت سندو اچي پيالو پيءُ،
محبت سان اچي ملڪ بچاءَ.

٣ـ طعنا مهڻا مائٽن جا،
سورهہ ٽي سر تي چاءِ.

۴ـ "ريجهہ علي شاهہ" رهبر سان،
راهہ الفيءَ ۾ رمزرلاءِ

١٢٤

تلهہ: مارن بنا هتڙي ڏکيا ڏينهن گذاريان،
ساڳا وٿاڻ ڏسي پيئي اوسارِيان.

١ـ چڏي ويا سورن ۾، ننڊي لاءِ ڏکن ۾،
اتي ساجهر گهٽين ۾، ويني واٽ نهاريان.

٢ـ چڏي ڏار ڏاري، ڪري ويا ويچاري،
جن جي ميار ماري، تن کي ٿي ساريان.

٣ـ ڏسي حال هيٺيءَ جو ڪندا ڳڻ ڳنڊڻ جي،
"ريجهل شاهہ" ملڻ جو اهو ڏينهن واريان.

١٢٥

(م)

تلهہ: ماڻهن ليکي ملنگ،
اسان ڦاٿاسين پائي زنجيري.

١ـ مال ملڪيت ڦوڪي ڇڏيسين،
ڏسي پراوا رنگ،
ڪري ڇڏيسين ڇيري ميري.

٢ـ آڪڙ وڏائي فخر اسان وٽ،
چوريءَ وڄايون چنگ،
توڙي ٿي وڃي حال ظهيري.

٣ـ نڱن وانگر چال اسان جي،
سيئي جاٽو رنگ،
رڳو "ريجهل شاهہ" رعب فقيري.

١٢٦

ٽلهہ: مرد بڻين تہ ڇڏ زمانو ڇرين وانگي چال رک،
انهيءَ بهاني بيشڪ بچندين، سپ ڪان هيٺو حال رک.

١۔ چون توکي تہ پاءِ پوشاڪون، تون پراٽو پال رک،
چون توکي ڪنڌ ۾ کير پيءُ، تون شراب حلال رک.

٢۔ ابتو هل ۾ ابتو الاءِ، ديوانن جيان تال رک،
چوني، ٿي ٻڌاءِ تون ٻارهن، پنجن هٿن جو وال رک.

٣۔ راز انهيءَ ۾ رهہ "ريجهل شاهہ"، انهيءَ ڳالهہ جوخيال رک،
هن زماني چوڏهينءَ صديءَ ۾، سَيُن بدران دال رک.

١٢٧

(م)

ٽلهہ: مسلم ڪي هاءِ موزن، ڪوفي ۾ نيئي ڪهايو
تنهن ڏينهن عمر پيالو اتي پرجي آيو.

١۔ انڌن عذابُ محشر جو سر تي سهايو
دنيا تي دين وڪڻي، هن شاهہ ڏينهن منهن ڦيرايو.

٢۔ دل رکي دغا تي، ڪنهن غرض سان گهرايو
شير خدا جو فرزند، ڪوڙي ڪوفين ڪهايو.

٣۔ "ريجهل شاهہ" تي تنهنجو هجي شل سدا سايو
هن مسڪين ڪي تو مولا، ڪربل منجهہ گهرايو.

١٢٨

تلهہ: مسلمان ڀائرو هي ارمان آهي،
مديني ۾ نجدن جو گهمسان آهي.

١_ نجدن جو افسوس گهڻو آ اسان کي،
وڏو جنهن عرب ۾ دهمان آهي.

٢_ هلي ڪيون لڙائي نجدن سان هڪدم،
پر ڇا ڪيون جو مسڪيني گذران آهي.

٣_ "ريجهل شاهہ حاجي" ڏنو آ اکين سان،
جنت البقيہ پيو ويران آهي.

١٢٩

تلهہ: منهنجي سيني هر هر، دونهان دکن ٿا،
دونهان دکن ٿا، مچڙا ٻرن ٿا.

١_ ٻاروچن جي ٻاري، ويهان ڪيئن وساري،
خدا شل ڏيکاري، جو نعرا لڳن ٿا.

٢_ ڪيو ياد اباڻا، روئان راتيان ڏينهان
ڪيان روز ڪيهان، جو لاهوتي لڏن ٿا.

٣_ پون پور مون کي، اباڻن جا هر هر،
ڏسي اهي خالي گهر، جو نيڻ ٿمن ٿا.

٤_ "ريجهل شاهہ" ويڙها، اباڻن جا وسندا،
اجهي جاڻ ايندا، جو ڏارا پون ٿا.

١٣٠

ٿلهہ: منهنجي مارن جا پَٽن تي گهرڙا،
ڪن سفڙا چارن ڦرڙا.

١ـ للر، لنب، لاٽيون، ساهہ ڪي سيباٽيون
سي ڪيئن وساريون، وٽن ڪن هندڙا.

٢ـ ٿرن برن تي ڦوڳن ڦرن تي،
گاهن گلن تي وسن روز مينهڙا.

٣ـ تنهنجا محل ماڙيون، تن مئون ڇا ڇاٽون،
اسين تن ڪي ياثيون جيڪي اڏن پکڙا.

۴ـ ”ريجهل شاهہ“ جون آهون سٽج ايڏاهون
اسين تہ پنهواريون ڪيون ميرا ڪپڙا.

١٣١

ٿلهہ: مولا جي در جو سوالي، موٽيو ناهي خالي،
موٽيو ناهي خالي، علي ساقي حوض ڪوثر جو.

١ـ علي انور علي سرور، علي دلبر رهبر علي،
جنهن جي وصف نرالي، علي ساقي حوضِ ڪوثر جو.

٢. علي راضي ڪهڙي محتاجي، توڙي محشر توڙي تارازي،
علي جو قائل حلالي، علي ساقي حوضِ ڪوثر جو.

٣ـ علي ڪنئون جنهن مينهن موڙيو انهيءَ پنهنجو بيڙو ٻوڙيو
علي جو منڪر د جالي، علي ساقي حوضِ ڪوثر جو.

۴ـ ”حاجي ريجهل شاهہ“ آهي ثناگر، هادي حيدر جو گولو گداگر،
ظاهر ملنگ موالي، علي ساقي حوضِ ڪوثر جو.

١٣٢

## سُر آسا (م)

ٿلهہ: مون سارو مطلب پايو يار،
يار آيو يار آيو.

١_ جڏهن ڏٺم تہ عشق اچي ٿو
مون سارو صحن سينگاريو يار،
يار آيو يار آيو.

٢_ سُرها ٿيا سيئي سير ڳليون،
جڏهن رهبر قدم گهمايو يار،
يار آيو يار آيو.

٣_ عشق استاد "ريجهل شاهہ" کي
سارو سبق سيکاريو يار،
يار آيو يار آيو.

١٣٣

## سُر آسا

ٿلهہ: مون صحيح سڄڻ کي سڃاتم،
يار ڄاتم يار ڄاتم.

١. پريون نهاريم ڪين مليو جڏهن رمز ويجهي وڃي لاتم،
يار ڄاتم، يار ڄاتم.

٢_ لڌم ڳولي يار پنهنجي کي، جڏهن دل اندر ليئو پاتم،
يار ڄاتم، يار ڄاتم.

٣_ ريجهل شاهہ کي پڪ تڏهن ٿي، جڏهن تج کي پي ڏاتم،
يار ڄاتم، يار ڄاتم.

١٣٤

## سُر سارنگ

ٿلهہ: مون کي عشق ڪيو اظهار،
چو تا منهنجي ڪيو پچار.

١ـ عشق جي ڪهڙي خبر اوهان کي،
اوهان ڪيو وڃي پنهنجي ڪار.

٢ـ پڙهيل پانيو توڙي ڪريل پانيو
آهيان اهو آءٌ بيڪار.

٣ـ مرد تہ مون تي مور نہ ڪلندا،
ڪلندا ڪي حرامي پار.

٤ـ اوهان جي انهن گفتن ڪئون،
حاجي "ريجهل شاهہ" آهي بيزار.

١٣٥

ٿلهہ: مون کي ياد ڪربل جو ميدان آهي،
ڏينهان رات هر دم، سو ارمان آهي.

١ـ  ٻڌي اها مصيبت قصي ڪربلا جي،
جنهن کي غم نہ آهي، سو بي ايمان آهي.

٢ـ  روئڻ ۽ روئارڻ، شريعت جو ڪم آ،
ڏهاڙي قيامت جو سامان آهي.

٣ـ  رکو غم پنجتن جو روئو سدائين،
اهوُخود خدا جو سو فرمان آهي.

٤ـ  رکو لاج منهنجي اهي ڪربل جا والي،
”ريجهل شاهہ“ پِرتُوَ جو قربان آهي.

١٣٦

ٿلهه: ميڏي بات ايماني، ناهي لاف زباني،
قسم آ يزداني.

١ـ ڪري سينگاره وچ بازار عجب واپار وحداني،
دم ديدار ساڳي سرڪار اهو اسرار انساني.
قسم آ يزداني.

٢ـ وني ويرو تون ڪر پيرو نه تي گهيرو گهمساني،
پس نه پير گهمر نه گهير، اٿي ڪر سير سلطاني،
قسم آ يزداني.

٣ـ سهڻي صورت موهي مورت، سني سيرت سبحاني،
"ريجهلشاهه" ڪر تون ڪاهه گهن راهه رباني.
قسم آ يزداني.

١٣٧

## سُر ڌناسري

ٿلهه: نتا سمجهو راز اسان جو ڳلَ پوندوَ پو
مٺي ڪانپوءِ هر ڪو چاٽي، جيئري ڏسي اچي جو

١ـ الانسانُ سِرّي وَاَنَا سره، سالڪ سمجهي سو
علي احمد الله ڪبر، فرق نه ڄاڻو ڪو

٢ـ چو آدم ۾ رُوح ڦوڪيائين، پڇو ته ڦوڪيائين چو؟
وري چيائين ملائڪن کي سڀ ڪيو سجدو.

٣ـ جيڪر توکي سمجهه ۾ نه اچي، راهه وني پيو رو
حاجي "ريجهل شاهه"، رندي رستو صحيح سڃاتو.

## ١٣٨

## سُر بلاولي

ٿلهه: نڪري ٿي نروار،
ڇو ٿو پنهنجو پاڻ لڪائين.

١ـ هل هلي ڏس هوت اکين سان،
پس پرينءَ جو پار
ڇو ٿو پنهنجو وقت وڃائين.

٢. ڏوري ڏس تون ڏيهه ڏونگر جو
ڪڻ تون برهه جو بار،
ڇو ٿو پنهنجو راز لڪائين.

٣ـ ”ريجهل شاهه“ ناهي ويل ويهڻ جي،
اٿي! ٿيءُ اظهار،
ڇو ٿو پنهنجو پاڻ سڪائين.

## ١٣٩

## (ن)

ٿلهه: ننڊي ٿي اباڻا، ڏئي ويا جدائي،
اها چوٽ غم جي، نيائڻ ۾ آئي.

١. وڇوڙي وڪوڙي ڇڏيو مون کي ويڙهي،
نہ ٿيو ڪوئي مونسان اڇي سور ڀائي.

٢ـ دردن سنڌي دانهن، ٻڌي ڪير منهنجي،
ٻڌڻ وارن سڄڻن وڃي سُج وسائي.

٣ـ گهرو دعاءِ سرتيون، ملان وڃي وڳر سان،
اها روز ”ريجهل شاهه“ اٿم وات وائي.

١٤٠

## سُر آسا

تلهه: وني هيٺو حال،
وج طبيبي دڪان تي.

١- آزي نيازي هٿ ڪري،
پوءِ ڪرين تون سوال،
دوا ملندئي ايمان تي.

٢- اٿڪل سان مور نہ ملندئي،
اهو لاهوتي لعل،
ساک ٿيندئي قرآن تي.

٣- ڪوڙو سچو ٿيندو پڌرو،
اها "ريجهل شاهہ" جي ڳالهہ
پڌي رک تون ڏيان تي.

١٤١

تلهه: وڻيون هل پاڻ سان مون کي، حسيني قافلي وارا،
ٿيان دفتر ۾ داخل، ڪُلئي ڪپڙا ڪري ڪارا.

١- اَمر تنهنجي تي مان هلندس، جيئن چوندين تيئن ڪندس،
نہ ٻئي جي مان صلاح وٺندس، توڙي سڪندر هجي دارا.

٢- تنهنجو آهيان ڏنگو ڏاڏو ڪرو ڪوٺو لسو لاڏو
تنهنجي هر حال ۾ هاڏو وجهي ڏس پاڻ وٽ ڀارا.

٣- "ريجهل شاهہ" جو رهبر تون آن، مرشد مالڪ ممبر تون آن،
سخي سردار دلبر تون آن، تنهنجا هر هنڌ لڳا نارا.

١٤٢

## سر پيروي

تلهہ: وهہ واهہ عشق جو اعليٰ شان ڏٺم،
خود عشق تي عاشق رحمان ڏٺم.

١. هن عشق تي عاشق هزار آيا،
هڪ يوسف مصر بازار آيا،
پر سڀ ڪان وڏيڪ بيمار آيا،
اهو عابد شاهہ زندان ڏٺم.

٢ـ هن عاشق جي محبت مورئون مهانگي،
پر عام جي ليکي آهي سهانگي،
پر عشق جي منزل اوکي اٿانگهي،
ڪيئي سوريءَ تي مستان ڏٺم.

ـ ”ريجهل شاهہ“ راضي عشق ڪيو
توهان توڙي تراويهان نفل پڙهو
جنهن آڱرين آڱرين سجدو ڪيو
اهو توڙائون تڙيل شيطان ڏٺم.

١٤٣

ٿلهہ: يا علي مرتضيٰ افضل آهين ايمان ۾،
تنهنجي ولادت کي ڏسي انسان سدا حيران ۾.

١ـ اِنّما وليڪمَ الله“ صحيح ثابت آهين يَدُالله ۾،
فَوقَ اِيديهم تنهنجي ثنا خدا چيو قرآن ۾.

٢ـ انت مِني يا علي ؑ“بمنزلت هارون وحي،
ايئن چيو حضرت نبي غدير واري ميدان ۾.

٣ـ ڪرمُ الله وجہ الله، اسدالله شير جلي،
هرگز نہ هوندو مرتبو حيدر جهڙو انسان ۾.

٤ـ تي ويو نعرو جاري جاءِ بجاءِ حيدري،
جمندي لاڪون پڪ ويٺي آ ”ريجهل شاهہ“ جي ڏيان ۾.

## اٺپوري ڪافي

ٿلهہ: حرمِ عزيز جي، جيڪو وجود کي وڪٽي ٿو.
پاڪ زمين جيئن ڪو پليد کيٰ وڪٽي ٿو.

١ـ نور جا منڪر بہ ايئن آهن،
سر حسين جيئن، ڪو يزيد وڪٽي ٿو.

# سنڌي بيت

١

جي سندرو ٻڌين سڪ جو تہ ڪر الله واهي،
رک ديد ديري دوست جي، تيءُ راتيان ڏينهن راهي،
گهري پئو گهير گهٽ مئون توڙي اچي چاڙهي لاهي،
سڏو وڃ "سيد" چوي، نہ ڪڻ واٽ تي سونهان ساهي،
چڏي شان شاهي، وڃي رس "ريجهل شاهہ" چوي.

٢

جي سندرو ٻڌين سڪ جو تہ گُهم نہ پراوا گهير،
ڪڍي چڏ قلب مان، مَدين سدا مير،
ڪاهہ اُتي قرب سان، جاڏي رانجهن سدا پير،
ساهہ اندر سيّد چوي، رک ثابوتيءَ وارو سير،
هتڻ واري هير، رک نہ "ريجهل شاهہ" چوي.

٣

جي سندرو ٻڌين سڪ جو تہ اٿي آتڻ هل،
چڏي ماڙيون بنگلا، هلي پکن هيٺ پَلُ،
رستو وٺي راهي تي، وڃي رانجهن سان رَلُ،
اڳيون عوشاقن جي، هلي سور سيئي سَلِ،
ٻڌي پنهنجو ٻَلُ، وڃي رس "ريجهل شاهہ چوي.

٤

جي سندرو ٻڌين سڪ جو تہ اڳيون اٿئي درياهہ،
ڪڙڪو ٻڌي ڪُنَ جو متان تنهنجي دل ڪائي تاهہ،
تنبو ترهو ڪم نہ ايندئي، ڪونہ نهندئي تاهُ،
متان رهجي وڃين "ريجهل شاهہ" چوي، توکي هٿ نہ اچي راهہ،
جي پيارو ڪرين ساهہ، تہ وينو هج ولر سان.

٥

جي سندرو ٻڏين سڪ جو تہ وٺ تون واٽ وندر جي
ڏنڊا دنيا جا دور ڪر، رک وائي واٽ ور جي،
سينو صاف ڪر، ڪارڻهن ڪاٽ اندر جي،
رهجي ويندين "ريجهل شاهہ" چوي جي رکندين تانگهہ تر جي
جي اٿئي اڪير گهر جي، تہ وينو هج ولر سان.

٦

جي سندرو ٻڏين سڪ جو تہ پؤ نہ پرائي هڏ،
جي گذارين غازين سان، تہ هٽئون اٿي لڏ،
ڪٽي پنهنجا پڪڙا، هلي آديسين سان اَڏِ،
جتي رايو رهبر جو اوڏهن پاڻ ڪي سڏ،
سيئي سانگا ڇڏ، وڃي رس "ريجهل شاهہ" چوي.

٧

جي سندرو ٻڏين سڪ جو تہ غازين ساڻ گذار،
لاهہ سانگو سر جو سيئي ليڪا وار،
وٺ تون سير سمنڊ جي، نہ هيڏي هوڏي نهار،
ڪاهي پئہ ڪُنَ ۾، ڇڏ پنهنجي ڪار
بي وائي سپ وسار، وڃي رسن ريجهل شاهہ چوي.

٨

جي سندرو ٻڏين سڪ جو وڃي پارُ پرين جو پس،
ڪوري ڇڏ قلب مان، ڪچي ڪوڙي ڪَسُ
ڇڏ لالچ لوهہ جي، وڃي پارس سان گس،
وڃي رهہ "ريجهل شاهہ" چوي، توکي نيٺ ملندو ڏس،
انهيءَ واٽ وس، جتي حڪم ٿئي حبيب جو.

٩

جي سندرو ٻڍين سڪ جو، تہ ڇڏ تون شوق شڪار
دنيا جي دور ڪان، ٿيجي ٿيءُ بيزار
ترڪ ڪر ترڪ ڪي، اتي نانگا ٿي نروار
رک تون روح اندر ۾، رانجهن سندي تار
درس ڪري ديدار، وڃي رس ”ريجهل شاھہ“ چوي.

١٠

جي سندرو ٻڍين سڪ جو، تہ ڪڻ گلا جي ڪاري
ڏج، ڏپ ڏاءَ ڪان، متان گهوٽ وڃهي گهاري
پچاڻو ٿيندئي پرينءَ وٽ، جي وحدت تو وساري
جڏهن رسين ”ريجهل شاھہ“، متان پوءِ چوين مون ماري
جي ڪرين ڪاڪ ڪاري، تہ وينو هج ولر سان.

١١

جي سندرو ٻڍين سڪ جو تون ڪر پنهنجو پاڻ تيار
نوڙت ناڻو هٿ ڪري، اُتي وڻج واپار
سگهو ٿي سودو وٽ، متان ٿيئي بند بازار
جي رهجي وئين ”ريجهل شاھہ“ چوي، پوءِ وري نہ ايندءِ وار
جي نہ آهين خريدار، تہ وينو هج ولر سان.

١٢

جي سندرو ٻڍين سڪ جو تہ جوڳين سان جند جوڙ
جوانن سان جيءُ لاءِ، لچن سان نہ لوڙ
مردن جي محبت ڪئون، تو پنهنجو منهن نہ موڙ
مان ۾ هوڏ وڏائي ڪي، ٻيائي کي تون ٻوڙ
جي نينهن نيائين توڙ تہ وٽ راهہ ”ريجهل شاھہ“ چوي.

١٣

جي سندرو ٻڌين سڪ جو تہ پير نہ پوئتي هٽ،
اڳيون عوشاقن جي، متان ڳهلا پوي ڳٽ،
ماٺهن جي مهٽن ڪي لاهي ڪرلٽ،
پرينءَ جي پسڻ جو اتئي اهو ئي گهٽ،
پري محبت جو مٽ، تيءَ راهي "ريجهل شاهہ" چوي.

١۴

جي سندرو ٻڌين سڪ جو تہ دم سان ملاءِ دم،
ڏسي ڏهڪار ڏونگر جو متان خيال ڪرين ختم،
وحدت جي واٽ جو تون، چاڙ اهو ئي جم،
پيچ نہ پچندڙن ڪان، رک تون اوڏانهن رم،
رکي اها رسم، تيءَ راهي "ريجهل شاهہ" چوي.

١۵

جي سندرو ٻڌين سڪ جو تہ سيپ سان ڪر پلائي،
تڪبر ڪيني جو ڪُن ۾، وجي ٻوڙ ٻيائي،
گڙٻڙ هستي هام، اڳيون ڪنهن ڪيّ ڪم نہ آئي،
هت جاءِ انهيءَ جي ،جن پنهنجي هوڏ وڃائي
رک صاف سچائي، وجي رس "ريجهل شاهہ" چوي.

١٦

جي سندرو ٻڌين سڪ جو تہ پانءِ شريعت شر،
ٻڌ توڪل ترهو اتي طاقت طريقت تر،
محبت ۾ محڪم تي، ٻڌي حقيقت هر،
اصل عوشاقن کي آهي، مام معرفت مر،
ڪري چار ئي تول گهر، تيءَ راهي "ريجهل شاهہ" چوي.

۱۷

جي سندرو ٻڏين سڪ جو ته ڪڻ سوز ثمر،
ڪر تون ڪم پختو ٿو ٻاري ٻجهي ٻر،
اتي ٻئي جي ناهه ٻولي، جتي هيڪل وهي ٿو هر،
ڏک سک ٻئي ڏاند ڪاهه اڳيون جاري وهي ٿو جر،
جي ڪرين متي ڪر، ته وٺ راهه "ريجهل شاهه" چوي.

۱۸

جي سندرو ٻڏين سڪ جو ته پرت پيالو پيءُ،
ڇڏي خيال خوديءَ جا، تڏو تانئرو ٿيءُ،
چپ رهه چپ هلاءِ، متان چوين هيءُ،
اگهاڙو نه ٿي عام ۾، متان ساڙئي سيءُ،
جيءَ سان ملاءِ جيءُ، انهيءَ راهه ۾ "ريجهل شاهه چوي"

۱۹

جي سندرو ٻڏين سڪ جو حقي هڻ هام،
عوشاقن جي اڳتان، ٿي غازي گهم گام،
مزا انهيءَ محبت جا، اٿئي جوانن وٺ جام،
ماڻ موج محبن سان، ٿيءُ محڪم انهيءَ مام،
انهي لاهوتي لام، وڃي رس "ريجهل شاهه" چوي.

۲۰

جي سندرو ٻڌين سڪ جو ته پنهنجو پاڻ مار،
ملن جي وهنجارڻ ڪان، تون اڳئي پاڻ اجار،
ڪفني پائي قرب جي، اتي طالب ٿيءُ تيار،
هلي رسُ "ريجهل شاهه" چوي، نانگو ٿي نروار،
مري پاڻ جيار، ته ڏسين انهيءَ ڏيهه ڪي.

٢١

جي سندرو ٻڏين سڪ جو تہ وڃي وساءِ سڄ،
وَسَنوَ ڪي ويجهو نہ هجي، رڳو هجي رڄ،
صبر ۽ سڪ جي، اوتيو پيءُ اُڄ،
ريت انهيءَ "ريجهل شاهہ" چوي، ڪر پنهنجا پڄ،
من ماري ڪر مڄ، تہ ڏسين انهيءَ ڏيهہ ڪي.

٢٢

جي سندرو ٻڏين سڪ جو اٿي پارن سان ويهي ٻول،
وڏن سان وڏائيءَ ۾، نہ پنهنجي روح ڪي رول،
ڳهلا انهيءَ ڳوٺ ڪي، تون ڳٽتي سان نہ ڳول،
ماڻ مزا انهي موج ۾، ڀُلُ نہ ڪنهن ڀول،
پنهنجو خيال ڪول، انهيءَ ريت "ريجهل شاهہ" چوي.

٢٣

جي سندرو ٻڏين سڪ جو تہ وٺ وحدت واٽ،
ڪنڌ نہ ڦير ڪاڏهين، متان چريا لڳئي چاٽ،
لا واريءَ حد ۾، تون لهي ٿيءُ لاٽ،
ڳالهہ نہ ڪر ڪنهن سان، متان ڪرني اڳيون ڪاٽ،
اهي ئي گهڙ گهاٽ، انهيءَ ريت "ريجهل شاهہ" چوي.

٢٤

جي سندرو ٻڏين سڪ جو تہ ڪڻ ثمر ساڻ،
آجو ٿي عام ڪئون وَٽِ وحدت جو واڻ،
هڻ ٿٻي اوڏانهن، جتي واحد آ وٺاڻ،
ڪثرت ڪري قرب جي، پر محبت سندو ماڻ،
جي ڄاڻين اهو ڄاڻ، تہ وٺ راهہ "ريجهل شاهہ" چوي.

٢٥

جي سندرو ٻڌين سڪ جو ته توڪل ترهو ٻڌ،
ڇڏ سڪٽي سيٽ کي، تنهنجو ٿهائي يا اڏ:
جنهن جُوءِ ۾ جوان ٿئين، انهيءَ واٽ وڏ،
انهيءَ ريت ”ريجهل شاهه“ چوي، رک لاهوتي لڏ، کي،
ڪر پاڻ پچاءُ رڏ، ته ڏسين انهيءَ ڏيهه کي.

٢٦

جي سندرو ٻڌين سڪ جو ته ٻئي ٻڌ ٻاهون،
پيرين پئو سڀ کي، ڇڏ ٽلهيون ٽاهون،
پاڻ ٻه نه ڪر پڌرو مٿاڻن ٿئين رد راهون،
”ريجهل شاهه“ رهبر وٽ، اچي ڪر آهون،
اهي مڃ صلاحون، ته ڏسين انهيءَ ڏيهه کي.

٢٧

جي سندرو ٻڌين سڪ جو ته اٿي عوشاقن سان اور،
سارو سر صدقو ڪري، غازين مٿان گهور،
جيڏانهن راز رهبر جو، اوڏنهن چٽ چور،
سانگا سڪ وڃائي، ڏکن جا ڏونگر ڏور،
اٿئي ذوق اهو زور، ريت انهيءَ ”ريجهل شاهه“ چوي.

٢٨

جي سندرو ٻڌين سڪ جو ته سڀ زور لڱن جو لاءِ،
وٺي واٽ وحدت جي، وڃي سڄ وساءِ،
اڳيون آديسين جي، جڙي جوت جڳاءِ،
دلبر سندي دفتر تي، پنهنجو پاڻ لڪاءِ،
ڪيل قول ڪماءِ، رمز ۾ ”ريجهل شاهه“ چوي.

٢٩

جي سندرو ٻڌين سڪ جو تہ پهرين نفي ڪر نانءُ،
تڪڙ ڪر تڪو تي، اثبات چوين آ آنءَ،
بغض ڪيني هٿ وارو، اندرئون ڪڍ ڪانءُ،
صبر ۽ شڪر جو ڏار ٽڏو تون ٿانءُ،
جي اچئي اهو ڏانءُ، تہ وٺ راهہ ”ريجهل شاهہ“ چوي.

٣٠

ڏيٺو اٿئي تہ ڏي، نہ تہ ڏيڻ وارا ڏيهہ ويا،
ساري جان صدقي ڪري، ڏنئون ڪنڌ ڪپي،
پوءِ ”ريجهل شاهہ“ اهي، ٿيا گڏ گذران ۾.

٣١

اچٹو آهين تہ اچ، نہ تہ وڃڻ وارا اڳي ويا،
متان چوين مون کي، ڪنهن نہ چيو سچ،
جي گهرجئي ٻچ، تہ اچي رس ”ريجهل شاهہ“ چوي.

٣٢

اُٿٹو آهين تہ اٿي، نہ تہ اُٿڻ وارن اڳ ڏنئي،
چوٽ لڳي تحفن کي، جيڪا ترِئون گُتي،
اها مورئون مٺي، جنهن تي راز نہ ”ريجهل شاهہ“ چوي.

٣٣

ملٹو آهين تہ مل، نہ تہ ملڻ وارا ماڳ ويا،
جيڪي رهجي ويا، ”ريجهل شاهہ“ چوي، تن کي ڪين ملي تِلُ،
تنهنجو ڪيئن پرجي بل، جيڪي هيرايل هندن جا.

### ٣۴

ڳولڻو اٿئي تہ ڳول، نہ تہ ڳولڻ وارا ڳوٺ رسيا،
ڪيئن رسن "ريجهل شاهہ" چوي، جيڪي آهن گول رول،
تن جو ڪيئن پرجي بول، جيڪي پليل پلاون جا.

### ٣٥

رڙان ڏينهان رات، راهہ وٺي "ريجهل شاهہ" چوي،
ڏکيءَ کي ڏکڙا آيا، ياتئون يات،
بول ڪا ڪانگل لات، مارن جي ملڻ جي.

### ٣٦

رهيا ڪين "ريجهل شاهہ" چوي، وڃي وساياڻون ٿو وستي،
اتي آڏو تن کي، آيو آواز الستي،
وڃائي هوڏ هستي، جوڳي ويا تنهن جوءِ ۾.

### ٣٧

جوڳي ويا تنهن جوءِ ۾، ڇڏي خوديءَ واري خوءِ،
لنگهي لانگها لاهوتي، وڃي ٿيا دوءِ بدوءِ،
پوءِ اتي روءِ بروءِ - سر ڏئي سرها ٿيا.

### ٣٨

سر ڏئي سرها ٿيا، وڃي وساياڻون ويراڳ،
ڪنياڻون وڃي خوشيءَ سان، لاهوتين پنهنجو لاڳ،
منهن تن جي ڀاڳ، رلجي ويو "ريجهل شاهہ" چوي.

٣٩

رلجي ويو ”ريجهل شاهہ“ چوي، منهن ۾ لعل تن،
”الحمدالله ربّ العالمين[1] نہ بي جي ٻولي ٻڌن،
پتنگن وانگي پچن، عشق جي آڙاهہ ۾.

٤٠

عشق جي آڙاهہ ۾ جن ڪاهي ڪئي ڪاهہ،
الرحمان الرحيم مالڪ يوم الدين[2] جن ٻڌي ورتا راهہ
پوءِ ريجهل شاهہ، وڃي حقيقت سان هڪ ٿيا.

٤١

وڃي حقيقت سان هڪ ٿيا، ميرا هي ملهن،
”اياك نعبد واياك نستعِينَ “ [3]وائي وات رکن،
سي ڪيئن پنڌ پچن، جيڪي رسيا ”ريجهل شاهہ“ چوي.

٤٢

جيڪي رسيا ”ريجهل شاهہ چوي، تن پؤ نڪي پولو،
” اِهدِنَا صراط اَلمُستقِيمَ صراط الذين“ [4] اوت رکيائون اولو،
جهلولو نہ جهولو پنڌ ڪيائون ان پار ڏي.

---

[1] سڀ ساراهہ جهانن جي پالڻهار کي جڳائي.
[2] جو ٻاجهارو مهربان، قيامت جي ڏينهن جو مالڪ آهي.
[3] تنهنجي ئي عبادت ڪريون ٿا ۽ توکان ئي مدد گهرون ٿا.
[4] اسان کي سڌي وات ڏيکار جا انهن جي وات آهي.

۴۳

پنڌ ڪيائون ان پار ڏي، سيئي ٻوَ ٻڳن،
"انعمت عليهم"❶ آسرو اهو هين
سي ڪيئن رهن، جن ساري سڌ سور جي.

۴۴

جن کي ساري سڌ سور جي، سي نڪڙي ٿيا نروار،
"غيرالمغضوب عليهم والضالين"❷ اوڏهن ٿيا بيزا
توڙئون رکيائون تار، روح ۾ "ريجهل شاهه" چوي.

۴۵

روح ۾ ريجهل شاهه چوي، هين وائي وات،
"قُل هُوَ الله اَحدالله الصمدَ"❸ اها سڄاتئون ذات
هيا ڏينهان رات، پورا انهيءَ پير تي،

۴۶

پوارا انهي پير تي، سدا صبح شام،
"لم يَّلدِ ولم يُولَدّ "❹ اهو ڏنائون انجام
پي پيالو جام، وڃي رسياه "ريجهل شاهه" چوي.

---

❶ جن تي فضل ڪيو اٿئي.
❷ نہ انهن جي وات، جن تي تنهنجو ڏمر ٿيل آهي ۽ نہ ڀليلن جي وات.
❸ (اي پيغمبر) چئو تہ الله اڪيلو آهي. الله بي احتياج آهي.
❹ نہ ڪي ڄڻيائين نہ ڪي ڄڻيو ويو.

۴۷

وجي رسيا ”ريجهل شاهہ“ چوي، اصل ڪنئون عوشاق،
”ولم يَكُنلّه كفواً اَحُد“ ❶هيا پاڪن پاڪ
پوءِ تنين جي اوطاق، ڪاهي آيا ڪيترا.

۴۸

ڪاهي آيا ڪيترا، ڇڏي سڪيو ساس،
”كُل نفساً ذائقته الموت“❷ مارياڻون ماس،
ڇڏي حرص حواس، وجي رسيا ”ريجهل شاهہ“ چوي.

۴۹

وجي رسيا ”ريجهل شاهہ“ چوي، وجي ماٺيائون ماڳ،
”اِن الله مع صَابِرين“❸ اهو تن سهاڳ
واٽڙي سڀ واڳ، ڇنائون ڇوهہ مان.

۵۰

ڇنائون ڇوهہ مان، ڏنڏا ۽ ڏاڳا،
”فَاذكُرونى اَذكُركُم“ ❹ڪيائون اوجاڳا،
ٿيا پاڻ ساڳا، انهيءَ رمز ۾ ريجهل شاهہ چوي.

---

❶ ۽ سندس برابر ڪوبہ ڪونهي ڪو.
❷ سيني کي موت جو ذائقو چکڻو آهي.
❸ بيشڪ الله صبر ڪندڙن سان گڏ آهي.
❹ ياد ڪريو مون کي تہ مان بہ اوهان کي ياد ڪريان. (ق ش)

۵۱

انهيءَ رمز ۾ "ريجهل شاهہ" چوي، ڄاتائون اهو ڄاڻ،
"وَنَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيه مِنْ حَبلِ الْوَرِيْد"❶ هيو تن ساڻ،
پوءِ جن ڀانيو پاڻ، پيا تحت الثريٰ جي تري ۾.

۵۲

تحت الثريٰ جي تري ۾، وي سنيال سر،
"تُو بوالیٰ الله تَوْبته النصُوحاً"❷ اوڏانهن تون ڦر،
پر هميشہ نہ هر، انهيءَ راهہ ۾ "ريجهل شاهہ" چوي.

۵۳

انهيءَ راهہ ۾ ريجهل شاهہ چوي، هيو عين ۽ ميم،
"مَنْ عَرَفَ نَفْسَة فَقَد عرف رَبَّه، والله على العظيم"❸
اهو رحيم ڪريم، آهي اظهار عام ۾.

۵۴

آهي اظهار عام ۾، جنهن پڌرو ڪيو پاڻ،
"قَالَ اِنّي اَعْلَمُ مالا تَعلمُونَ"❹ ڄاڻي پاڻي ڄاڻ.
اهو ئي توساڻ، عين ميم الف سان.

---

❶ ۽ اسين سندس ساهہ جي رڳ کان وڌيڪ ويجها آهيون. (ق ش)
❷ الله وٽ توبهہ ڪريو سچي توبهہ (ق — ش)
❸ جنهن پنهنجي نفس کي سڃاتو تنهن پنهنجي رب کي سڃاتو. (قرآن شريف)
❹ (فرشتن چيو) اسان اهو ڄاڻون ٿا جيڪا ڄاڻ تو اسان کي ڏني آهي.(ق ش)

## ٥٥

عين ميم الف سان، اهو ئي نوري نام.
"اَلاِنسان سِرُو، اَنَا سِرُّہ"[1] رک عين ميم لام
اهو پنڌرو آ پيغام، اشارو آ ڏوتين کي.

## ٥٦

اشارو آ ڏوتين کي، ڪر انهيءَ جي ڳولَ
"الست بربڪم قالو بَلا"[2] تو ئي ڪيال قول
اجايا دل هول، رک نہ "ريجهل شاهہ" چوي.

## ٥٧

رک نہ "ريجهل شاهہ" چوي، ڪوڙي قدورت.
"اَنَا اَحَمَد بِلاَ مِيَم"[3] ساڳي ٻانءِ صورت.
هِتَ هُتَ حڪومت، آهي انهيءَ اسم جي.

## ٥٨

آهي انهي اسم جي. سڀ سان ٻلائي.
"وَيخرجُهُم مِن اَلظُلمَاتِ اِلىّ النور"[4] اها بہ سمجهہ چڱائي.
جي ٻانيئي -برائي، تہ لوڏيندئي لوءِ مڻون.

---

[1] انسان منهنجو ڳجهہ آهي ۽ مان ان جو ڳجهہ آهيان. (حديث)

[2] ڇا نہ آهيان مان اوهان جو رب (ڏٺي روحن کان پڇيو) وراڻيائون "هائو" (روحن)

[3] آءُ احمد آهيان بنا ميم جي "احد" (حضرت محمدصہ جو پاڻ ڏانهن اشارو صوفين جي خيال موجب)

[4] ۽ اسان ڪڍيو ونداهيءَ مان روشنيءَ کي (ق ش)

٥٩

لوڏيندئي لوءِ مئون، جي ڪندين اها هينس،
"وَاِذا قُلنا لِلمَلٰـئِكَته سجدو لادمُ فسجدو الاابليس"
جي رکيئي اها ريس، تہ ڪيئن پسندين پرکي.

٦٠

ڪيئن پسندين پرکي، جي پائيو تو پاڻ،
"اولائِڪَ اَصحاب النّارِ هُم فيها خالِدُونَ" اهو ئي اهڃاڻ،
ڪوئي نہ هلندئي ساڻ، ٿيندين لڄي لوڪ ۾.

٦١

ٿيندي لڄي لوڪ ۾، اصلي پڇي ٿي بيزار،
"ثم اِنڪُمُ يَومَ القِيامت تُبعَثُون" اهو آهي اقرار
اتي ڪهڙو ڏيندين اظهار، ٿيندئي پڇاڙو پرين وٽ.

٦٢

ٿيندئي پڇاڙو پرين وٽ، جڏهن ٿيندو تڪو تاب،
"مِن جاءِ بِلحسنَته فله عشرا مثالها،" اهو بہ ملندءِ حساب،
سڀ عذاب ثواب، رهندو ڪين "ريجهل شاهہ" چوي.

---

ءِ (ياد ڪر) جڏهن ملائڪن کي چيوسون تہ آدم کي سجدو ڪريو. پوءِ ابليس کانسواءِ سڀني ڪيو. (ق ش)

اهي دوزخي آهن، اهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن.(ق ش)

توهان کي قيامت جي ڏينهن جيئرو ڪيو ويندو.(ق ش)

جيڪو نيڪي ڪندو ان جو اجر ڏهہ نيڪيون آهي. (ق ش)

٦٣

رهندو ڪين ”ريجهل شاهه“ چوي، ڪوبه ڪنهن جو ٿورو
”فَمَن يَعمِل مِثقَالَ ذَرةً خَير البره،“❶ اهو به ترندو تورو
جنهن جو پاسو ٿيو زورو سي پسندا پرڪي.

٦٤

سي پسندا پرڪي، انهن ڪاڻ عيد،
”لَاتَقنَطُو مِن الرّحمتِ الله “❷ رکيائون دل ۾ ديد
رک تون اها به اميد، تي راهي ”ريجهل شاهه“ چوي.

٦٥

تي راهي ”ريجهل شاهه چوي، متان رهئي ارمان،
”کُل نفساً ذائقته الموت،“❸ تنهن کان اڳي ٿي قربان
متان پوءِ ٿئين پشيمان، جوان سنديءَ جوءِ ۾.

٦٦

جوانن سنديءَ جُوءِ ۾ هوشيار ٿي هل،
”تَوَڪَلتَ علیٰ الله فهو“❹ اهو ٻڌُ ٻل،
هلي سور سيئي سَل، اڳيون عوشاقن جي.

٦٧

اڳيون عوشاقن جي، هلي لاءِ جيءُ،
”وَسقهُمر رَبّهمر شَرَباً طُهوراً“❺ اهو پيالو پيءُ
پيير نه پوئتي ٿيءُ، وچي رس ”ريجهل شاهه“ چوي.

---

❶ ذري برابر نيڪيءَ جو به اجر ڏنو ويندو. (ق ش)
❷ الله جي رحمت مان اميد نه لاهيو. (ق ش)
❸ سيني کي موت جو ذائقو چکڻو آهي. (ق ش)
❹ الله تعاليٰ تي ڀروسو رکان ٿو. (ق ش)
❺ ۽ سندن پالڻهار کين تمام پاڪ شراب پياريندو. (ق ش)

٦٨

وچي رس” ريجهل شاهہ“ چوي، رکي اها غذا،
”جَنّٰتُ عَدنٍ تَجِری مِن تحتِهاالانهٰر“[1] وچي ماڻ مزا،
پوءِ ”ريجهل شاهہ“ رضا، ماڻن اهي ملير ۾.

٦٩

ماڻن اهي ملير ۾، سڏجن سورهہ سيئي،
”وَمَنَ عبدهٗ علم الڪتاب“[2] سڏ تنين کي پيئي،
پوءِ آهن اهي ئي، جيئرا هن جهان ۾.

٧٠

جيئرا هن جهان ۾ جن هئي اها رسم،
”يُجاهِدونَ فِی سَبيل الله“[3] رکيائون اوڏانهن رَمُ،
پوءِ اهي ئي اتم، آهن اظهار عام ۾.

٧١

آهن اظهار عام ۾، سائين وينو چئي
”لاخَوفٌ عِليهِم وَ لَا هُم يُحزَنُونَ“[4] تن کي کهڙو پئي
هلي پيش تن جي پئي تہ ٿئين سرهو سنگ سان.

٧٢

ٿئين سرهو سنگت سان، اهو قول ڪماءِ،
”قَد اَفلح المؤمنون“[5] انهن جو ڳڻ ڳاءِ،
لنئون لاهوتن سان لاءِ، رمز ۾ ”ريجهل شاهہ“ چوي.

---

[1] سدائين رهڻ جا باغ جن جي هيٺان واهيون وهنديون آهن.(ق ش)
[2] ۽ ان جو جيڪو بانهو آهي،ان کي ڪتاب جو علم ڏنائين. (عربي مقولو)
[3] الله جي وات ۾ وڙهن ٿا. (ق ش)
[4] نہ ڪو خوف آهي کين، نڪو ڏک رسندن (ق ش)
[5] ڪامياب آهن اهي مؤمن.

٧٣

رمز ۾ ”ريجهل شاهہ“ چوي، پنهنجو پاڻ مار،
”لن تنالُلبر حتیٰ تقتون“❶ ڇڏ ڪوڙي ڪار،
پنهنجو اندر اُجار، تہ ڏسين انهيءَ ڏيهہ کي.

٧٤

ڏسي انهيءَ ڏيهہ کي، جت آهي جملي جهان،
”اِنّ الله علیٰ کُلِ شيءٍ قَدِيرٌ“❷ انهيءَ جو اتي مڪان،
آهي ڪو جوان، جو رسي ”ريجهل شاهہ“ چوي.

٧٥

وڃي رسيا ”ريجهل شاهہ“ چوي، وڃي ماٺيائون ماڳ،
”فَاذكُرونى اَذكُركُم“❸ ٿيا سنجهي ٿي سجاڳ،
وائڙي ڪل واڳ، گم ڪيائون گهڙيءَ ۾.

٧٦

گم ڪيائون گهڙيءَ ۾، مدين سندا مير،
”نعم اَجرا العابدين“❹ رکيائون ثابوتي سير،
پسن تن جا پير، راتيان ڏينهان ”ريجهل شاهہ“ چوي.

❶ اوهان پنهنجي نيڪيءَ ۾ هرگز اعليٰ درجو حاصل نٿا ڪري سگهو تيستائين جيستائين پنهنجي پياري شيءِ مان خرچ ڪريو.(ق ش)

❷ چو تہ الله هر شيءِ تي وس وارو آهي.(ق ش)

❸ ياد ڪريو مون کي تہ مان بہ اوهان کي ياد ڪريان. (ق ش)

❹ هائو عبادت گذارن کي اجر ملندو. (ق ش)

٧٧

راتيان ڏينهان "ريجهل شاهه" چوي، ويا جوڳي منجهه جبل،
قال الله "وَنحن اقرب"❶ مانجهي ٿيا ملهه،
تن کي پئي ڪل، جن ڄاتو انهيءَ ڄاڻ کي.

٧٨

جن ڄاتو انهيءَ ڄاڻ کي، سورهه ٿيا سيئي،
"ان الله علیٰ ڪُل شيءِ قدير"❷ سڏ تنين پيئي،
پوءِ تنين مٿي ئي، ٿيو راز "ريجهل شاهه" چوي.

٧٩

عاشق ويا اوڏهين، جتي ڏينهن نڪا رات،
نه ڪاڻ نه پيئڻ، نه ڪائي وائي وات،
پوءِ تنين سندي ذات، ٿيندي روشن "ريجهل شاهه" چوي.

٨٠

عشق جي عام کي، ناهي سرت سچي،
ٻڌي ٻول ٻين جا، ڪيئون ڪل ڪچي،
پورا ٿيا نه پچي، انهيءَ راهه ۾ "ريجهل شاهه" چوي.

٨١

عشق جي عام کي، ناهي خبر ڪري،
نه ماڙيائون محلات کي، نه ڪولياڻون دري،
سي ڳهلا ويا ڳري، انهيءَ ريت "ريجهل شاهه" چوي.

---

❶ الله چوي ٿو: "مان ساهه جي رڳ کان ويجهو آهيان." (ق ش)

❷ چو ته الله هر شيءِ تي وس وارو آهي. (ق ش)

٨٢

عشق جي عام ڪي، ناهي سڌ ساري،
وسائي ويهي رهيا، ٻاروچن جي ٻاري،
ڪيئون ڪاڪ ڪاري،انهيءَ ريت "ريجهل شاهہ" چوي.

٨٣

عشق جي عام ڪي، ناهي سرت خبر،
ايئن منجهيا مونجهہ ۾، جيئن ڪاڏي پيت ڪلر،
نہ رکيائون نظر، انهيءَ راز جي "ريجهل شاهہ" چوي.

٨٤

عشق جي عام ڪي، ناهي پوري سڌ،
هام هڻي هتي ويا، سچي ٻولي ٻڌ،
پنهنجي رد خود، تا رلن "ريجهل شاهہ" چوي.

٨٥

عشق جي عام ڪي، ناهي محبت من،
خوديءَ ۽ خودپرستيءَ ۾، جان وڃائي جن،
انهيءَ ٻيائي ڪي ڏي ٻن، تہ رسين "ريجهل شاهہ" چوي.

٨٦

جي چوين عاشق ٿيان، تہ اچي پاءِ الفي،
حق سان هڪ ٿيءُ، نہ ٻول ٻہ طرفي،
متان حرف حرفي، رکن "ريجهل شاهہ" چوي.

٨٧

جي چوين عاشق ٿيان، تہ مورئون ڪر مات.
ڪچ پچ ڪنهن سان ڪينڪي متان ڪري پوين ڪات،
جتي حقي هات، اتي رس ”ريجهل شاهہ“ چوي.

٨٨

جي چوين عاشق ٿيان، اها پاري ڪري پوٽ،
جنهن مان مارين مان ڪي، تون ڳول اها ڳوٺ،
جي اتان ڪاڏتي موٽ، تہ ڪيئن رسندين ”ريجهل شاهہ“ چوي.

٨٩

جي چوين عاشق ٿيان، تہ سچي سنگت سڃاڻ،
فاذڪروني اذڪرم ڪم، اهو اٿئي اهڃاڻ،
ڄاڻي اهو ڄاڻ، وڃي رس ”ريجهل شاهہ“ چوي.

٩٠

جي چوين عاشق ٿيان، تہ گلا ڪؤن نہ ڏج،
سچن جي سنگت ڪؤن، تون هڪڙو چڙو نہ ڇج،
هُن پر هلي پڄ، تہ رسين ”ريجهل شاهہ“ چوي.

٩١

جي چوين عاشق ٿيان، تہ پاءِ الفي اڄ،
ڪوڙا مثال ماڻهن جا، ٻڌي ٻوڙا نہ پڄ،
ڪر ريت انهيءَ رڄ، تہ رسين ”ريجهل شاهہ“ چوي.

٩٢

جي چوين عاشق ٿيان، تہ خواري ملامت ڪڻ،
ڏار هلي ڏنارن سان، پنهنجو ڏڪي ڏڻ،
حقي هام هڻ، تہ رسين ”ريجهل شاهہ“ چوي.

٩٣

جي چوين عاشق ٿيان، تہ سچي وٺ وات،
لاهوتي لشڪر سان، گڏجي گهمہ گهات،
ڪرين ڪوڙن کي ڪات، تہ رسين ”ريجهل شاهہ“ چوي

٩۴

جي چوين عاشق ٿيان، تہ سچي وات وٺ،
خودي ۽ خود پرسي، وڃا هوڏ هٺ،
اهو ڪوڙو متو مٺ، رک نہ ”ريجهل شاهہ“ چوي.

٩۵

جي چوين عاشق ٿيان، تہ سچن سان رک سنگت،
رهبر جي رنگ سان، ساري رنگ رنگتہ
اها منگ منگت، جنهن سان رسين ”ريجهل شاهہ“ چوي

٩٦

جي چوين عاشق ٿيان، تہ محڪم بڻ ملنگ،
جهلي مهٽا ماٽهن جا، نڪري تي نسنگ،
اها محبت منگ، جنهن سان رسين ”ريجهل شاهہ“ چوي

٩٧

جي چوين عاشق ٿيان، تہ پڌ توڪل ترهو
ڪاهہ اٿي قافلي سان، تہ ملئي دان در هو
ٿي سنگت سان سرهو انهيءَ راز ۾ ”ريجهل شاهہ“ چوي

٩٨

عشق آريءَ چام جو جُهلي جهوليءَ آئيو
آءُ وس نہ پنهنجي جيڏيون، منهنجو اصل اهو انجام
محبت جن مدام سي ڪيئن رهن ”ريجهل شاهہ“ چوي

٩٩

وٺي ويهہ وجود ۾ هڪڙو ئي الله
ڪثرت جي ڪُنَ جو اٿئي اها راهہ
هي سارو ئي ساهہ صدقو ڪر ”سيد“ چوي

١٠٠

صدقو ڪر سيد چوي، تڏهن لهندين لعل
هتئون وارو مال سڀ رد ڪر ”ريجهل شاهہ“ چوي

١٠١

گذاريئي غفلت ۾ ڪيئي ڪتيون چنڊ
ڪم نہ ايندئي ڪيچ ۾ گوڙ گهمسان گهنڊ
گيرائيءَ غفلت جي، تنهنجا ورتا سَنڌَ
سج ايري مٿي آيو اجا توکي ننڊ
جوڙ جنسار جنڊ سڀ رد ڪر ”ريجهل شاهہ“ چوي

١٠٢

چڙي لاٽي لاءِ، وڃي سڪ رک سرنهن سان،
ڪنڊيءَ ٻير ڪان پاسو ڪر، وڃي لنئون لمن سانءِ،
وڃي جاءِ اڏاءِ، سنجهن هيٺ ”سيد“ چوي.

١٠٣

اٿي الفي پاءِ، نانگا انهيءَ نينهن جي،
ڪٽي گلا لوڪ جي، هلي سچ وساءِ،
اها تند وڄاءِ، جنهن سان ريجهي ”ريجهل شاهه“.

١٠٤

اٿي آتڻ هل، سندرو ٻڌي سڪ جو،
چڙي ماڙيون بنگلا، هلي پکن هيٺ پل،
ٻڌي پنهنجو ٻل، وڃي رس ”ريجهل شاهه“ چوي.

١٠٥

اٿي ڪٽڪ ڪاهه، ڏٿي هر ٻنيءَ ڪي،
بچائي جها جهرڪيءَ ڪوڻ، پوءِ لابارو لاهه،
چنڊي قوڪي راهه، وڃي رک ”ريجهل شاهه“ چوي.

١٠٦

اٿي سنجهي جاڳ، تہ ڏسين انهيءَ ڏيهه ڪي،
ريت انهيءَ ”ريجهل شاهه“ چوي، جنهن لڏو اهو لاڳ،
تن ڪي لڳو ڀاڳ، جن جاڳي جند قربان ڪئي.

١٠٧

هِنَ هُنَ ٻنهي وچ ۾، نڪو ڀانئج شڪ،
هٿ چلت هڪڙي، جيئن قلم وهي قط،
آهن حقي هِڪُ، پر ٻيائي وارن ٻہ ڪيا.

١٠٨

رڪ تار اها تن ۾، جنهن سان ريجهي "ريجهل" شاهه،
گوءِ کٽي غازي ٿيا، جيڪي آيا ننڊي سن ۾،
پوءِ گهڙي ڪن ۾، وڃي حقيقت سان هڪ ٿيا.

١٠٩

شهري بحري واهٽي، سڀ هڪ حبيب وٽ،
تيز ٿي تڪڙ ڪر، ناهي اڪئون ماڪي لاهٽي،
پر نانگا نعرا هٽي، وڃي رسيا "ريجهل شاهه" چوي.

١١٠

وٺي واٽ چارو ڪاهي پؤ ڪن ۾،
ٻچ، ٻپ ڪينڪي، وڃي ڏي تون ڏارو،
هٽي نينهن نعرو وڃي رس "ريجهل شاهه" چوي.

١١١

سيئي سانگا سٽ، وڃي رس "ريجهل شاهه" چوي،
طعنا مهٽا ماٺهن جا، سيئي لاهي لَٽِ،
ڦيٽا ڏاڳا ڪٽ، نہ تہ رولينديئي راهه ۾.

### ١١٢

چڙهي مال محل، وڃي رس "ريجهل شاهه" چوي،
دنيا جي دور جا، ترڪ ڪري طبل،
چڙهي چوٽ جبل، بانگ ڏي برهه جي.

### ١١٣

وڃي آديسين اور، راهه وٺي "ريجهل شاهه" چوي،
تن اندر جون تارون، هلي طالبن سان تور،
جيڪو پاسو تئي زور، سو پڙ لاهه پاڻ ڏي.

### ١١٤

جهٽ پٽ ڪري تاءِ، وِهي تو واسينگن سان،
سمجهي هل "سيد" چوي، متان هٽئي ڪو گهاءِ،
تو وٽ پورو نه پاءِ، گهرين تو ماڻ مٽن جا.

### ١١٥

مٺيون انهيءَ محبت جو اوهان ڪي سڙيو نه آهي ساءَ،
رهي ڏسو "ريجهل شاهه" چوي، جي جهليو اوهان تاءَ،
جن لڳو اهو واءَ، چاڻن اهي به چٽا.

### ١١٦

ڏسڻ ملڪ ملير جو چڙهي هليو جُنگ جوان،
اڳيون آديسيءَ جو اتي درس هو دڪان
هلت جا هنگلاج جي، هن ڪان ڳجهي هئي ڪانه،
پر محبت سندا مان، رهجي ويس "ريجهل شاهه" چوي

١١٧

جوان چئجي ان کي، جيڪو هلي هيٺائي حال،
ڪمزورن وانگي ڪم ۾، رکي ضعيفي چال،
پوءِ انهيءَ جوان جو حال، ٿئي روشن ريجها شاهہ چوي.

١١٨

جوان پنهنجي جوانيءَ جو نتا پائن پيو مٽ،
ٽرڙا ٽيڳرآڪڙ رکن، حسد وارو هٽ،
جڏهن پوين ڳچيءَ ڳٽ، تڏهن سنياليں "سيد" چوي.

١١٩

ڪراڙو چئجي ان کي، جيڪو جوانن سان هلي،
انئي پهر ڪم ۾، پهلوانن سان پلي،
پوءِ "ريجهل شاهہ" بلي، اهو ڪراڙو ڪائنات ۾.

١٢٠

فقير چئجي ان کي، جيڪو ڪري نہ ڪنهن کي سوال،
نہ چري نہ گهري، نہ ڏي ڪنهن سان احوال،
ٿئي "ريجهل شاهہ" رهوال، اهو فقير فيض ۾.

١٢١

امير چئجي ان کي، جيڪو ڪري عدل عام،
نہ رنجائي راڄ کي، نہ کائي طرحين طعام،
پوءِ انهير امير جو نام، ٿئي روشن "ريجهل شاهہ" چوي.

١٢٢

امير پنهنجي اميريءَ ۾، ٿا رهن مست مدام،
پائن پوشاڪون نيون نيون، رکن آن گدام،
پين ستا بادام، ڪائن رشوت ”ريجهل شاهہ“ چوي.

١٢٣

آئي پيري ويو جوڀن، سهڻا پيا سڀ سور،
هڪ ننڊ نہ اچي نيڻن کي، پيو ساري جان چور،
ٿيون سيئي عيب ايا ٿيا، چوٿون ڏينهان ڏينهان جهور،
اهي سڀ مذڪور، اچي رليا ”ريجهل شاهہ“ چوي.

١٢٤

وني هيڏو حال، وڃي توڙ ڪر طبيب وٽ،
جنهن در جو ڏس ملئي، تنهن سان وڃي جال،
پوءِ پنهنجو پاڻ سنيال، رمز ۾ ”ريجهل شاهہ“ چوي.

١٢٥

سچو تون سيد آن،تنهنجو سڀ کان اعليٰ شان،
تون مالڪ جڳ جو،اسان ڏنو آهہ منجهہ قرآن،
شان تنهنجو آ پڏرو مان ڪهڙو ڪيان بيان،
رک ميرمحمّد مان، حاجي ”ريجهل شاهہ“ جو.

١٢٦

تنهنجو در آ فيض جو سوالي هزار،
صدقي پنهنجي آل جو منهنجو اندر اجار،
دلبر هن دلگير کي، تار منجهؤن اچي تار،
سگهڙي لهہُ تون سار، حاجي ”ريجهل شاهہ“ چوي.

# متفرقه کلام

# سنڌي منقبه

پھريون ثنا ڪر تون ادا، جو واحد القھار،
ماري توڙي جياري، سڀ ان جي اختيار،
يا الٰهي العلمين، يا پاڪ ڏٽي پروردگار،
بيڪار جون بخش بديون، بيشڪ آھين بخشڻھار،
يا الله يا محمد يا علي، دلدل ھسوار،
منھنجي مدد لاءِ موڪليو عباس غازي عملدار.

١۔ کھڙي ڪريان تعريف، مٺي محمد مختار جي،
سڀ پيغمبر کان زيادہ، آ تعريف سردار جي،
پارت اٿو منجھہ حشر، گھڻي گنھگار جي.

٢۔ بعد نبي حق جو خليفو آھي علي ع حيدر ڪرار،
جنھن ڪيو اسلام کي ساري ملڪ ۾ آشڪار،
لقب جنھن جو آ سيد الله، ڪيائين سڀ قتل ڪفار،
لافتيٰ ۔ اِلاعلي لاسيف الاذوالفقار.

٣۔ حضرت خيرالنساءِ پاڪ دامن سائڻ بتول،
جگر محمد پاڪ جو خاتون جنت، دخترِ رسول،
جنھن رنجائي پاڪ دامن، خارجي سوخر مجھول،
صدقي تنھن معصوم جي، عرض منھنجو ٿئي قبول.

۴_ حضرت هادي هدايت جو ، آهي روشن ضمير،
بعد حيدر جي ٿيو اسان مؤمنن جو امير،
ڪهڙي چوان تعريف ان جي، آهي پيرن جو پير،
صدقي تنهن سردار جي، ٿئي معاف منهنجي ڪُل تقصير.

۵_ حسن شهيد ڪربلا، ڏوهٽو رسول الله جو،
ظلم ظالمن جو سهي، بچاياڻين دين الله جو،
سجدي ۾ سيد سر ڏنو، پڙهياڻين فرض فنا في الله جو،
صفت ان جي ڇا چوان، هو عاشق رباني راهہ جو.

٦_ سڀ عبادت جي آهي زينت زين العابدين،
لقب جنهن جو مشهور آهي، سيد ساجدين،
توڙي ڪربلا ۾ قيد ٿيو تہ صبر ڪيو صابرين،
صدقو تنهن بيمار جو اي پاڪ رب العالمين.

٧_ حضرت امام باقر، جنهن جو ڏاڏو آ شبيرعہ،
جيڪو پنهنجي پيءُ سان، ٿيو ڪربلا منجهہ اسير،
جنهن جو ڏاڏو نانو امام پاڻ بہ آ ابن امير،
صدقي تنهن سادات جي، پر تو هي عاجز فقير.

٨_ حضرت جعفر صادق، وفا جو آهي ڇهون امام،
مخلوق ساريءَ ۾ ڪيو جنهن ظاهر حق جو ڪلام،
صفت ان جي ڇا چوان، آ پاڪ مذهب پاڪ نام،
جلد ٿئي منهنجي شفا، هي ورد منهنجو صبح شام.

٩۔ حضرت امام موسيٰ ڪاظم، مالڪ زمين آسمان جو
ان جو جيڪو منڪر ٿيو سو ناهي ڦرُ انسان جو
برحق امام ابن امام، حڪومت هيو يزدان جو
غافل نہ ٿي هوشيار ٿي، مڃ امر رب رحمان جو.

١٠۔ علي رضا صاحب سخا، درود جنهن تي بيشمار
جنهن جي زيارت جو ثواب، آهي لکيل ستر هزار
هر گهڙيءَ هر هميشہ، هي سوال منهنجو ليل و نهار
جلد ٿئي ديدار ان جو اي صاحب، دلدل هسوار.

١١۔ حضرت امام محمد تقي، صاحب سخار سردار آ،
وارث ولهن، ضامن ضعيفن ڪاظمين ۾ اظهار آ،
بيشڪ ان جي خوشبوءِ جو ساري ملڪ ۾ هبڪار آ،
قرض ڪان مون کي ڇڏائج، تنگ ڪيو شاهوڪار آ.

١٢۔ حضرت علي نقيءَ جو آهي ڏهون امام
هادي دين اسلام جو علي نقي جنهن جو نام.

# مولود (١)

تلهہ: مدني مير مرسل پنهنجو روضو ڏيکار
پيالو آبِ ڪوثرہ هٿؤن پنهنجي پيار

١ـ سختي ڏسندا ڪينڪي، جيڪي آهن حبدار
تن کي ڏينهن قيامہ جي، پاڻ پهچائيندو پار

٢ـ تنهنجو در آ فيض جو، تو در سوالي هزار
هن مسڪين مريض جو جڏڙو جيءَ جيار

٣ـ پنهنجو پاڻ پيسا آهيون، تنهنجي آڌار
دلبر هن دلگير کي، تار منجهان اچي تار

٤ـ صدقي پنهنجي آل جي، منهنجو اندر اجارو
منهنجو سينو صاف ڪر، بخش بدين جا بار

٥ـ ناهي ثمر سآڻ مون، ناهن مون وٽ دينار
پنهنجي گنج خزاني مان، سيد مون کي ڏيار

٦ـ "حاجي ريجهل شاهہ" جي، سِگهڙي لَهُہ تون سار
شال وري اکين سان ڏسان مدينو اطهار

# مولود (٢)

ٽلهه: سچو تون سيد آن، تنهنجو سڀ کان اعليٰ شان،
جتي گهمايون پيرڙا، اهي سُرها ٿيا چوغان.

١. تون محبوبؑ ربّ جو، تنهنجو رتبو بلند مڪان،
تون مالڪ جڳ جو اسان ڏٺو منجهه قرآن،
شان تنهنجو آ پڌرو، مان ڪهڙو ڪيان بيان.

٢. سڀ آدم کان مٿي تنهنجو خلقيو خدا خاندان،
ڏک ڏسندا ڪينڪي، جن آندو توتي ايمان،
جن جي سڪ سچڙي، تن کي درس ملندو دان.

٣ـ جن پنهنجي جند کي، ڪيو سيد تئون قربان،
تن جو ڏينهن حشر ۾ پوندو مرسل مير ضمان،
صحيح سڃاڻ سيد کي، اي غافل رک ڌيان،

٤ـ ٻجهي تو ڏينهن حشرت جوَ ادا اٿي ڪر سامان،
”ريجهل شاهه حاجيءَ“ جو رک مير محمد مان،
وري ڏسان اکين سان، شل مديني جو ميدان.

# مرثيو (۱)

زندگيءَ جو راز آهي، داستانِ ڪربلا،
پاس ٿيو سو جنهن ڏنو امتحانِ ڪربلا.

۱- زندگيءَ انهيءَ جي جون، رنگين ڳالهيون،
تاريخ لکي رهي آهه، بعنوانِ ڪربلا.

۲- زندگي ٿي روشن، حضرت حسين کان،
عرش تائين روشن آ، چراغانِ ڪربلا.

۳- انسانيت ٿي فوت ٿي وئي، دورِ يزيد لعن ۾،
جيئرو ابنِ علي، انسانِ ڪربلا ۾ .

۴- نہ ٿئي شبير شهيد، تہ انسان مثل حيوان هو
ڪيئن فطرت پلائي سگهندي، احسانِ ڪربلا.

۵- شبير خون سان سيرآب ڪيو باغِ انبياء،
آهي دين اسلام جو گلستان ڪربلا.

٦- حسين جهڙو قاري پيدا نہ ٿيو جهان ۾،
جنهن پڙهايو زيرِ خنجر قرآن ڪربلا ۾.

۷- منهنجو وطن سابق لکي، خاندان موسوي،
زوار ٿيس جڏهن ڏٺم ميدانِ ڪربلا.

۸- ”حاجي ريجهل شاهہ“ جو موجوده وطن کهڙا شريف،
لاشڪر لکياري، لاهوت آ لامڪان ڪربلا.

# قصيدو (۱)

اسان جو رهنما هادي آهي اچڻ وارو.
هٽائي غيب جو پردو آهي ظاهر ٿيڻ وارو.

۱ـ ڏينهون ڏينهن وڃي ٿو پيو،زمانو ظلم سان پربو،
نہ ٿيو دلگير اجهو آيو عدل کي قائم ڪرڻ وارو.

۲ـ خانا جنگي خوني جهڳڙا، وڌي وئي زور بدامني،
فسادن جي بنيادي پاڙ اجهو آيو پٽڻ وارو.

۳ـ ڪيا ٿي ظلم جن شخصن، ٿيندا ذليل زماني ۾،
اڳيون مظلوم جي ظالم، هاڻي آهي جهڪڻ وارو.

۴ـ جيئن جيئن وقت ٿو ويجهو وڃي ٿيندو ظهوريءَ جو،
تيئن تيئن تخت تئون، هر هڪ ٿيو پاڻهي لهڻ وارو.

۵ـ اهو انسان خوش ٿيندو، جنهن جو مرشد هاديٌ مهدي،
ٿيندو حقدار حڪومت ۾ امامت کي ميڄڻ وارو.

۶ـ جيڪو چوندو ناهي ناهي، هن ڪلام کي هر هر،
انهيءَ جي لاءِ آ "ريجهل شاهہ" هميشہ دعا گهرڻ وارو.

# قصيدو (٢)

ٿلهه: حيدر اسان جو رهبر، شيرِ يزدان آ،
جن بشر جو مالڪ شاهِ مردان آ.

١ـ وارث وسيلو واهر، مؤمنن جو مولا،
هِتِ هُتِ اسان تي جنهن جو هر احسان آ.

٢ـ غافل نہ بڻ اي بندا، امامت مير عليءَ جي،
اهو ڪوڙ نہ ڀانءِ منهنجو شاهد قرآن آ.

٣ـ اڃا ڀي تو نہ سمجهيو تہ ڪٿي تنهنجي قسمت،
تنهن ۾ اسان جو ڇا ويو تنهنجو نقصان آ.

پوندئي خبر قبر ۾، تڏهن تون چوندين،
سچ ئي چيو "ريجهل شاهہ" اهو ارمان آ.

# سرائڪي ڪلام

# كافيون

(١)

تلهہ: انت بحر دي ڪل نهين پوندي،
عشق دي چال نرالي هي.

١_ جنهان چاتا انت انهين ڪون،
جگر انهان دا جلالي هي.
عشق دي چال نرالي هي.

٢_ لاڪي نينهن جنهن قدم هٽايا،
سمجهو خرد جالي هي.
عشق دي چال نرالي هي.

٣_ عشق امام جنهن اپنايا،
اهو مرد حلالي هي.
عشق دي چال نرالي هي.

٤_ راز اهين وچ "ريجهل شاهہ"
محڪم مست موالي هي.
عشق دي چال نرالي هي.

(٢)

ٽلهه: آجا آجا، آجا ميڏا همدرد، سهڻا مشڪل ڪشا حيدر،
تيڏي سوا نهين تيندي، لڙائي مور فتح خيبر.

١ـ بحڪم رب پڪاريا ها، چاليهين روز نبي محمدﷺ،
مدد ڪر يا عليءَ ميڏي، آ دلدل اُتي چڙهه هيڪر.

٢ـ پڙهيا نادِ علي سرور، اتان سڻيا سڻڻ والي،
اک چنب دي وچ آ وچ، لا ڪي نال غلام قمبر.

٣ـ جنهن سڀ دي مدد ڪيتي، اوهي مرشد "ريجهل شاهه" دا،
بنهان دي مرشد ڪنون، ميڏا مرشد هي بهتر.

(٣)

ٽلهه: آيا بنڪي اساڏا راهه نما، يا نورِ هُدا، يا شيرِ خدا،
هي ساڏا شافعي روز جزا، يا نورِ يا شيرِ خدا.

١ـ جو در علي دي آيا هي، او سمجهو حلال دا جايا هي،
انهن دا هويا بت سوايا، يا نورِ هدا يا شيرِ خدا.

٢ـ جنهن پنيا آڻ در حيدر دا،او سمجهو خاص هي بندا ربّ دا،
نهين خوف اُنهين ڪون روزِ محشر دا، يا نورِ هدا يا شيرِ خدا.

٣ـ "ريجهل شاهه" دا امام علي، تان سڏ ويندا غلامِ علي،
ڏي سين پر جام علي ڪوثر دا، يا نور هدا يا شيرِ خدا.

(۴)

ٹلهہ: آيا حيدر پير جرار آيا،
بڻڪي يومِ جزا دا مختيار آيا.

۱ـ جن و بشر دا سلطان علي، بڻ هر هڪ دا سردار آيا،
جبرائيل دا استاد هي، اُتي مرشد بڻ نروار آيا.

۲ـ قيامت ۾ ملسين جام اُهن ڪون، جو اِهِن در تي حبدار آيا،
جنهن علي ڪون نهين سڃاتا، تيڪي اهو مردار آيا.

۳ـ سڪندر جهڙي شاهہ اِهِن در تي گدا ڪيئي هزار آيا،
"ريجهل شاهہ" ڪون چمندي لا، در علي دا درڪار آيا.

(۵)

ٹلهہ: بعد نبي رهبر ساڈا، حيدرِ ڪرار هي،
بت شڪن خيبر ڪُشا، او قاتل ڪفار هي.

۱ـ ڪيتي نبي سرور حديث وچ مقام خمِ غدير،
جنهن دا مين سردار هان، اوندا علي سردار هي.

۲ـ جو حيدري مريد هي، قسم خدا يقين ڪر،
تحقيق اهو روز حشر، ڪوثر دا حقدار هي.

۳ـ حق غضب ڪيتا جنهان سيّد سردار دا،
قسم خدا انهان ڪنون، "حاجي ريجهل شاهہ" بيزار هي.

## (٦)۔ سُر لوڙائو

ٿلهه: بيان نون ڪجهه مين نہ آکان،
جو ڏيکان سو مين ڳاوان.

١۔ آپي ڳولان، آپي ڦولان، آپي ملهه ملهاوان،
آپي ڏيکان، آپي ويکان، آپي سر سمجهاوان.

٢۔ آپي مرشد، آپي رهبر، آپي هادي هُلاوان،
آپي عاشق آپي معشوق، آپي بار اٺاوان.

٣۔ آپي شريعت، آپي مسلم، آپي ڪفر ڪماوان،
آپي ”ريجهل شاهه“، آپي جهڳڙا، آپي نينهن نياوان.

## (٧)

ٿلهه: تون دردان دا دارون دوا يا محمّد
ٿيوي جلد ميڏي شفا يا محمّد.

١۔ دنيا دي غمان ڪنون دور هووان،
اهو سوال تيڪون سدا يا محمّد.

٢۔ غم هو وي زيادن حسين سخي دا،
بيا ڪوئي غم نہ ڏيکان يا محمّد.

٣۔ ”حاجي ريجهل شاهه“ تيڏي در تي آيا،
هرگز نہ خالي ولا يا محمّد.

## (٨) _پ

تلهه: پير اسا ڏا اعليٰ اعليٰ، راهه بتاوڻ والا،
هي اعليٰ اعليٰ اعليٰ.

١_ مشڪل ويلي جبرائيل ڪون، توحيد پڑهاوڻ والا،
هي اعليٰ اعليٰ اعليٰ.

٢_ جن بشر ڪون دنيا اندر، دين سکاوڻ والا،
هي اعليٰ اعليٰ اعليٰ.

٣_ روز حشر دي هادي حيدر، ڪوثر پلاوڻ والا،
هي اعليٰ اعليٰ اعليٰ

۴_ اوکي ويلي هر مؤمن ڪون، پار پهچاوڻ والا،
هي اعليٰ اعليٰ اعليٰ.

۵_ "حاجي ريجهل شاهه" نام علي دي، ورد ڪماوڻ والا،
هي اعليٰ اعليٰ اعليٰ.

(٩)

ٿلهہ: جو ڪجهہ سمجهو سو ڪجهہ مين هون،
هر دل دي اندر هون.

١_ غافل سمجهو غافل هون، جاهل سمجهو جاهل هون،
پڙهيل سمجهو تہ عالم هون، هر لقب دا لنگر هون.
هر دل دي اندر هون.

٢_ سچل بہ مين هون، بلا بہ مين هون، بيدل بيڪس بيحد مين هون،
لاهوت لامڪان اسا ڏا، سارا صاف سمندر هون.
هر دل دي اندر هون،

٣_ جي سيّد سمجهو سيد هون، جي امتي سمجهو اُمتي هون،
جي شاهہ سمجهو شاهہ هون، فخري دارا سڪندر هون.
هر دل دي اندر هون.

٤_ جي حاجي سمجهو تہ حاجي هون، چڙو "ريجهل شاهہ" تہ بہ راضي هون،
مرد سمجهو تہ غازي هون، جي سمجهو يار تہ نينگر هون.
هر دل دي اندر هون.

(١٠)

ٿلهه: حسين علي دا نبي دا، ڏلارا،
دلبند زهري حسنؑ دا سهارا.

١ـ حسين حمايت مؤمنان دي هر دم،
جنهن دي در دا گدا سڪندر ڊارا.

٢ـ حسين دي در دا ٻڌو خاص بردا،
انهين پاڪ نام دا نہ ڪر تون وسارا،

٣ـ ”ريجهل شاهہ“ دا مرشد مولا هي ضامن،
جنهن چايا هي ساڏي گناهان دا بارا.

(١١)

ٿلهہ: حيدر دين مبين نبي دا ڪلما پاڪ پڙهايا،
مرحب جيهي بهادر دا، حيدر نام مٽايا.

١ـ نبي محمد مونڍيان تي، ساڏي پير ڪون چايا،
چڙهہ ڪي دوش اطهر تي ڪعبا صاف بنايا.

٢ـ نهين سٽيا ڪوئي حيدر ني سوالي خالي ولايا،
ايند همسر ڪون ٿيوي، جنهن دا پرور شان وڌايا.

٣ـ ٿيڪي گداگر ”ريجهل شاهہ“ حيدر دي در آيا.
آسين تون پيي تان رحمت نازل، نهين تان تيڏار آيا.

(١٢)

ٿلهہ: حيدر شير ببر نرُ، حق دا ولي هي،
جو دارين جا مالڪ، تي رهبر علي هي.

١_ نهين ڪوئي رهبر، علي دي سوا،
هويا جنهن دا واصف،رَبّ جلي هي.

٢_نهين خوف انهن ڪون، بروز حشر،
جنهن ڪون حُبَ حيدر دي دل ۾ رلي هي.

٣_ مَنِ يا نہ من تون، اها ميڏي ڳالهہ،
”ريجهل شاهہ“ دي ڪيتي تان اها ڳلي هي.

(١٣)

ٿلهہ: رب ڏتيان علي ڪون مختياران،
علي ٻڏيان ٻيڙيان تاريان.

١_ نابينان ڪون اکيان گهن ڏيندا حيدر،
جو طاقت نهين ڪنهن هٿاريان.

٢_ جو منڪر ٿيسين ميڏي پير دا،
انهان جيتيان بازيان هاريان.

٣_ سؤ سالان دي مُبان ڪون حيدر جوايا،
خدا جاتا علي ڪون نصيريان.

٤_ ”ريجهل شاهہ“ خدا هي ٻڙا لا شريڪي،
انهن دي در دي اڳون ميڏيان زاريان.

## (١٤)

ٿلهہ: ريجھہ اهين وچ رمز رلاڪي،
لوڪ دي خواري چائي مين.

١ـ قلب ساڏا قبلا ڪعبا، سچي بات سڻائي مين،
لوڪ دي خواري چائي مين.

٢ـ جهڙا رنگ هي ڪعبي دا، انهين رنگ دي الفي پائي مين،
لوڪ دي خواري چائي مين.

٣ـ قرب انهين وچ قدم جنهان دا، بيشڪ انهين دا پائي مين،
لوڪ دي خواري چائي مين.

٤ـ حال حقي وچ "ريجھہ علي شاھہ" ڪهڙي ڪيتي وڏائي مين،
لوڪ دي خواري چائي مين.

## (١٥)

ٿلهہ: زماني وچ نهين ڪوئي، علي شيرِ خدا وانگون،
نہ هي پيدا نہ هو سين ڪوئي، علي دستِ خدا وانگون.

١ـ ميڏا مولا سخي ايجها، قطاران ڪر عطا ڏيوي،
ڪري ڪوئي ايجهي سخا، علي ابرِ سخا وانگون.

٢ـ اَنا عَلي مِنُ النّورِ وَاحِدٍ، ڪيتي حديث نبي سرور،
علي ڪون سمجھہ تون مؤمن، محمد مصطفيٰ وانگون.

٣ـ ڪري ڪيا وصف ريجهل شاھہ علي شير غضنفر دي،
آوي بشر ڪوئي هڪ رات، چاليہ جالا فتيٰ وانگون.

(١٦)

تلھہ: ساڏا حيدر پير ڪرار يا علي،
لهسين جلد خبر هر بار يا علي.

١ـ مشڪل ۾ سلمان ڪون، بچايا شير ڪنون،
تان مشڪل ڪشا هي سردار يا علي.

٢ـ خيبر وچ فرمايا نبي ڪنون، آيا وحي،
ڪيتي مدد نبي دي نروار يا علي.

٣ـ "ريجهل شاهہ" دي مولا آپڪون هي صدا،
ول پيي تيوان مين تيڏا زوار يا علي.

(١٧)

ٿلهہ: ساڏي پير دي در تون سوالي،
وليا نهين خالي.

١_ روٽي دا سائل گهن ڳيا قطاران،
ستر اُٺ ديانِ مليان مهاران.
بڻ ڳيا خزاني دا والي.

٢_ توڙي ها دشمن ملجم دا جايا،
انهن ڪون شربت حيدر پلايا.
اها سخا هي نرالي.

٣_ امت خاطر بڇڙا ڪهايا،
راهِ خدا سارا مال لٽايا.
مؤمنان دي لڄ پالي.

٤_ حقي حب مولا تيڏي ميڪون،
هر دا حال معلوم تيڪون،
حرامي توڙي حلالي.

٥_ علي دي در تي ڪوئيہ آيا،
”ريجهل شاهہ“ مطلب سارا پايا.
گهن ڳيا رتبا عالي.

(١٨)

ٽلهہ: ساڏي ريت تي رمز نرالي،
لهسن حقي حلالي واڻ وصالي.

١ـ ڏيک کي ابتي چال اسا ڏي
ڦر ڳئي سنگت سمالي ماڻهو مثالي.

٢ـ ضد حسد وچ رهہ ڳئي رهزن،
بڻ ڳئي درس دجالي، خام خيالي.

٣ـ مرشد مطلوب ڇوڙ کر اهين
در در ديد دلالي پينو پلالي

٤ـ ”ريجهہ علي شاهہ“ رهبر جو
بڻ وچ ملنگ موالي، ڇوڙ جلالي.

(١٩)

ٽلهہ: سانون عشق لڳا، اج ڪلهہ دا نهين،
اج ڪلهہ دا نهين، ڪن پل دا نهين.

١ـ عشق اسا ڏا دائم قائم، لوڪان دي جهل دا نهين،
اج ڪلهہ دا نهين، ڪن پل دا نهين.

٢ـ عشق اسا ڏي سيني سمايا، اتون وَلِ، ولدا نهين،
اج ڪلهہ دا نهين، ڪن پل دا نهين.

٣ـ عشق دا راهہ حقيقي مطلب، سوا مرشد ملندا نهين.
اج ڪلهہ دا نهين، ڪن پل دا نهين.

٤ـ ”ريجهل شاهہ“ رهبر جتان رنگ لاوي، ريۀ رهبر رنگ رلدا نهين،
اج ڪلهہ دا نهين، ڪن پل دا نهين.

## (٢٠)_ سُر ڪلياڻ

ٿلهہ: سانون عشقان زمزان لايان وي،
لايان وي، سيني سمايان وي،

١_ ڪنتا ڪولابا، ڪڙيان الفيان،
عشق ني ميڪون پوايان وي،

٢_ چوڙ ڪي شاهي ڳڌي سي گدائي،
وسرڳيان سڀ وائيان وي،

٣_ رنگ اهين وچ رتڙا "ريجهل شاهہ"
نظر ڪيتي جڏهان سائيان وي،

## (٢١) ـ سُر پيروي

ٿلهہ: سانون عشقان سبق سکايا،
ساڏا انت نهين ڪنهن پايا.

١ـ تيڪون گذر ڳيان ڪيئي ڪتيان،
اجا تيڏيان منجهيان متيان،
توڙ وچ تليان ڪُتيان.
تان پيہ ڪنهن نہ پڙهايا.

٢ـ آ تان تيڪون مين سمجهاوان،
صفا سچا رستا بتاوان،
بہ ڪي سارا حال سڻاوان.
پيچي ول تيڏا رايا.

٣ـ لهسن ڳوڻ ڪي مرد مام،
سڻ حاجي "ريجهل شاهہ" دا ڪلام،
ڪيا جاڻن ملان قاضي خام.
جنهان دين، دنيا تي وڃايا.

## (٢٢)_ ص

ٽلهہ: صدقا صدقا ميڏا مرشد، عجب اعليٰ تيڏي دربار،
جند جان گهماوان، گهول ٿيوان، قربان مين لک وار.

١_ فقير آڪي سوال ڪيتا، مولا ميڪون ڏيوو روٽي،
عيوض روٽي دي سائل ڪون، ستر اٺ دي ملي مهار.

٢_ تڏهان منان مين پيرانهنڪون، جڏهان ڏيکان علي وانگو
چاليهہ جاءِ تي اڪ چنيپ وچ، ڪري آڪي روزا افطار.

٣_ تيڏي در عرض هي مولا، ”زوار حاجي ريجهل شاھہ“ دا،
قبر قيامت دي وچ مولا، سڏن ميڪون تيڏا حبدار.

## (٢٣)

ٽلهہ: عشق اندر ہِر آتش لاڪي،
جيءَ ہِر جوش جڳايا هي، رنگ لايا هي.

١_ پاڪ شراب دا پيالا ڀر ڪي،
ساقي سانون پلايا هي، رنگ لايا هي.

٢_ مرشد سانون موج اُنهين وچ،
رندي راھہ بتايا هي، رنگ لايا هي.

٣_ حقي حقي استاد اسان نون،
آ ڪر سبق سڪايا هي، رنگ لايا هي.

٤_ ”ريجهہ علي شاھہ“ راتيان ڏينهان،
محبت مچ مچايا هي، رنگ لايا هي.

(٢۴)

ٿلهہ: عشق دي بات سنو مل يائي،
عشق عجب آبادي هي، آزادي هي.

١ـ عشق دي وچ اسرا الاهي،
عشق اصل بنيادي هي، آزادي هي.

٢ـ عشق هي رهبر هر ڪر دا،
عشق بنا بربادي هي، آزادي هي.

٣ـ عشق ڪون اولاجنهان بنايا،
عشق مدد انهان دي هي، آزادي هي.

